www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي- او آزادي!

(شاعري)

ڊاڪٽر مرتضيٰ کوسو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب: آزادي- او آزادي

مصنف: مرتضيٰ

ڪمپوزنگ: اسٽار بوڪ ڊيپو، قاسم آباد، حيدرآباد

سال اشاعت: 2015ع

تعداد: 500

قيمت: -/250 رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

سائين
جي.ايم سيد
جي نانءُ!
جنهن جي پيغام ۾........
صدين کان
سنڌ جي آزاديءَ
جو پڙاڏو ٻُڌو!
۽ من اندر ۾“
چاهت جي چڻنگ!
قديم سنڌ ديس
جي عظيم سنڌو سيپيتا
پيار، اَمن جي وادي سان،
سُهڻن، سڀاجهن، منڙن
ماڻهن سان،
عشق جي
آڳ لڳائي-!!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيتا

شهيد راڻي،
سنڌ جي نياڻي،
محترمه بينظير ڀٽو!
جنهن لاءِ
سنڌ سڏڪندي رهي..........
دنيا ڏسندي رهي .....!؟
ڪروڙين اکيون آليون ٿيون،
ڳوڙها ڳاڙينديون رهيون
صدين ڪان،
سنڌ جون صدائون
رت ۾ لت پت سوڳوار هوائون
وارن ۾ وجهي واري،
ماتم ڪنديون رهيون
ڪراچي ڪان ڪشمور تاءِ
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تاءِ
گهر گهر ۾
شام غريبان!
احتجاج ٿيندو رهيو
آمر! ڏسندا رهيا
ڏند ڪرٽيندا رهيا
سنڌ تڙپندي رهي
چوندي رهي
او- قاتل....!
توکان بدلو وٺنداسين
خُون جي قطري قطري جو
سُڏڪي سُڏڪي جو.....!!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

- وايون 19
- ڪافيون 49
- گيت 61
- غزل 119
- بيت 153
- چار سٽا 183
- ترائيل رينگا، پنج ڪڙا 199
- ٽيڙو 205
- نظم 217
- آزاد نظم 235
- نثرائو نظم 239

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

ڪرڪٽا لاهي، سڪ نہ سُتا ڪَڏهن (شاهہ)

سياسي شعور چهنڊڙي پاتي، عظيم آدرشن، عشق، انقلاب ۽ آزادي جي لؤن لڳي، چاهتن جي چٽنگن، ٽڏڙين هيرن، پن ڇڻ جهڙن لمحن، ڪونجن جي ڪرڪن، چيٽ چانڊوڪين، مهراڻ جي موجن، اميدن جي ٽڙندڙ مکڙين، سرنهن ڦولار جي سُرهي خوشبو، ڳيرن جي گھُوڪُو، تترن جي تنوارن، پڳهہ ۾ شل هارياڻيءَ جي هور هور .... معصوم پتڪڙن هٿڙن ۾ پاروٿن لولن جي رُڪن ٽڪرن، لانگ بوٽن جي ڪڙين جي ڪٽ ڪٽ، گولين جي ٺانٺا........گھٽين ۾ گونجندڙ نعرن ۽ ڳاڙهن جهنڊن جي سُرخ چانورن ۾ پيغام لطيف، سنڌ جا سورما، Guns and Olive branch، ڳاڙهو لالٽين، جلاوطني، ڪپر ٿوڪن ڪري، گيت اسانجا جيت اسانجي، غدار (ناول) ۽ شاعرن جي سرتاج لطيف سائين جي رسالي ڪي پڙهڻ ۽ پروڙڻ سان باقاعده لکڻ جو شوق ٿيو. پوءِ ڪلڪ ۽ ڪاغذ کڻي (اندازاً 1984 کان 1996ع بين سرگرمين سان گڏوگڏ شاعري ڪئي ڪي اسم ڪجهہ اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا جيڪي موجود نہ آهن، اُهي ”معصوم“ مرتضيٰ ڪوسو جي نالي سان ڇپيا).

نوري پبليڪيشن جي ڪڙي ”بارود ۽ انسان“ ڪيي. (ڊاڪٽر عبيدالله سومرو، ستار ٻبر ۽ ٻيا گڏ هئا) سنڌي ادبي سنگت، قلجي ۾ ”ماڻڪتارو“ تاريخي ماڳ جي تحقيقي سيمنيار ڪرايو جنهن ۾ تاج صحرائي، حاڪم علي شاهہ بخاري، غلام حيدر چنہ، احمد حسين چنہ، الهہ نواز رکٽائي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ ادبي ويهڪون ڪرايون. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (برانچ قلجي اسٽيشن) ۽ عارضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح جوڙيل ”ڪاهوڙي سنگت“، ” هيلٿ ويلفيئر ايسوسيئيشن“ جي پليٽ فارم تي ڪم ڪيو. ميڊيڪل ڪئمپون، حفاظتي ٽڪن جون مهمون، سيمينار، لوڪ رنگ پروگرام ڪرايا. صحت جي تعليم ۽ عام ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ سرگرميون ڪيون جن ۾ غلام رسول ڪوسو، مشتاق پنهور، خادم حسين جويو، ڊاڪٽر قربان جهتيال، محمد حسن (بابو) سولنگي، آس رمضان، دودو چانڊيو، مجيب سومرو، مصطفيٰ سومرو ۽ ٻيا دوست ساڻ رهيا. ”دارون“ ميڊيڪل مئگزين جون 2 ڪڙيون (ڊاڪٽر احمد علي ٻگهيو ۽ مون) ڪڍيون. سگا حيدرآباد ۾ (عارضي جنرل سيڪريٽري طور ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. (جنهن ۾ ڊاڪٽر فيض محمد ميمڻ حاجي خان ڪوسو، سڪندر پرڳڙي، عارب دائوداڻي ۽ ٻيا گڏ رهيا). 2001ع ۾ ڪل سنڌ مشاعرو ڪرايو ۽ شاعر دوستن ڪي سگا مونو گرام جون شيلڊون ڏنيون (جيڪي مون ۽ هڪ دوست پاڻ ٽُڪ ڪري هٿن سان تيار ڪيون هيون) سنڌي ٻولي جي موهن جو دڙو اسڪرپٽ جي ماهر عطا محمد ڀنڀرو کان ليڪچر ڪرايو ۽ سگهڙن جي ڪانفرنس ڪرائي. پوءِ W.H.O طرفان سنڌي ريٽ پوليو خلاف هلندڙ مهمن جي نگراني جو موقعو مليو (45 رائونڊ هلي چڪا هئا)جهرجهنگ، ميدان جبل جهاڳي انهن معصوم ٻارن تائين (ڌاڙيلن، خطرن باوجود) پهتاسين جتي سرڪاري ٽيمون ڪڏهن پهتيون ئي نه هيون. بهرحال صحت کاتي جي آفيسرن جي ڏمر هيٺ اذيت پوڳي ....! W.H.O جڏهن پالسي بدلائي اختيارين جي رحم ڪرم تي هلڻ لاءِ چيو ته ڪم ڇڏي ڏنوسين.

بهرحال سياسي، ادبي، سماجي ۽ صحت کاتي جي ادارن ۾ سرگرم ٿي ڪم ڪري ڪافي چرڪائيندڙ مشاهدا ۽ تجربا ٿيا ۽ ڪيئي ڪرتوت سامهون آيا. (جيڪي زندگي رهي ته اهي لکبا ضرور) منافقي، چاپلوسي، چمچاگيري، غنڊاگردي، بداخلاقي، سستي شهرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ نامر نهادي ڪان پاڻ کي بچائيندي سچ، سُونهن سرمستي انسان دوستي جي احساسن سان مادر وطن سان نينهن نڀائڻ جي وس آهر جاکوڙ جاري رکي. سياسي ڌڙابندي، ادبي ادارن ۾ گروهه بندي ۽ اخباري بيانن، ڊرائينگ رومر ورڪ ۽ سماجي ادارن ۾ ناني ويڙهو، مايوس بہ ڪيو پر سچ، سُونهن ۽ سِنڌ سُمهڻ نہ ڏنو. 98 کان حيدرآباد شفٽ ٿي آيس. فيمليءَ سان قاسمر آباد ۾ رهائش آهي. ننڍڙي گهر ۾ چئن ٻارن صنمر — ارمر- سرمد ۽ علي رضا سان رهون ٿا.

بنيادي صحت مرڪز "خدا جي بستي" ۾ ديوٽي ڏيندي، ويني ويني سوچيندي، "عظيمر سنڌ جا ياڙي حڪمران"، جي عنوان تي لکڻ جو خيال آيو.......... تاريخ جا ڪجهه ڪتاب ورتا ۽ کي لائبريري ۾ پڙهڻ شروع ڪيا...... تہ جيئن ورق ورايا، خيال بہ آرس ڀجي ڪر موڙيندا رهيا ۽ پوءِ "تاريخ سنڌ جو اهمر احوال ۽ جائزو" ۽ "صدين کان .... سنڌ لاءِ مزاحمتي جنگون ۽ ويڙهون" جي موضوعن تي لکڻ شروع ڪيو. جنهن تي 90% ڪمر ڇڏايو آهي باقي تيار ڪري اميد تہ ڇپرائيندس. ان دوران پنهنجي شاعري کي ڇپرائڻ جو خيال آيو. جنهن لاءِ 29 مئي 1990 ڏهاڙي پنهنجي سالي غلام نبي، ڀاءُ غلامر سرور، خان محمد ۽ جيون ساٿي ثريہ سبحان کي وصيت ڪئي هئي تہ جيڪو اسان مان بچي اهو شاعري ضرور ڇپرائي جنهن کي ياد ڪري کلندا آهن. (نيو ڪراچي لعل مارڪيٽ ۾ MQM جي لساني دهشت گردن طرفان جديد هٿيارن، دستي بمن، پيٽرول بمن، باهه بارود ۽ بمن جي بوڇاڙ ۾ اسين فيملي سان رهيل هئاسين. صبح جو 5 وڳي کان حملو ڪيو، جيڪو 2 وڳي تائين هليو)

دهشتگردن سان آخري گولي ۽ آخري ساهه تائين دوبدو ٿي ويڙهه وڙهڻ جو فيصلو ڪيو هو ۽ پوءِ جڏهن پوليس ۽ فوج اسانجا لاشا کڻڻ لاءِ پهتي هئي تہ اهي دهشت گرد پاڪ فوج زنده باد ۽ پاڪستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زنده باد، سنڌ کي ڏاڪو، دادو کي ڏاڪو مرده باد جا نعرا هڻي رهيا هئا. جن جو ڀهروپي ڪردار اجا سوڌو جاري ساري آهي!!؟

مطالعو ئي ڪندي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي انهن ۾ ڪجهه نوان لاڙا به رکيا اڪثر چند تي شاعري آهي ڪجهه غزل نظم عروض تي به لکيا آهن. ان دوران نثر به لکيو، مضمون، سياسي تجزيا، ڪجهه ڪالم ۽ ڪي وري سياسي، ادبي، سماجي پروگرامن تي تبصرا به لکيا، ٻه چار ڪهاڻيون به لکيون،اسٽيج ڊرامو به لکيو. انهن کان علاوه صحت جي موضوع تي ڪافي ڪجهه لکيو آهي. پوءِ ڄاڻي واڻي اندازاً 10-8 سال شاعري نه ڪئي. هاڻ وري لکڻ شروع ڪئي آهي.

شاعري جو مجموعو اوهان جي اکڙين آڏو ۽ هٿن مبارڪن ۾ آهي. ڏاڍي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. دل پرجي آئي. اياز جي وائي جهونگارڻ لاءِ

ٿڙي پوندا ٿارئين، جڏهن ڳاڙها گُل
تڏهن ملنداسين!

حق موجود
سات سلامت

ڊاڪٽر مرتضيٰ ڪوسو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مهاڳ

شاعري ڪتاب ”آزادي — او- آزادي“
شاعر ڊاڪٽر مرتضيٰ ڪوسو

آئون 9 راني آرڪيڊ، مين واڏو واهه،قاسم آباد، حيدرآباد واري سر اياز لطيف پليجي صاحب جي آفيس ۾ وينو هئس ته شام جو 3 وڳي ڊاڪٽر مرتضيٰ ڪوسو صاحب پنهنجي ننڍڙي نينگر (علي رضا) سان گڏ اتي آيو حال احوال ڏيندي چيائين ته پنهنجي شاعري جو ڪتاب پيو ڇپرايان ان لاءِ اوهان مهاڳ لکي ڏيو پر هڪ هفتي ۾، مون چيو نيڪ آ. ڪوشش ڪندس.

ياد رهي ته آءٌ هن وقت شيخ اياز صاحب جي دڳ تي آهيان يعني وڪالت به ڪري رهيو آهيان ۽ شاعري کي به وقت ڏئي رهيو آهيان. هت هيءُ به ڳالهه واضح ڪندو هلان تي جيئن شاعري ادب ۽ موسيقي کي زندگيون کپن تيئن وڪالت کي به زندگيون کپن. ڏاڍي وسيع فيلڊ آهي. آءٌ هن وقت سر اياز لطيف پليجي صاحب جي هيٺان آهيان سندس ئي فرم ۾، سندس ٻين جونيئر پارٽنرس جبار چارڻ، محسن چانگ، خالد ٿهيم، عامر لاکو، معشوق پرڳڙي، شاهد مري، ميڊم زينت اقبال سيد، ميڊم آدرش انور ڪيريو، ميڊم فاريا شاهه، ميڊم نورالحسين، ميڊم نازيه سمون ۽ ٻين ساٿين سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهيان.

شاعري ۾ مون شاهه حسن (سخي لال شهباز قلندر) شاهه عبداللطيف ڀٽائي، بلا شاهه، غلام فريد، وارث شاهه، ماڌو لال حسين، سيد احمد شاهه (استاد بخاري) سيد امداد حسين شاهه (امداد حسيني) شمشيرالحيدري، محترمه مريم مجيدي صاحبه، جي جي نورالهدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ ۽ رعنا ناهيد رعنا کي بار بار پڙهيو آهي. سندن شاعري مان حظ حاصل ڪيو آهي. هونءَ تہ منهنجا سوين بيا شاعر بہ پڙهيل آهن. جن ۾ شيڪسپيئر، وردس ورٿ ڪولرج، ڪيٽس، بائرن ، ملٽن، والٽ وٽمن، گوئٽي، ٽيگور، ڪبير، ساحر لڌيانوي، فيض احمد فيض، قتيل شيفائي ۽ پروين شاڪر بہ اچي وڃن ٿا. اهو هر شاعر تي منحصر آهي تہ هو ڪهڙي شاعري ٿو ڪري. منهنجي شاعري يا موديتي شاعري، مجازي شاعري يا قومي شاعري يا انقلابي شاعري باغيانہ سماجي شاعري يا انساني حقن جي شاعري، ڪيسيتي شاعري ۽ اگهاڙي شاعري کي تہ گهٽ ۾ گهٽ آءٌ شاعري ڪو نہ چوندس چو تہ شاعري اها آهي جيڪا چرڪائي ڇڏي، سوچڻ تي مجبور ڪري، ڳائڻ تي دل گهري، ماڻهو جهونگاريندو رهي، بار بار پڙهي تہ بہ دل نہ پرجي ۽ پرائي کي بہ پنهنجو بنائي ڇڏي. سستي ۽ معياري شاعري ۾ جادو وارو اثر هوندو آهي ۽ شاعر جي مريدن ۾ واڌارو ڪري ڇڏيندي آهي.

پٺائي جو بيت تہ ”ڳوليان ڳوليان م ملان مَ ملان هوت

من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سين ماني ٿئي.“

شيخ اياز جي هي سٽ ” ڪنهن سان تنهنجي ياري آهي، سچ وڏو ڏوهاري آهي“

يا

”ذات وڏي شي نہ آهي، پر سچ وڏي شي آهي“

شمشير جي هي سٽ:” دل جي ڳالهہ زبان سان ڪجي تہ ڪيئن ڪجي“

تاج جوئي جومصرع: ”ذات جي ڏيهہ ۾ رات ٿيڻي نہ آ“.

۽ بين ڪيترن شاعرن جون اهڙيون مصرعائون ياسٽون آهن جيڪي انمول هجن ٿيون.

مون پنهنجي زندگي ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد راڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترمہ بي نظير ڀٽو صاحبہ، محترم رسول بخش پليجو صاحب، محترم اياز لطيف پليجي صاحب، سائين جي ايم سيد صاحب، محترم عبدالواحد آريسر صاحب، محترم ڊاڪٽر قادر مگسي سائين جلال محمود شاھہ صاحب، محترم بشير قريشي صاحب ۽ محترم ممتاز علي ڀٽو صاحب، غلام مصطفيٰ کر صاحب ۽ عبدالحفيظ پيرزادو صاحب جون تقريرون الاهي ٻڌيون آهن.

مخدوم محمد زمان طالب المولي صاحب، شيخ اياز، استاد بخاري، آثم ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي، راز ناٿن شاهہ، تنوير عباسي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر آڪاش انصاري، حليم باغي، راشد مورائي، سرڪش سنڌي، سرمد چانڊيو، تاج جويو، نصير مرزا، غفار تبسم، علي دوست عاجز، تاجل بيوس، پروانو ڀٽي، ادل سومرو، اياز گل، مختيار ملڪ، اسحاق راهي، نواز رڪٽائي، نواز عباسي، احمد سولنگي، رجب ٻگهيو، محترمہ مريم مجيدي، محترمہ خيرالنساءِ جعفري، جي جي نورالهديٰ شاھہ صاحبہ، امبر مهڪ، فقير سائين رحمان بابا امر سنڌو صاحبہ، ڊاڪٽر رخسانہ پريت چنڙ شبنم گل صاحبہ عرفانہ ملاح صاحبہ زيب نظاماڻي صاحبہ، ميڊم مرحب قاسمي، ميڊم رعنا ناهيد صاحبہ سان ادبي ڪچهريون ٿينديون رهيون ۽ سنڌن وڏيڪ خيالات ادبي پروگرامن ۽ مشاعرن وغيره ۾ وڃڻ جو موقعو مليو.

ڊاڪٽر مرتضيٰ کوسو صاحب هن ڪتاب جو شاعر مون جڏهن بہ ڏٺو تہ مون کي هميشہ مانيٽو ۽ فهميده نظر آيو. هن کي مون سدائين مصروف ڏٺو. سائنس جو ماڻهو آهي ئي تہ صحيح پر هن جي شخصيت جوهڪ پهلو سماجي خدمتگار وارو بہ رهيو آهي تہ هڪ پاسو وري ادبي بہ آهي. پاڻ سائين سماجي توڙي ادبي فنڪشن بہ ڊاڪٽر احمد علي ٻگهيو صاحب ۽ ٻين دوستن سان گڏجي ڪرائيندو رهندو آهي. تنهن ڏينهن مليو تہ چيائين تہ 14 فبروري تي مشاعرو ڪرائي رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان ان ۾ ضرور اچجو. مون کيس چيو ته آءُ وري شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ياد ۾ هڪ مشاعرو ڪرائي رهيو آهيان اوهان به پنهنجي شاعر دوستن ۽ ڊاڪٽر احمد علي ٻگهيي صاحب سان گڏ ضرور شريڪ ٿجو.

ڊاڪٽر مرتضيٰ کوسو صاحب جي شاعري جي ڪتاب ڪي ڏسڻ تي آءُ نه رڳو خوش ٿيو آهيان پر مونکي حيرت به ٿي آهي ته هيءَ هيتري ساري شاعري ڊاڪٽر صاحب ڪٿي لڪايون رکيو وينو هو. وڏيڪ خوشي ان ڳالهه تي ٿي آهي ته هيءَ هيتري ساري شاعري اڄ ڪتابي صورت ۾ آڻي نه رڳو ان کي محفوظ بڻائي رهيو آهي پر پنهنجو پورهيو جيڪا اصل ۾ قوم جي امانت هوندي آهي اها سهيڙي چيرائي قوم جي حوالي ڪري رهيو آهي.

ڊاڪٽر مرتضيٰ صاحب پنهنجي شاعري تي ڪتاب جو جيڪو نالو ڏنو آهي ان ۾به وڏي ڏاهپ سمايل آهي. جنهن مان ظاهر آهي ته ڊاڪٽر صاحب انتهائي حڪمت عملي جو قائل ۽ ڏاهو ماڻهو آهي.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ وايون،ڪافيون گيت، غزل، بيت، چارسٽا، ترائيل، رينگا، پنج ڪڙا، ٽيڙو، نظم، آزاد نظم ۽ نثراڻو نظم ڏنا آهن. واين جي شروعات هڪ پر بهار پر منظر وائي سان ڪري ٿو. هن وائي کي عنوان ڏي ٿو. ”آئون اڳي ئي گهايل ايڏو گهور نه گوري“ ته ڪاوائي ”گيت بغاوت جا“ وائن ۾ موضوع جي لحاظ کان هر رنگ پري ٿي ۽ منظر نگاري پڻ ڪري ٿي. هڪ وائي ۾ لکي ٿو ” چٽن جهليا قوتا، مٽرن قريون قريون“.

هڪ وائي ۾ ”آزادي او آزادي“ لفظن کي به آڻي ٿو. واين ۾ پنهنجي ڌرتي جي مختلف منظرن کي به خوب پيش ڪري ٿو. هڪ وائي ۾ ”چاندوڪيءَ جا چڪ پائڻ“ جو خوب اصطلاح استعمال ڪيو اٿس. ”چنڊ ڪڪرن جو کيل به “ خوبصورت وائي اٿس. مهڪ منهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسنديده لفظ آهي. اهو بہ خوب نڀايو اٿس. ”لتر پُڇي چڪر ڪي“ بہ واهہ جو نڀايو اٿس. تڇ نہ بخشڻ بہ واهہ جو استعمال ٿيو آهي. هڪ وائي جو عنوان اٿس ”ڦڙڪندا ڳاڙها جهنڊا“ سندس واين ۾ منظر ڪشي ڏاڍي آهي. پڙهو سندس وائي ”شهر واهڻ، گهٽي، گهٽي“ ”پن چڻ، ٽڙي ٽاري“ وائي بہ واهوا! ”مڇ مارڻ لاءِ هڙ مورڙا ٿي پئو“ واهہ سندس وائي آهي ” هيءُ ظلم نہ آ ڀيو چا آهي وري وري پڙهڻ جهڙي آهي ”دهشتگردي مرده آباد“ وائي بہ واهہ جي آ.

ڪافين جي حصي ۾ عشق ڪندي هو روئڻ جو سچ بہ ڳالهائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ محبت ڪرڻ ڪانسواءِ ڪو بہ انسان رهي نہ ٿو سگهي. ڏاڍيون سهڻيون تشبيهون استعمال ڪيون اٿس. سنڌو ۽ ان جي پاڻي کي ساري ۽ خوبصورت منظر نگاري پيش ڪري ٿو. دل جي ڳالهہ زبان سان بہ ڪندو ٿو رهي. سندس هيءُ خيال ڏسو ”ڳرجا ۾ تا گهنڊ وڄن يا تون ٿين ٺهڪين، پاڻي گهاگهر ڇلڪي يا تون ٿي ڇلڪين.“

گيتن جي ڀاڱي ۾ قومي رنگ بہ ڀريو اٿس. پڙهو گيت ” ونئي ڏي مونکي ڪتاب بابا“ گيتن ۾ ديس جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو. سيني گيتن تي پاري گيت اٿس. چوي ٿو. ”مرڻ تائين مرتضيٰ تون بہ تہ نڀائي، توڙ“ اسين ساٿي پيار جا بہ سنو گيت لکيو اٿس. وک وک اڳتي وڌٿو آهي تہ گيت بہ سنو لکيو اٿس. ”نار ڳاڏي تي ناري“ سنو لکيو اٿس. ”رُسي وئي ڏات الا بہ سنو گيت اٿس. ”منهنجو پرين الا ننڊ ڪري گهل گهل ٽڏڙي هير گهل“ ڪيڏو پاٻوهہ آهي سندس هنن سٽن ۾.

سندس غزلن جي ڀاڱي ۾ جدت پسندي جا خيال اُڀامن ٿا. غزلن ۾ نواڻ آهي. ڊاڪٽر مرتضيٰ سماج ۾ ٿيندڙ بيواجبين جو اولڙو ڏيکاري ٿو. سندس هڪ غزل جو شعر آهي ” ڪا بہ تہ نہ آهي ڪاري ڪو بہ تہ نہ آهي ڪارو. ڪوڙي غيرت آڙ ۾ ماڻهن منهن ڪارو“ ڊاڪٽر مرتضيٰ پنهنجي هڪ غزل ۾ هيءُ سچ ڳالهائي ٿو جيڪو سچو غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنو آهي " شاعري مونکي ادائن آهي سبڪاري" ۽ سندس دل ڪجھ هيئن بہ چاهي ٿي" شال منهنجي مٿان چانو تنهنجي هجي.

سندس چوسٽن ۾ گهرائپ ۽ فڪر آهي فڪري سگھ آهي لفظن جو وهڪرو آهي ترائيل، رينگن ۽ پنجڪڙن ۾ شايد ڪتاب جو عنوان پنهنجي هڪ رينگي مان لکيو آهي جرئت جو اظهار ڪيو اٿس.

بيتن جي ڀاڱي ۾ سنڌ جي تاريخ چٽي ٿو. وڏي بهادري جو مظاهرو ڪيو اٿس. مورڙي مانگر مڇ واري سان شڪايت ڪندي لکي ٿو. "مورڙا تنهنجي شهر ۾ ڪي ئي ٺهڪ ڪنا.

گولين مينهن اٺا سنڌين سڀاجهڙن تي.

جيڪو ماڻهو رڳو سندس بيت پڙهي تہ ڪتاب جي قيمت اتي ئي چڪتو ٿي ٻي سڀ شاعري مفت ۾... اڄ جيڪڏهن شيخ اياز زنده هجي ها تہ مرتضيٰ جا هي بيت ڪيس ضرور پڙهايان ها. "ڪانئر ڪري ڪڪ مان جڻ نہ امڙ مون. چوندينءَ گيدي تون جي پڇي ايندس ميدان مان" ڪجھ بيت سرائڪي ۾ بہ لکيا اٿس مثال طور هي بيت

ميڏا مُحب ميڪڻ تي آيا ئي مهمان

الله دا احسان پرين آپ آيا ئي

ٽيڙو ڀاڱي ۾ ٽڪڙين شادين تي مزاح ڪندي لکي ٿو.

چوري جائي مس، ماڻس ڳولي مٽن مان، ڏنس هڪڙي سس. ڀهراڙي جي هڪ منظر هيئن پيش ڪري ٿو.

پيس ياد ڪري

پورهيت پري پيٽ سان

ڪنئين جيئن پري

نظم جي ڀاڱي "او امان او امان منڙي امان". زبردست لکيو اٿس آءُ ڪيئن وجان اسڪول نظم بہ واھ واھ. آءُ جڏهن هينئر سندس نظم پڙهي رهيو آهيان. تڏهن دل چاهي ٿي تہ مرتضيٰ جيڪڏهن پرسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي هان تہ پني تي نپڪي ڏئي ڪيس اهڙن سنن نظمن تي داد ڏيان هان. سندس نظمن پڙهندي خوشي ٿي تہ سندس مطالعو سنڌ جي تاريخ جو سنو آهي ۽ ذات بہ سندس ساٿ ڏنو آهي سندس نظم پڙهندي لڳ ڪاندارجي وڃن ٿا. سندس نظم "ناحق خون وهيو" بہ پڙهڻ جهڙو آهي. ۽ سرسبز سنڌو ماتري، نظم بہ لڳي ٿو تہ استاد بخاري جي شاعري کان نيڪ ناڪ متاثر آهي.

آزاد نظم واري پاڳي ۾ شاعري ڪندي ڳاڙهو ڳيرو تي پيو آهي. سندس آزاد نظم "آءُ ڪنهن بي جيون جو پاڇو آهيان". غضب آزاد نظم آهي. آزاد نظم ڳاءِ پتائي" بہ واهہ واه. نثرائي نظم جي پاڳي ۾ سندس هڪ نثري نظم آهي. پاٽياري ڪٽي تي جيئن گهڙي تي گهڙو. شاعري پڻ آهي فن اهڙو ان ڪانپوءِ اوج موج نثري نظم بہ اٿس ۽ بيا بہ ڪيترائي نثري نظم لکيا اٿس. سندس هڪ آزاد نظم جي شروعات هيئن آهي. چوڻ جيڪو چاهيان چئي نٿو سگهان. لکڻ جيڪو چاهيان لکي نٿو سگهان. آءُ سمجهان ٿو تہ شايد هينيون ڳالهيون چوڻ ۽ لکڻ چاهي ٿو. پنهنجي شاعري ۾

اي منهنجا رب منهنجي سنڌڙي سدا آباد ۽ آزاد رهي!
اي منهنجا ڌٽي ......!
اي منهنجا خلقٹهار سندس ڌرتي تان دهشتگردي جو خاتمو ٿئي!
اي منهنجا ڏاتار ساري دنيا سان گڏ سنڌ جي ماڻهن کي خوشي ۽ خوشحالي عطا فرماءِ!
اي منهنجا مالڪ خالق اسان کي پنهنجي ڌرتي جي وسيلن جو وارث بناءِ!

ائين اهو بہ تہ منهنجي شاعري ۾ تخليق ۾ اضافو فرماءِ
ڊاڪٽر مرتضيٰ ڪوسو صاحب درياجي ڏيمي ڏيمي چولين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيان شاعري جي سفر ۾ رهيو ۽ سنڌ ڌرتيءَ جا سور به لکندو رهيو آهي. جيستائين ڪو به شاعر پنهنجي ڌرتي جي ڏکن سکن تي نه ٿو لکي. تيسين ان کي مڪمل شاعر ڪيئن ٿو چئي سگهجي.

ڊاڪٽر مرتضيٰ ڪوسو صاحب شاعري جي ٻنهي پهلوئن فڪر ۽ فهم، ڏات ۽ ڏانو سان خوب نڀايو آهي مسلسل نڀايو آهي. ڪا ٿي به ڊاٻو نه ڪيو آهي. ساهي نه پٽي آهي. وقت سان گڏ سندس شاعراڻي ۽ تخليقي قلم به ڪم ڪندو رهيو آهي.

سندس مڪمل شاعري پڙهڻ کانپوءِ آئون ان نتيجي تي پهتو آهيان ته ڊاڪٽر صاحب مطالعو سان گڏوگڏ سنگت ڪچهرين مان به جلد اثر ورتو آهي. شايد ان ڳالهه جي شاهدي ڊاڪٽر احمد علي ٻگهيو صاحب به ڏئي سگهي.

آئون ڊاڪٽر صاحب کي هڪ نماڻي راءِ به ڏيان ته مونکي شاهه حسين، ڀٽائي، شيخ اياز ۽ استاد بخاري کان پوءِ محترمه مريم مجيدي، جيجي نورالهديٰ شاهه، شمشيرالحيدري، شبنم گل، سرڪش سنڌي، احمد سولنگي، رعناناهيد رعنا، مرحب قاسمي، ڊاڪٽر رخسانه پريت چنڙ، محترمه ريحانه چنڙ، امر سنڌو، سرمد چانڊيو، راشد مورائي، تاج جويو، نصير مرزا ۽ ٻين نوجوان شاعرن جي شاعري جام وڻندي آهي. پاڻ به انهن کي ڪڏهن پڙهي ڏسي، مونکي اميد آهي ته پاڻ پنهنجي ساءُ ۽ محبتن سميت آباد رهندو. آمين

سرور نواز ٻگهيو
مريم گارڊن، ڪوٽڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



وايون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائي

اج موسم پيار جي۔
آئي آئي آئي.
ڦُڙُ ڦُڙُ ڦُڙُ ڦُڙُ جُهڙُ ڦُڙُ، مِنڙي مُند بَهار جي۔
آئي آئي آئي.
ٿڌڙي هوا ٿڌڙا ڪڏي، ياد ڏياري يار جي
آئي آئي آئي.
سُرهي سُرهي خوشبوءِ، گُل ڦُل ۽ ڦولار جي۔
آئي آئي آئي.
مرڻ تائين ”مرتضيٰ“ وفائن اقرار جي۔
آئي آئي آئي.
اج موسم پيار جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ري منهنجي ڪانءُ تي سَري ـ
جاني جاني او جاني!
ڪُڏندي لُڏندي ڪنڌي ڌي، تي هرهر هرڪا وير وري ـ
جاني جاني او جاني!
تکڙا طوفان طعنن جا هِن، بيڙي ڍُوندي ٻُڏي تَري ـ
جاني جاني او جاني!
سور سارا ساڻ سهڻيءَ سان، ميهر ميهر ڪري ـ
جاني جاني او جاني!

مون ڪي مور جي ٿور جو قسم،
جيجل سنڌڙي جيئندي سدا.
پوک پنهنجيءَ تان جهار تڙي ـ هاريءَ هڪل هور جو قسم،
جيجل سنڌڙي جيئندي سدا.
ٿر ڪاچي آ ڏُکر ڏاڍو، اٽيي ماني پَور جو قسم،
جيجل سنڌڙي جيئندي سدا.
هوشو، هيمون، دولهه، دودا، سَهسين سِرن گهور جو قسم،
جيجل سنڌڙي جيئندي سدا.
ڪينجهر جي ڪنڌي ڳُلڙا ٽڙندا، اچڙي ڳجي ڦور جو قسم،
جيجل سنڌڙي جيئندي سدا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ اڳيئي گهايل،

ايڏو گهُور نہ گوري!

منهنجي دِل جي دنيا آهي، هيڪل وياڪَل_

ايڏو گهُور نہ گوري!

اجا ناهي اُنو مِينهن، اچڙو تر تہ اُڄايل_

ايڏو گهُور نہ گوري!

ڪينجهر ڪنڌيءَ تي، ڪي ڪنول ڪومايل_

ايڏو گهُور نہ گوري!

اڪڙيون اوسيئڙي، الاهي او جاڳيل_

ايڏو گهُور نہ گوري!

آءُ اڳيئي گهايل.

رڳن مان ڪڍي رت،

لکو گيت بغاوت جا.

ٽُو ٽُو ٽُوڪاريو، غلاميءَ سندو بوڙ پت_

لکو گيت بغاوت جا.

وطن وطن ڪفن ڪفن چئي، پاڙيو پنهنجي پت_

لکو گيت بغاوت جا.

حق پنهنجا وڙهي وٺو_ جندڙي جيسين ساهہ ست.

لکو گيت بغاوت جا.

رڳن مان ڪڍي رت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِنَا! تنهنجي مُرڪڻ سان،
دل کي چين ملي ٿو.
رُسي رُسي گهڙي گهڙي، هر هر پرين پرچڻ سان_
دل کي چين ملي ٿو.
اک اک سان ٽڪرائي، جام عشق پيئڻ سان_
دل کي چين ملي ٿو.
ٽڏڙي ٽڏڙي هير لڳي، ڦُڙ ڦُڙ بوند وسڻ سان.
دل کي چين ملي ٿو.

رنگ برنگي محفل
تو ري ءَ نہ آئڙي.
پيرين پايل، ڇِم ڇِم مسلسل
تو ري ءَ نہ آئڙي.
چنڊ ڏاڍو حسين، لهر لهر چنچل_
تو ري ءَ نہ آئڙي.
لبڙا گلابي ۽ ڪيچلي ڪِل ڪِل_
تو ري ءَ نہ آئڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏڙا ساهہ پريانـ

توکي ساري سانورا!

تڏڙي هِير گُهلي، بُوند بُوند بهاريان.

پيرين پنڌ پرين ڪري، تولئہ ڏونگر ڏاريان.

ڪونجون ڪوهہ وريون، ڪرڪا آءٌ ڪريان.

توکي ساري سانورا!

تڏڙا ساهہ پريان.

ڪونجون ڪوهہ وريون،

اجا نہ ورئين تون پيارا!

چٽن جهليا ڦوٽا، مٽرن ڦريون ڦريون.

روئندي راتيان ڏينهن، اکڙيون بہ ڪونہ ٺريون_

لڪ لانگها لنگهندي ”مرتضيٰ“ رتيون تريون.

اجا نہ ورئين تون پيارا!

ڪُونجون ڪوهہ وريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تورو مون ڏي سُر تہ سهي،
او آزادي او آزادي!
ٽِڪ ٻڌي ڌرتيءَ تي تون، ٻيلي هيڪر ئي ٻُر تہ سهي.
او آزادي او آزادي!
ڏيهہ سڄو آ ڏياچ، سورمن ڪان سِرڙا گهُر تہ سهي.
او آزادي او آزادي!
سوين سِسِيون سوڍن جون، تارازي پُڙ ۾ تُر تہ سهي.
او آزادي او آزادي!
وڻ وڻ تي ڳاڙها جهنڊا، انهن مٿان تون اُڏر تہ سهي.
او آزادي او آزادي!
تورو مون ڏي سُر تہ سهي.

تنهنجي اکين ۾ آڪيرو،
منهنجو الاڙي منهنجو.
هر شام توڏي اُڏري اچان، وارت گهاٽن واهيرو.
منهنجو الاڙي منهنجو.
دل جي دروازي تي دلبر، لِڪيل چٽو پٽو پيرو.
منهنجو الاڙي منهنجو.
يادن جي گلڙن تي گلشن، هر هر "مرتضيٰ" پيرو.
منهنجو الاڙي منهنجو.
تنهنجي اکين ۾ آڪيرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شفق لالي شامِڙي،
جوڙي جوڙي جهومي تي.
ڪيڏي نہ اُڄ اساٽ، لب لب تي بوتل وسڪي،
جوڙي جوڙي جهومي تي.
جِهرمِر جِهرمِر چهرا، ڏيمي ڏيمي آ روشني،
جوڙي جوڙي جهومي تي.
وڪري زلفن خوشبوءِ واھ مَڌر مَڌر موسيقي،
جوڙي جوڙي جهومي تي.
سَنهڙا سَنهڙا ٽهڪڙا، سُرهي سُرهي آ سانجهڙي،
جوڙي جوڙي جهومي تي.

مئہ ڪده ۾ ساقي،
ڪنهن کي تون ڳولين.
موڪيءَ جي مَٽ ۾، هڪ ڦُڙي نہ باقي،
ڪنهن کي تون ڳولين.
گهوٽ گهاٽي گهائيا، چاڏيءَ مِڪَ چاڪي،
ڪنهن کي تون ڳولين.
تنهنجي محب ماري، هت وردي خاڪي،
ڪنهن کي تون ڳولين.
مئہ ڪده ۾ ساقي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ساهہ جوئي سهڪو،
سُڄاڻ پيو تو سنڌڙي!
باک ڦُٽيءَ ويل، لانگ ٻوٽن جو ڪڙڪو.
سُڄاڻ پيو تو سنڌڙي!
سرعام چونڪ چونڪ تي، ڦٽڪن جو ئي ڦهڪو.
سُڄاڻ پيو تو سنڌڙي!
ڦاهي مٿي ٻي ڏوهي، مٽڪن جو ئي ٺڙڪو.
سُڄاڻ پيو تو سنڌڙي!
سهڻي وچ سير ۾ اجا، ڪُنن جوئي ڪڙڪو.
سُڄاڻ پيو تو سنڌڙي!
تنهنجي ساهہ جوئي سهڪو.

ڪر ڌرتي سان پيار
مايوس نہ ٿي تون ساٿي.
ٻَنَ ڇڻ ڪان پوءِ ئي، هت ايندي آهي بهار.
ڳاڙها ڳوڙها ڳڙن، لائي نيڻن ۾ نهار.
جڏ ملندي آزادي، لهندو يار انتظار.
مايوس نہ ٿي تون ساٿي.
ڪَرِ ڌرتي سان پيار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏڙي تڏڙي هير،
چڪ پائي چانڊوڪي،
سمنڊ ڪناري سانورا!، ورندي اچي تي وير.
چڪ پائي چانڊوڪي،
اکڙين ڪي او جاڳو، ٽِمر ٽِمر نيٽين نِير.
چڪ پائي چانڊوڪي،
نڪي گرھ نڙيءَ مان لنگھي، نڪي وٽي ڪنڍ ڪير.
چڪ پائي چانڊوڪي،
محبت ۾ "مرتضيٰ" لڳن لڳتين تکا تير.
چڪ پائي چانڊوڪي،

انتر منتر ۽ جادو جنتر،
آءُ اوري تون اک ڇنڀ ۾.
لهنڌڙ سج ڏکها پاڇا، شام ڳگن چانئي دلبر
آءُ اوري تون اک ڇنڀ ۾.
سپنا ٻہ تہ سندر تنهنجا، پر آمهون سامهون بهتر.
آءُ اوري تون اک ڇنڀ ۾.
"مرتضيٰ" پنهنجو مَنهڙو آ، دل جي ڪعبي اندر.
آءُ اوري تون اک ڇنڀ ۾.
انتر منتر ۽ جادو جنتر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهر ڪينجهر جي ڍنڍ ڪناري،
الا اسين اجايل پکي او..
محبت جي مئہ مان هڪڙي سُرڪي ڪو پياري.
غلط رسمن جا گُليلا هڻي، توهر ڪو اسان کي اُڏاري.
وچ سِير ۾ سُهڻي هر هر پئي، مَيهر مَيهر کي پڪاري.
"مرتضيٰ" ماٺهو مِهڻا ڏين، نِڪر، پِتر، پَتر الاري.
الا اسين اجايل پکي او....

چنڊ ڪڪرن جو کيل،
وٺي واهہ واهہ دل کي.
تنهنجي وارن چوٽي، سَرس سُونهين رابيل.
وٺي واهہ واهہ دل کي.
ڪارونجهر جي ڪور، نچي مور سان گڏ ڏيل.
وٺي واهہ واهہ دل کي.
ڪَر ڪَر ڪُونجون ڪرڪن، ڪوهہ ۾ ئي تينلو مَيل.
وٺي واهہ واهہ دل کي.
مهڪ هوا ۾ مٺيءَ، ڦُڙ ڦُڙ ڦُڙ ڦُڙ وني هيل.
وٺي واهہ واهہ دل کي.
چنڊ ڪڪرن جو کيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زلفن جي رُخسارن سان کيچل ڏسي،
دلڙي هرکي پئي.
چولي ڳچيءَ سهڻو گج سيتل ڏسي.
دلڙي هرکي پئي.
ٽپڪي انب جهڙو جوڀن هيڪل ڏسي،
دلڙي هرکي پئي.
ماڪ ڦڙن ۾ گل گلشن ڌوتل ڏسي
دلڙي هرکي پئي.
نينهن نشي ۾ ناري پيتل ڏسي،
دلڙي هرکي پئي.

جي تون ٻيي هن کي ڀائيندي،
هيءَ ٻُونءِ بہ توکي ڀائيندي،
ٻ ٻ ٻ ٻ ٻاتي ٻوليءَ ۾، بيت ٻتائي جا ڳائيندي.
هيءَ ٻُونءِ بہ توکي ڀائيندي.
جي کِلندي کُڏندي خوشيءَ مان تون، اجرڪ ٽوپي ٻيي پائيندين.
هيءَ ٻُونءِ بہ توکي ڀائيندي.
ڏاهر، هوشو، هيمون کي تون، پنهنجو هيرو ئي چوائيندين.
هيءَ ٻُونءِ بہ توکي ڀائيندي.
جڏهن بہ بيجل سِر جي سَينِ هني، مُرڪي ڪنڌڙو ڪپائيندين.
هيءَ ٻُونءِ بہ توکي ڀائيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يُورل! هِن پيري
ورئين نہ واهيري.
سرڪي منهنجو ساهہ الا.
مون ننڊ نہ آ نيٽين
جوڙي هر آڪيري.
سڪي منهنجو ساهہ الا.
تو چو ائين ڪيڙو
من ”مرتضيٰ“ هيري.
سڪي منهنجو ساهہ الا.

نار ٻاڏيءَ تي ناري!
ڪنهنجا گيچ ٻائين.
ڪوڏين سان راند ڪري، من وياڪل وندرائين،
ڪنهنجا گيچ ٻائين.
لڙڪن جي تو لوڙن مان، نير نيسر ۾ وهائين.
ڪنهنجا گيچ ٻائين.
ٻُڪ يري او گوري! اج اندر جي اُجهائين.
ڪنهنجا گيچ ٻائين.
”مرتضيٰ“ نيٺ ملنداسين، ميندي هٿن تي لائين.
ڪنهنجا گيچ ٻائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ديول مسجد مندر،
پلپل تنهنجي پوڄا.
تون ئي آن ڪعبو قبلو، تون ئي آن گھر جا گھر.
پلپل تنهنجي پوڄا.
ٺمِ ٺمِ ٺمڪن ڏيئا، ڏينهن رات من اندر.
پلپل تنهنجي پوڄا.
مئي خاني ۾ ”مرتضيٰ“ آ اُڃ انئي پهر.
پلپل تنهنجي پوڄا.

او سنڌڙي! تو ۾ ساهه، نينهن نيائينداسين.
گھاٽي پيڙجن هڏڙا، سِيخن پڃري ملهه.
اڳيان تہ اونهو پاٽي، پويان ٻڙڪي باهه.
جيل، ڦٽڪا، ڦاهيون، ڪندا، گوليون راهه.
مرڻ تائين ”مرتضيٰ“ چئہ جيئي سنڌ پساهه.
او سنڌڙي! تو ۾ ساهه،
نينهن نيائينداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او ساتي هلندا هلو،
پَـنـڌ اجـا آ پَـري.

صبح سانجهي، آڌيءَ جو، وِک وک وڌندا هلو.
پَـنـڌ اجـا آ پَـري.

ور، ور، وڪڙ، لڪ لانگھا، چوٽيون چڙهندا هلو.
پَـنـڌ اجـا آ پَـري.

هٽين، پيرين ۽ مُونڙين، راهون رڙهندا هلو.
پَـنـڌ اجـا آ پَـري.

آزاديءَ وايون، گيت ڌرتيءَ جا، پلپل پڙهندا هلو.
پَـنـڌ اجـا آ پَـري.

سڄڻ پنهنجا سڀ ساري، ويريءَ سان وڙهندا هلو.
پَـنـڌ اجـا آ پَـري.

مروسيون پر سنڌ نہ ڏسيون، سڀ چوندا هلو.
پَـنـڌ اجـا آ پَـري.
او ساتي هلندا هلو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهو ڪُهاڙيءَ ڳن،
لَترِ پُڄي چَڪِر ڪي.
بختاور جي پُونءَ تان ياڙي ڪٽڻ زوري اَن.
ڏڪي ڏرتي ڏٽين، ڏاريا ڏوٽن تا ڏن.
سانگين جي سُڏڪن، هت ڪير نہ ڏئي ڪن.
پيٽ بڪيو پورهيت، گهڙي روز مرشد تو ڏن.
بي ياڙي جي ياڪر، سُڪي چهچ سائو پن.
لتر پڄي چڪر ڪي.
وجهو ڪهاڙي ڳن.

لانگ بوٽن جي لُر لُر.
ڪنهنجي ڪانہ هلي.
ڪين ڪنهن کي پلئہ پوي، حقن جي گُهر گُهر.
ڪير بہ محفوظ ڪونهي، گهر گهر ۾ تہ ڦُر ڦُر.
ٻلو تو ٻوڙ وڄائي، ٻڏي نہ ڪا چُر چُر.
ڪنهن جي ڪانہ هلي،
لانگ بوٽن جي لُر لُر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچي سمجهي آءُ.
پنهنجو پنڌ اٽانگو آ.
پُونءِ بٽي ٿامِٽي، تتو ترين تاءُ.
گهاٽي هڏا پيڙجن، گهٽو گهرو گهاءُ.
انقلاب، آزادي، گهُري رَت ريتو ياءُ.
ڪڏهن تج نہ بخشيندي، توڪي مون ڪي ماءُ.

پورهيت آ پيٽ بُکي،
ڏکن پويان ڏڪڙا.
ولهہ تي سُمهن بچڙا، چباڙي تڪر رُکي.
ڊو ڊو نہ ڪائي ڊؤ تي، آندي وڪڙن ڏُکي.
نڪي ڦوٽو نڪي ڦَڪِي، دردن دونهين دُکي.
هاءِ حياتي رت ڳڙي، سُتي نہ ڪڏهن سُکي.
پورهيت آ پيٽ بُکي.
ڏکن پويان ڏڪڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونہ وسائين ڦُٽُ ڦُٽُ.
مولا! منهنجي مُلڪ.
اڄ اُترڙو لڳي ٿو، آسمان سڄو جُهڙُ جُهڙُ.
مولا! منهنجي مُلڪ.
رات ساري ڪِنوڻ ڪِنوي، گوڙُن جي گُڙُ گُڙُ.
مولا! منهنجي مُلڪ.
ڀهراڙي جي ٻالڪ جيان، من چوي ٿو ٻُڙُ ٻُڙُ.
مولا! منهنجي مُلڪ.
ڏڪر نڪري ڏيهہ مان، ٽين ٻوڙيا ٻُڙُ ٻُڙ.
مولا! منهنجي مُلڪ.
چونہ وسائين ڦُٽُ ڦُٽُ.

ڦڙڪندا ڳاڙها جهنڊا.
او ... آمر! او ... جابر!
تو جي ڪاڏا پلا هِن، تن جا ڇُپندا توکي ڪنڊا.
او ... آمر! او ... جابر!
منحوسي مهانڊي تي، ڦِسندا وائي انڊا.
او ... آمر! او ... جابر!
دشمن منهنجي ديس جا، توتي ئي وسندا ڏنڊا.
او ... آمر! او ... جابر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او- انسان! او- انسان!
نہ تي حيوان! نہ تي شيطان!
هر ڪنهن سان پيار ڪر تون، نہ تي فاتح، نہ تي سُلطان!
او- انسان! او- انسان!

ٻم بارود سان، ڪيڏين چو؟ نہ تي پاڳل! نہ تي ڀڳوان!
او- انسان! او- انسان!

دين، ڌرم ۽ دولت خاطر، نہ تي قاتل! نہ تي بيمان!
او- انسان! او- انسان!

ٽِم ٽِم لاٽ، ڏيئو ٽِمڪي، نہ تي آنڌي! نہ تي طوفان!
او- انسان ! او- انسان!
نہ تي حيوان! نہ تي شيطان!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻولي الا..!
قومي ٻولي الاٰ...!
جنهن ۾ ڏني مُون، جيجل ماءُ لولي الا..!
قومي ٻولي الاٰ...!
سنڌي ٻولي الا..!
ڪَڇي، ڪاڇي، ٿربر، ڍولڻ، ڍولي الا..!
قومي ٻولي الاٰ...!
سنڌي ٻولي الا..!
ڪينجهر، مَنڇر ڇُلي، مِهراڻ ڇولي الا:!
قومي ٻولي الاٰ...!
سنڌي ٻولي الا..!
اَجرڪ، ٽوپي پَٽڪو، چُنري چَولي الا:!
قومي ٻولي الاٰ...!
سنڌي ٻولي الا..!
ماڪي، مصري ، مني، مِنڙي ٻولي الا:!
قومي ٻولي الاٰ...!
سنڌي ٻولي الا..!
شاهه، سچل ۽ سامي، ”مرتضيٰ“ ڄَهلي جهولي الا..!
قومي ٻولي الاٰ...!
سنڌي ٻولي الا..!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا ناهن تنهنجا آهن، سندر سارا سپنا،
جي تون سمجهين.
تون ئي مسجد، مندر آهين، پلپل تو پرار تنا
جي تون سمجهين.
تون ئي منڇر، ڪينجهر، گنگا، سنڌو ۽ جمنا.
جي تون سمجهين.
ڪاش! ڪڏ نہ تئي آس نراس، من اندر جي ڪلپنا
جي تون سمجهين.

شهر، واهڻ، گهٽي گهٽي، هرهنڌ آهي رڳو دهشتگري.
گهر گهر روڄ راڙو ماتم ماتم.
جلن جهوپا، لٽجن لوئيون، قتل، اغوا ۽ ڌاڙيل گردي.
گهر گهر روڄ راڙو ماتم ماتم.
گولي مهانگي، ماڻهو سستو، بيگناهن سان بي دردي.
گهر گهر روڄ راڙو ماتم ماتم.
چور ٻاهر، پاڳيا ٿاڻي، قانون ڪارا ۽ ڪاري وردي.
گهر گهر روڄ راڙو ماتم ماتم.
ٿر ڪاڇو پيا سوتاسو، سنڌڙ تي ڏاڍي ڏمن ڪڙدي.
گهر گهر روڄ راڙو ماتم ماتم.
اُره وڊيل امڙيون، يتيم ٻالڪ، گهٽي گهٽي غنڊا گردي.
گهر گهر روڄ راڙو ماتم ماتم.
”مرتضيٰ“ مکيون پٽڪن، ياڳ ڪُهي ياڳ، ڪِلي خاڪي وردي
گهر گهر روڄ راڙو ماتم ماتم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڪي ساهه سنگين ۾،

سيني سُور ساڳيا.

ياٺر تيو ياڳيا.

ڪچي، ڪاچي، لاڙ، اُتر، ڏارين ٻَر ڏاڳيا.

ياٺر تيو ياڳيا.

ويرين ورق وطن جا، دونهين سان داغيا.

ياٺر تيو ياڳيا.

ڏيهي پرڏيهي تيو، راڳ رهزنن راڳيا.

ياٺر تيو ياڳيا.

تي ڪَٽا ڪُسجي ويندؤ جي نہ اجا جاڳيا.

ياٺر تيو ياڳيا.

هَر هَر هانءُ ۾ تو هُرين- سانورا! بانورا!

تِڪ ٻڌي لائون وانگر، هٿ تري تي ٻُرين.

سانورا! بانورا!

ڏينهن رات تات تنهنجي، چنگ چپڙن تي چُرين.

سانورا! بانورا! سُئي ۾ سَڳڙي جيان، ساهه ساهه ۾ سُرين.

سانورا! بانورا!

دلڙي دلبر ڪان ”مرتضيٰ“ هئہ گهڙي گهُڙي گهُرين.

سانورا! بانورا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇُلڪي گهاگهر پاٽي.

هوريان هوريان هل!
وحيءَ ٻُور جهليو، گلڙا ٽڙندا هاٽي.
هوريان هوريان هل!
ٻانهن ۾ ٻانهوٽا، لوڏين ڇاٽي واٽي.
هوريان هوريان هل!
انگ انگ ٽپڪي انبڙو، تنهنجو رب آ ساٽي.
هوريان هوريان هل!
گهُور نظر سان گوري! تِير ڪمان تون تاٽي.
هوريان هوريان هل!
ڇُلڪي گهاگهر پاٽي.

مون ڪيڏا ڪش پَريا.

تنهنجي اوسيئڙي ۾.
آدرشن جي آڪيري، يادن ولر وَرِيا.
تنهنجي اوسيئڙي ۾.
جلي جواني منهنجي، ڄڻ ٽاندا ٻَريا.
تنهنجي اوسيئڙي ۾.
ديدار لئہ دلبر، تيا ڪوڙ چريا.
تنهنجي اوسيئڙي ۾.
مون ڪيڏا ڪش پريا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻچيءَ ٻچيءَ ڳارو
مَن مَن ۾ آ ماتم!
وِک وِک تي ونگ ونگيل، ڪنڊڙا، ڪَڏڙا چارو.
مَن مَن ۾ آ ماتم!
مِنڙا ڪوُھ بہ ڪريا، ڏُک ڏُک ٻاڙو ڪارو.
مَن مَن ۾ آ ماتم!
"سهٽي" سڏجي ڪاري، هر مَيهر هِت ڪارو.
مَن مَن ۾ آ ماتم!
ڪيئي گُل ڪُوماڻا، پيڙو ڄاڻُو پارو.
مَن مَن ۾ آ ماتم!

پن چڻ ٽاري ٽاري، واتون پيلا پن.
توري او جيون!
مُڪڙيون ڪونہ ٽڙيون، بهارن ۾ گُلشن.
توري او جيون!
لَب لَب ڏاڍو تاسو، پَتڪان تو بَن بَن.
توري او جيون!
آئيندو اُونداهو، ڏُنڌلو آ درپن.
توري او جيون!
قتڪي لُڪيءَ ۾ ساهہ، "مرتضيٰ" ماندو من.
توري او جيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت ذَرتيءَ جا.
چيٽ کَتيءَ جا.
ڳاءِ ڳاءِ راڳي!
بِين، بوڙينڊي، نڙ، چنگ، تنبوري،
محفلَ متيءَ جا،
ڳاءِ ڳاءِ راڳي!
سِنڌو سُونهن سِنڌ جي، جانب جندِ جي،
کير پتيءَ جا،
ڳاءِ ڳاءِ راڳي!
مَهِي، مکڻ، ماتيون، ڪڪريون گهاتيون،
رُت رَتيءَ جا،
ڳاءِ ڳاءِ راڳي!

اُڻ تُڻ اَنئي پهر.
تَن مَن تولڻ سِکَي.
چندِ ڪڪرن ۾ لِکَي.
انگ انگ چِڪنا چُور، سَنڌ سَنڌ مُنهنجو چِکَي،
چنڊ ڪڪرن ۾ لکي.
اَيڏي دير لاتئي، دلڙي ڏاڍو ڍِکَي،
چندِ ڪڪرن ۾ لِکَي.
گهر جي ڪڙهه تان ڪو، اج مُون زوري ڏِکَي،
چندِ ڪڪرن ۾ لِکَي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڻ جيئڻ جهڙا مِنٽرِي! توسان پيڙهي پيڙهي ناتا.
او ... ڌرتي ماتا!
تنهنجي سِيند سنوارڻ لئہ، پٽائي پي ڪيڏارا ڳاتا.
او ... ڌرتي ماتا!
لال لهوءَ ۾ ليٽڙجي، دودي دولهہ تہ رنگ لاتا.
او ... ڌرتي ماتا!
ڪِلندي ڪُڌندي هيمون، ڪالهہ ڦاهي ڦندا پاتا.
او ... ڌرتي ماتا!
بلاول پيڙجي گهاڻي، ڪوليا قربانيءَ جا ڪاتا.
او ... ڌرتي ماتا!
اڄ بہ سُوري سامهون اُوچا، سِرڙا سنڌين جا آتا.
او ... ڌرتي ماتا!
”مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون“ جيجل ٻُڌا ڏاتا.
او ... ڌرتي ماتا!

ماري ننڊ مئو.
اُتو پُونءِ پاڳيا.
گدڙ بہ ڌرتي شينهن، توهين چاچو پؤ.
لانگ بوٽ لتاڙين، روز امڙ جو رؤ.
مندو جو ملير جو، تنهنڪي مليو تئو.
بندوق تنهنجي پيٽ، چاپي متان چئو.
مچ مارڻ لئہ هڙ، مورڙا تي پئو.
ماري ننڊ مئو.
اُتو پُونءِ پاڳيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرتي ٻڌجي بوڪر وئي، بند نوان تو ناهي،
هي ظلم نہ آ ٻيو چاهي؟
جهانگيئڙن جا جُهوپڙا، روز اچي تو ڊاهي،
هي ظلم نہ آ ٻيو چاهي؟
ڪُوڙا سُوڙا ڪيس ڪري، قيد رکڻ تو چاهي،
هي ظلم نہ آ ٻيو چاهي؟
دين ڌرم جي چادر اَوڍي، ناهہ نٻگيءَ جا ناهي،
هي ظلم نہ آ ٻيو چاهي؟
نَڪ نَڪ، ناٺا، گهَم گهَم ڪري، ولر توير ٿاهي،
هي ظلم نہ آ ٻيو چاهي؟
آزاد اُڏندڙ پنچي، هُو...! گوليءَ سان تو لاهي.
هي ظلم نہ آ ٻيو چاهي؟
ڦهہ ڦهہ ڦهہ ڦهہ ڦٿڪن سان، لِڱ ڳيرن جا ساهي،
هي ظلم نہ آ ٻيو چاهي؟
معصومن جون مُرڪون، گورن ٻُوٿن ڳاهي،
هي ظلم نہ آ ٻيو چاهي؟
سَونا سَونا سنگ پڪا، شعلن سان تو ٻاهي،
هي ظلم نہ آ ٻيو چاهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غاصب ناهي ڪوئي غَم
ڏِسو ڏيهہ واسي.
تکي نوڪ آ سنگين جي، چيري قاڙي چَمِ.
ڏرتي ڪُنواري چاتي، لال لهو ۾ شَمِ.
ڪِرائي جو قاتل ڪري، ڪهڙا ڪهڙا ڪَمِ.
ٻُونگي ٻُونگي باهہ ٻڙڪي، ٻُونءِ قاتن ٻَمِ.
ديسين پنهنجي ديس، ”مرتضيٰ“ نڪ ۾ دَمِ.
ڏسو ڏيهہ واسي،
غاصب ناهي ڪوئي غم.

ماٺهو ماٺهو ڪان ڪَنبي،
دهشتگردي مرده باد.
اجا ٻي عُمر! ڪُوهہ تان تو زوري مارئي کي ڪنيي.
نرم نازڪ انگڙا آمر! پل اُپل سگريٽ سان ڏنيي.
راجيو جي لاش تي هاءِ. سونيا! رڙي رَنيي.
ريٽي رت جا رَيڳاڙا، ڏسو ٽُوٽي، تلهي ءُ تنيي.
دهشت گردي مرده باد.
ماٺهو ماٺهو ڪان ڪنبي.

انگ انگ تو جَرڪي،
جيون ٻُور جهليو.
بند پڃري پنڇي، پل اُپل تو پَرڪي،
جيون ٻُورُ جهليو.
چاهت چيڙن تي، تي جڻ جَر جَر کي،
جيون ٻُور جهليو.
”مرتضيٰ“ من آ ڪاس، وِڃڙي ڪُونج ڪَرڪي،
جيون ٻُور جهليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِنڙا منڙا گيت چيڙي، اج جهُومر پائي ڪير؟
چِمر چِمر پايل چمڪائي ڪير؟
سَپنن ۾ ڪِتڪائي مون کي، ننڊ مان جاڳائي ڪير؟
چِمر چِمر پايل چمڪائي ڪير؟
من جي آڱر تي چاندوڪي، ڪِرڻا برڪائي ڪير؟
چِمر چِمر پايل چمڪائي ڪير؟
منهنجي هيڪل وياڪل دلڙي، هر هر پرپائي ڪير؟
چِمر چِمر پايل چمڪائي ڪير؟
”مرتضيٰ“ جيون جي صحرا تي، ڦُڙ ڦُڙ برسائي ڪير؟
چِمر چِمر پايل چمڪائي ڪير؟
مِنڙا منڙا گيت چيڙي،
اج جهُومر پائي ڪير؟

ڪنهن پَل گذري ويندا سين،
يار اسان هُن پار الا.
پُونءِ نه ايندي ياڻءِ اگر، آخر اُڏري ويندا سين.
پن چڻ ٿاري ٿاري آ، گُل ڦُل اُڪري ويندا سين.
دنيا جي دامن تان، ڪڻ ڪڻ اُڪري ويندا سين.
ڪنهن پل گذري ويندا سين.
يار اسان هُت پار الا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪافيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي

تنهنجو اوتار دل تان لهي ئي نٿو، وڃائي لوڪ تاڙي ٿهي ئي نٿو،

منهنجو رُوح ڪٿي ير رهي ئي نٿو،
تنهنجو اوتار دل تان لهي ئي نٿو.

هر شام ورن تا پکي، سپ واهيري، جوڙي جوڙي آ ڪک پن آکيري،

ڪو يي هيڪل هتڙي نهي ئي نٿو،
تنهنجو اوتار دل تان لهي ئي نٿو،

هر ڪنهن جي هٿ ۾ تو پٿر ڏسان، ڪنڊا، ڏنڊا، پتر ۽ تو نڪر ڏسان،

تو ريءَ مون کي ڪوئي سگهي ئي نٿو،
تنهنجو اوتار دل تان لهي ئي نٿو.

انگ انگ آهي زخمي، سَنڌ سَنڌ "مرتضيٰ" دلڙي تو لئہ ڏاڍو ڊکي،

ڪو نازڪ هتڙن سان پَهي ئي نٿو،
تنهنجو اوتار دل تان لهي ئي نٿو.
منهنجو رُوح ڪٿي ير رهي ئي نٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنھنجي يادن جا اولڙا پرين، ڳل تي چمين جا گولڙا پرين.
چٽنگون چٽنگون چولڙا پرين!
ڳڱن ۾ پتڪان ڪنھن ڪکر وانگي، ھيڏي ھوڏي ڪنھن چکر وانگي،
عشق ۾ ھِن رڳو رولڙا پرين!
ڏاڍو تڙپان ڦتڪان تو مان، سڏڪي سڏڪي روئان تو مان،
جدائي جا لڳن جھولڙا پرين!
ڪنڌيءَ تي ڪانگل ڪان ڪان ڪري چڙھو، ھر ھر ھان ھان ڪري،
پڇان حال، آچي لولڙا پرين!
لوڪان لڪي چُپي، ملون ”مرتضيٰ“، تنھنجو منھنجو واھي آ خدا،
توڙي پھرن تي ٽولڙا پرين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳِرجاڻ ۾ ٽاڪَنڊوڄن ياتون ٽي ٺهڪين، پاڻي ڳُهاڳَهر ڇُلڪي ٽي ياتون ٽي ڇُلڪين،

پلپل پياري پرين او پلپل پياري پرين.

عطر، ڪتوري، چندن، سينٽ جي سُرهاڻ، ٽاري ٽاري گل ٽڙيا هاءِ هُڳساڻ،

واءُ ۾ وکريل آ يا تون ٽي مَهڪين.

لهرن جي لوڏن ۾ ۽ ڇولي ڇولي سان، ويرون وريون ڪر ڪٽي ڇولي ڇولي سان،

سهڻي ساهه سهڪي يا تون ٽي سهڪين،

منهنجي سيني ۾ او سهڻا سائين، او پورل سائين ”مرتضيٰ“ مرڻ گهڙي تائين

ڌڪ ڌڪ دلڙي ڌڙڪي يا تون ٽي ڌڙڪين،

پلپل پياري پرين، پلپل پياري پرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هل تہ هلي کو گهرڙو ناهيون، پيارامن جو اجهڙو ناهيون

دور دنيا کان دلبر سائين
دور دنيا کان ڀُورل سائين.

موج ۾ مهراڻ لهرون لهرن، رات چانڊوڪي ڪرڻا برسن،

ڪڪن پنن جو پکڙو ناهيون،
هل تہ هلي کو گهرڙو ناهيون.

دور دنيا کان دلبر سائين.

ڪير نہ روڪي ڪير نہ ٽوڪي، نڪي ڪڌهن کو ير ڀُلجي ڀؤنڪي،

محبت جو منهڙو ناهيون،
هل تہ هلي کو گهرڙو ناهيون،
دور دنيا کان دلبر سائين.

"مرتضيٰ" من اندر جي ڪلپنا، شال ساڀيان ٿين سيئي سپنا،

ٻانهن لامون چنڙو ناهيون،
دور دنيا کان دلبر سائين
هل تہ هلي کو گهرڙو ناهيون
پيار من جو اجهڙو ناهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُسارين وسارين تنهنجي مرضي، ڪيڪارين ڏڪارين تنهنجي مرضي

دلبر جاني او دلبر جاني!

تون سهڻا سائين! سارنگ آهين، ڪنوٽيون بادل، بارنگ آهن،

سُڪارين ڏُڪارين تنهنجي مرضي،
دلبر جاني او دلبر جاني!

آءُ پياسو تنهنجي پيار جو، مڌ انگوري پُر پيالي تار جو،

پيارين اُجارين تنهنجي مرضي،
دلبر جاني او دلبر جاني!

جيون منهنجو تنهنجو آهي ڙي، لُڪيءَ ۾ ساهه پهتو آهي ڙي،

جيارين مارين تنهنجي مرضي
دلبر جاني او دلبر جاني!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳن روزانو الزام تا، ملن مھٽا صبح ۽ شام تا،

پراون سان ڳڻجي پنھنجا، ڪي ير تنھنجا ڪي ير منھنجا،
ڪن جڳ ساري ۾ بدنام تا.
سنگ دل تي پئي سڄي دنيا، ايڏو اسان سان انيا،
ڳلن بدلي ڪندا انعام تا.
متان ”مرتضيٰ“ رڻ ۾ رولين، پاند پيار جا ڀُلجي کولين،
پهچن پرينءَ جا پيغام تا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريتن ونگيل، ٹياس ٹنگيل،
اُڏما انگيل
بند حويليءَ ۾، راڻي ماڙيءَ ۾،
ڏاڍي ڏنگيل،
ريتن ونگيل،
اُڏما انگيل،
نازڪ انگڙا، اندلٺ رنگڙا،
سنگ سنگ سنگيل،
ريتن ونگيل
اُڏما انگيل.
ڏينهن ۽ راتيون، پايان جهاتيون
دردن دنگيل
ريتن ونگيل
اڏما انگيل
هِن جون هُن جون، جنهن جون تنهن جون،
جوٽون جنگيل
ريتن ونگيل
اُڏما انگيل.

جاني! جذبات ۾، يا رات سانت ۾
سڏڪي ڪير ٿو!؟
چري ٿي جواني، دلڙي ديواني
فراقي فڪرات ۾،
سڏڪي ڪير ٿو؟
سورج اُيري لٿا، ڪوڙ چنبڙا ڪڙيا،
سورن سڪرات ۾،
سڏڪي ڪير ٿو؟
انتظار ۾ اکڙيون، پائڻ جهاتڙيون
ڦُڙ ڦُڙ برسات ۾.
سڏڪي ڪير ٿو؟
جاني جذبات ۾،
يار رات سانت ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ وڃ ڇڏي مون کي، ايڏو پري پري،
دلڙي ڏري ڏري.

انبن ٻور جهليم، روح ٻہ ڪونہ رهيم،
دانهون ڪري ڪري
دلڙي ڏري ڏري.

گهڙي گهڙي گهٽي، اندر اُڏوهي کٽي،
جوڀن ڳري ڳري
دلڙي ڏري ڏدري

نانءُ تنهنجو ڳنهان، پلپل روئي ڏيان،
آهون ڀري ڀري
دلڙي ڏري ڏري.

ڪنوٽيون پي ڪنويون، ڪڪريون پي وسيون،
من تڙ، ٺري ٺري
دلڙي ڏري ڏري
نہ وڃ مون کي ڇڏي
ايڏو پري پري.

سا گهڙي پي تہ پياري هئي،
ڳڏجي تو مون گهاري هئي،
ڪيڏي ٽڏڙي واري هئي!

لهر لهر ۾ هئي ڪا زندگي
پريت پنهنجي اعليٰ بندگي،
تابش تن من تاري هئي،
ڪيڏي ٽڏڙي واري هئي.

شام جو پهر شفق چانورا،
جهرمر توتي ۽ مون تي بانورا،
گل ڦل ٺاري ٺاري هئي،
ڪيڏي ٽڏڙي واري هئي.

سنڌو ڪناري ساوڻ رُت ۾،
ڳُٽ ڳُٽ گهو گهو او ڳُٽ ڳُٽ ۾،
ڦُڙ ڦُڙ ڦُڙ ڦُڙجاري هئي،
ڪيڏي ٽڏڙي واري هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهُوري گهُوري ڏسندي آن، جڏهن آرس پيجندي آن،

مون کي ڏاڍي وڻندي آن،

گهڙي گهڙي ڪِڙڪي ڪولي، ڪونہ ڪو بهانو ڳولي،

هر هر چاندون ڏيندي آن،
مون کي ڏاڍي وڻندي آن.

پير پير ۾ پرين ڏيئي، چورن وانگي تون آئي

اکين هٽڙا رکندي آن،
مون کي ڏاڍي وڻندي آن.

هر هر اکين جي آمهون، دلبر دل جي تون سامهون

ڦرٽي وانگر ڦرندي آن،

مون کي ڏاڍي وڻندي آن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چُمين جي آلاڻ، او لبڙن جي لالاڻ،
سُرهي سُرهي سُرهاڻ،
هٿين پيرين چنڙا، او مهڪي ميندي منڙا،
شفق لالي ڳاڙهاڻ،
وارن ۾ رات ڪٺي، او مُرڪڻ سان باک ڦٽي
ڪرڻن جي تہ برڪاڻ،
من اندر ۾ چوليون، او يادن جون ٽوليون
لهر لهر مهراڻ،
الا سُرهي سرهاڻ
چُمين جي آلاڻ
او لبڙن جي لالاڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت

ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪِي،
ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪِي.
الا ڪڙڪي مٿان ٻَر،
الا ڪڙڪي مٿان ٻَر،
الا ڪونہ وِسري ٿر،
عُمر! تنهنجي دڙڪي.
ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪِي،
ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪِي.
گهڙو ڀڳو ڪو ڪُنَ ۾،
گهڙو ڀڳو ڪو ڪُنَ ۾،
ميهر! ميهر! ڏُنَ ۾،
دِل سُهڻي جي ڌڙڪي.
ڪِڙڪِڙ ڪِڙڪِڙ ڪَڙڪِي،
ڪِڙڪِڙ ڪِڙڪِڙ ڪَڙڪِي.
گولي پوپان گولي،
گولي پوپان گولي،
آءٌ تہ پرينءَ ٻولي،
باھ برھ جي ڀڙڪي.
ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪِي،
ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪَڙ ڪَڙڪِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍولڻ! ڏاڍو وڻين،
ڏين وارن کي ڦٽين.

تنهنجي سُونهن کي ڏسي، چوڏهين چنڊ لڄي،
وڄن وڻ ٽِڻ ٽا وڄي، نيڻ خمار مان ڪٽين،
سهڻا! ڏاڍو وڻين.

پَل پَل توکي ساريان، ساهه ٻه توتان واريان،
ڪيئي ڪانگ اُڏاريان، سِڪ لڳي تي گهٽين،
دلبر! ڏاڍو وڻين.

هِن هُن ڪان ٽو پڇان، هِت هُت ترڇان ڦتڪان،
پڇي ٽو هرڪو مون ڪان، ڇو ڏينهڙا ٽو ڳڻين.
منڙا! ڏاڍو وڻين،
ڏين وارن کي ڦٽين،
دلبر! ڏاڍو وڻين.
سهڻا! ڏاڍو وڻين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوڙ گَجي،
گاج گَجي.
گوڙ گَجي،
گاج گَجي.
آيا سانوڻ ڏينهڙا
بوڙيا بوڙيا مينهڙا
هَر هَر هُرن هئڻ هينئڙا،
نرم نازڪ نينهڙا.
پُونءِ ٺري،
لُونءِ ٺري.
گوڙ گَجي،
گاج گَجي.
ڪاڇي ڪڇي، ڪڇي ڪاڇي،
سنڌو پاسي، گورڪ پاڇي،
هِير کُهلي، منڇر ڇُلي،
وڄ وراڪي، ڪِنوڻ ڪِنوي،
ڦُڙ ڦُڙ پوي،
وڏ ڦُڙ وسي.
گوڙ گَجي،
گاج گَجي.

وار گهاٽا، گهاٽا ڪڪر،
ڇوري چڙهي مٿان، ڇپر،
ڏئي چانڊ ڪيڏا چڪر،
وڃي ڏُکر، اچي سُکر.
رات ڪُٺي،
باک ڦُٺي.
گوڙ گَجي،
گاج گَجي.
گوڙ گَجي،
گاج گَجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻي ڏي مون کي ڪتاب بابا،
ڪٽڪن ۾ پيا هِن لاب بابا.

اوڙ اوڙ تي تون رت هارين، پگهر ڦڙن سان پتر ڳارين.
پوءِ بہ بُک جو تہ باب بابا،
وڻي ڏي مون کي ڪتاب بابا.

زندگي پنهنجي پيڙجي گهاٽي، روز سچوءِ سان ڪُٽجي تاٽي.
ڪندس اُنهن سان حساب بابا،
وڻي ڏي مون کي ڪتاب بابا.

مان پڙهندس آڪاٽي هيمون جي، دودي، دُولهہ، هوشوءَ جي.
تن لئہ روح منهنجو بيتاب بابا،
وڻي ڏي مون کي ڪتاب بابا.

پوک پنهنجي مان سُوئر تڙبا، ڌرتي پنهنجي تان ڏاريا ڏِڪبا.
ماٺ مون لئہ سُورن هاب بابا،
وڻي ڏي مون کي ڪتاب بابا.

وطن ٿيندو آزاد اسانجو، ڪَڇو، ڪاڇو، ٿر آباد اسانجو.
اُنهن جا لکيل جواب بابا،
وڻي ڏي مون کي ڪتاب بابا.

'مرتضيٰ' اسان تي آه فرض، پهرين چُڪايون ڌَرَ جو قرض،
امڙ! اکڙين ۾ آب بابا،
وڻي ڏي مون کي ڪتاب بابا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڙو تارا ڪِڙن،
گلشن گُلڙا، ٽِڙن.
تنهنجي مُرڪڻ سان،
ٿهه ٿهه ٿهڪڻ سان.
گِرجا ۾ گهنڊ وڄن،
گَج گَج بادل گجن.
لبڙا کولڻ سان،
ٿهه ٿهه ٿهڪڻ سان.
پُورل ڏيندي چاند،
پنڙا پوتي پاند،
گهاگهر ڇُلڪُڻ سان،
ٿهه ٿهه ٿهڪڻ سان.
جهٽ پٽ ڏڪڙا لهي،
ويندا ٽڪڙا لهي
پيارا پرچڻ سان،
ٿهه ٿهه ٿهڪڻ سان.
تنهنجي مرڪڻ سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ديس منهنجو آ پرين
هي ديس تنهجو آ پرين
اجرڪ، ٽوپي، پهراڻ پٽڪو، ململ، ڪانڊي، گَجّ ۽ چولو،
سلوار، قميص هرڪ اڇو، گوڏ، گنجي ۽ لوئي ڪٽو،
سُهڻو ويس جنهنجو آ پرين،
هي ديس منهنجو آ پرين.
ڏَودو، دُولهه، رُوپلو، رِڙمل، هُوشُو، هَيمون، ڏاهر بلاول،
عُمر، مارئي، سورٺ بيجل، سهڻي، ميهر، سسئي، پُنهل،
مورڙو، گهاتو، راڻو، مُومل، سچل، سامي، پٺائي، بيدل،
اهڙو داستان ڪنهنجو آ پرين
هي ديس منهنجو آ پرين.
ڪراچي، ڪشور، ڪيٽي بندر، ڪاڇو، ڪڇو، لاڙ توڙي، اُتر،
اروڙ، مڪلي، ڪوٽ امر، مياڻي، منوڙو، ڪرڙي، سکر،
ڪوٽ رني، ڪينجهر، ڪارونجهر، موهن دڙو، مکي، منڇر،
ٿلتي باغبان ۽ ڪيرٿر، سيوهڻ، سنڌو، گهر گهر جهنگ جهر،
واهڻ وستي پنهنجو آ پرين،
هي ديس منهنجو آ پرين.
ڇم ڇم ڇم ڇم چولي، ڙ، ڙ، ڻ، ڻ باتي بولي
پَنڙا، ٻچڙا، منڙي بولي آ جندي، سُوسي، ڇيٽ چولي،
سڀ ۾ ساهه اسان جو آ پرين.
هي ديس تنهنجو آ پرين.
هي ديس تنهنجو آ پرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون کو نہ کپين، تون کو نہ کپين،
چا لئہ سنڌڙيءَ تي پليت پير رکين،
تو کيت ساڙيا ٻنين جا، چولا قاڙيا، ونين جا،
پاڻ کي ڪيئن مسلمان چوين،
تون کو نہ کپين، تون کو نہ کپين.
تو اُرهہ ڪاٽيا مائرن جا، پائر ڪُنا پينرن جا،
قاتل! هيڏي ڪيئن اچين،
تون کو ن کپين، تون کو نہ کپين.
مظلومن تي تو هلائي گولي، ڪيڏي تن سان رت جي هولي،
لاشن تي تو ڏند ڪڍين
تون کو نہ کپين، تون کو نہ کپين.
ٽئگور جي جيجل آهون ڪري، مُجيب جي ماءُ دانهون ڪري.
او غدار تون ڪيڏانهن وڃين،
تون کو نہ کپين، تون کو نہ کپين.
پُونءِ بنگال جي رت هاڻي، ڪالهہ ڪالهوڪي تازي ڪهاڻي.
سَمند ۾ ٻُڏي چو نہ مرين،
تون کو نہ کپين، تون کو نہ کپين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيرڙو نيرڙو امبر، تا ڪيڏن چنڊ ۽ ڪَڪر،

آءُ هلي سهڻا! هيڪر.

تيز هوا، لهرون لهرن، پياسا ڪينجهر ڪنارا،
پياس پُوري ڪا نہ ٿئي، لبڙا پنهنجا بہ اُجارا،

اُج اندر ۾ اَنئي پهر.

انگ نچايون، رنگ رچايون، ڇم ڇم پيرن ۾ پايل،
رُت ساونڻ جي ملهايون، اسين ريتن جا گهايل،

گڏجي پايون ڪا جُهومر.

گهر گهر توڙي گهٽي گهٽي، ڍُهل بغاوت جا وڄائي،
ٿر جي ٽڏڙي واريءَ تي، "مرتضيٰ" دِل من پرپائي

مئہ جام اوتيون جيڪر،
آءُ هلي سهڻا! هيڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي نشاني
دلبر جاني!
چيچ ۾ سونو چلڙو،
او الا! ڏاڍو پلڙو.

ڏيري، ڏيري هٿڙا لايان،
لعل گُلابي لبڙا لايان،
ڪو به نہ ثاني،
دلبر جاني!
تنهنجي نشاني.
چيچ ۾ سونو چلڙو
او الا مُون کي مِنڙو.

گُلڙا جُهو من ٺاري ٺاري،
چاهہ چت تي آگ آ ٻاري،
چڙي جواني،
دلبر جاني!
تنهنجي نشاني.
چيچ ۾ سونو چلڙو
الا چمڪي چنڙو.
ڪانگ لنوي، ڪنڌيءَ تي تو،
ڏسان توکي ڏيڍيءَ تي تو.
مٺا مهرباني،
دلبر جاني!
تنهنجي نشاني
چيچ ۾ سونو چلڙو
او الا سُهڻو سُنڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙ، ڪوڙ، ڪوڙ،
ساٿي!
ڳاڙها جهنڊا ڪوڙ،
اجرڪ، لوئي لهولهان، زهر ماني ڀوڙ،
ڳاڙها جهنڊا ڪوڙ.
ساٿي!
ڪوڙ، ڪوڙ، ڪوڙ.
ويري پنهنجي وطن جا، شهر واهن ووڙ،
ڳاڙها جهنڊا، ڪوڙ،
ساٿي!
ڪوڙ، ڪوڙ، ڪوڙ،
فولادي عظيم سان، ميزائيلن ڪي موڙ،
ڳاڙها جهنڊا ڪوڙ،
ساٿي!
ڪوڙ، ڪوڙ، ڪوڙ،
آيا ڏينهن انقلاب جا، گهر، گهر گهٽا گوڙ،
ڳاڙها جهنڊا ڪوڙ،
ساٿي!
ڪوڙ، ڪوڙ، ڪوڙ،
مرڻ تائين "مرتضيٰ" تون ٻہ تہ نياءِ توڙ،
ڳاڙها جهنڊا ڪوڙ،
ساٿي!
ڪوڙ ڪوڙ ڪوڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڙي پنهنجي سِير ۾،
ونجهه هلا تون وانجهي!
سِج لٿو، ٿي سانجهي!
لهرون ڏين لوڏا، ڪڙ ڪڙ ڪنن ڪڙڪات،
ويرون وريون ڪَر ڪٽي، تيز هوا جا گهُوگهات،
اچو سِڙهه اُپ ۾، ڦڙ ڦڙ ڪري ڦڙڪات،
وِچ وراڪي، ڪِنوڻ ڪِنوي، گج گج گجگات،
يرجي آيا بادل، ڦُڙ ڦُڙ ڇوهي ڇات،
بُڪَ يري چلپيان، باهر پاٽي شڙ پات،
آءُ بہ تون سان مانجهي!
سمجهہ نہ مون کي لانجهي،
بيڙي پنهنجي سِير ۾،
ونجهه هلا تون وانجهي!
سِج لٿو، ٿي سانجهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ور ور وکڙ وات ڏسي،
گهگهه اوندهه باٽ ڏسي،
ڳل، لوئٽي لپاٽ ڏسي،
جيل، ڦاهي، گهاٽ ڏسي.
هانءُ نہ هاريو ساٿي
سنڌڙي ساريو ساٿي.
ترَ ڪاچي ڪوهي پاٽي،
لوئي، ڏوئي رت هاٽي،
اوڙي پاڙي آ چانوٽي،
پُونءِ بٽي آ ٿامٽي،
سُتل اٿاريو ساٿي
سنڌڙي! ساريو ساٿي.
ڪراچي، ڪيٽي بندر،
ڪارونجهر ۽ ڪينجهر،
ڪاچي ڪچي ٿر، بر،
لاڙ سِري ۽ پار، اُتر.
سِرڙا واريو ساٿي
سنڌڙي ساريو ساٿي
رنگ گهاٽو اهڙو رچي،
محبت جو ميڙو مچي،
ڏيهه پوي نہ ڪڏهن ڏچي،
نانگ بہ مَري، لٺ بہ بچي.
ڏاهپ ڌاريو ساٿي
سنڌڙي ساريو ساٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀُورل! ڀَڃ نہ ڪڏهن تون ير ڀيرو،
منهنجي دِل ۾ آهي دردن ڍيرو.
هر رات رانيوٿا پائي،
ڏينهن ٿامٽي تن تپائي،
ڳهاءَ ڳهِرا، تنگ تہ ڳهيرو.

ڀون ڀُور تنهنجا پل اَپل،
من منهنجو هَيڪل ويا ڪل،
ماٺيءَ ۾ ماندائي ڦيرو.

قرب ڪري آ مون ڏي ڪهي،
ويندا ٽڪرا لهندي لهي،
"مُرتضيٰ" اُتر واءُ ويرو.
ڀُورل! ڀَڃ تہ ڪڏهن تون ير ڀيرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اولڙو
پرين!
اولڙو.

چوڏهين چنڊ جهڙو،
سُهڻو الا من مُهڻو،
دِل کي الا وڻي تہ گهڻو،

اولڙو
پرين!
اولڙو

برٿ پريل گج جو،
نڪ واري نٿ جو،
مُنڊيءَ جي ٽِڪ جو،

اولڙو
پرين!
اولڙو،

مِهراڻ جي موجن ۾،
ڪينجهر جي ڇولين ۾،
منڇر جي تہ لهرن ۾،

اولڙو
پرين!
اولڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِجهان روز قارون،
سَجڻ! تنهنجون سارون.

پون پُور پلپل او.... من تن ۾ تارون،

وجهان روز قارون،
سجڻ! تنهنجون سارون.

نيڻين ننڊ ڦِٽي، رُسي ويون بهارون،

وجهان روز قارون،
سجڻ! تنهنجون سارون،

ڀنڙا پاند پوتي، رڳو لُڙڪن لارون،

وجهان روز قارون،
سَجڻ! تنهنجون سارون.

جتي ڪِٿي پنهنجي، پيار جون پچارون

وجهان روز قارون،
سجڻ! تنهنجون سارون.

”مرتضيٰ“ محبت ۾ مڙئي مون ميارون،

وجهان روز قارون،
سَجڻ! تنهنجون سارون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين ساٿي پيار جا!
اسين ساٿي پيار جا!

رُسون پاڻهي، پَرچون پاڻهي، پاڻ ۾ کير کنڊ الاءِ

اسين ساٿي پيار جا!

مُرلي محبت جي ڇيڙي، لهرو لهرو آ منڊ الاءِ

اسين ساٿي پيار جا!

ڏک سک ۾ حال ياڻي، پاڻ پينهون پهڻ جنڊ الاءِ

اسين ساٿي پيار جا!

”مُرتضيٰ“ تون مست چڪور، جڻ آءُ چوڏهين چنڊ الاءِ

اسين ساٿي پيار جا!
اسين ساٿي پيار جا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن گُذري ويا،
ڏُور اُڏري ويا.
پکي پيار جا!
ڳوليان ڦوليان،
ڪو نہ مان ٽولهان،
ڪکڙا وکري ويا، پکي پيار جا!

نڪي موج مهراڻ،
نڪي سُونهن سُرهاڻ،
رنگڙا بکري ويا، پکي پيار جا!

ڪهڙي بات ڪيان،
ڪهڙي لات لنوان،
سُر سڀ وسري ويا، پکي پيار جا!
ڏور اڏري ويا،
ڏينهن گذري ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوک پنهنجي تان، جهار تڙي تي،
اوسي پاسي نظر، چارئي پهر،
داٽي داٽي، تان، ساهه ڏئي تي،
هور هور ڪري!
هور هور ڪري!
هور هور ڪري!
شفق لالي تائين، الا اُفق ڪان،
چوري چولو چاتي، پگهر ۾ شمر،
ڏاڍا منا سائين، سنگڙا سونا،
هور هور ڪري!
هور هور ڪري!
هور هور ڪري!
ڪٽي يرڪانياٽي، هُوءَ هتڙن سان،
ڦُوهه جواني تان، ڦيري ڦيري،
هاءِ! هارياٽي، اُچلي گليلا،
هور هور ڪري!
هور هور ڪري!
هور هور ڪري!
پيهي تي تہ بيهي، ڪري اشارا،
پري پري ڪان پسي پرينءَ پنهنجي،
مرتضيٰ هر هر پري، ٽڙا شوڪارا،
هور هور ڪري!
هور هور ڪري!
هور هور ڪري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر هر هينئڙي منجهه هُرن
وڏڙا وچوڙي جا جُهرن،
آءُ سجڻ تون الا! او،
آءُ سجڻ تون الا! او،
ڪِڙڪي ڪولي، ليئا پائي، ڏين تيون چاندون،
هٿڙا لوڏي، سينيدون ڏين ير تنهنجون يادون،
چاهت جا چنگ چُرن.

گجَ يريل چاتي، چنريءَ مان پائي، جهاتي،
چَئي چَپڙا چوري، مون تہ لؤن، تو سان لاتي،
سِڪ جا ساز سُرن.

اندر دُکي تو باهہ پڙڪي تي، مرتضيٰ گهڙي گهڙي،
پيار تي هن پهرا، قلف ڪوٽ ڪڙا وحي وهہ ڪڙي،
سويون سِرڙا گهُرن،
آءُ سجڻ تون الا او
آءُ سجڻ تون الا او

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي شهر اسانجو آ، اسان ئي تہ رهنداسين،
ماريو مانگر مورڙي، پلوء سارا وٽنداسين.

تون ڪالهہ آيو هُئين، سرحد پار ٽپي،
اوچتڻ نہ هُئي انگ تي، نڪي پيرن ۾ جُتي،
ڏاريا ٽوڪي ڏرتيءَ جي دز نہ ڏينداسين.

ڪيڏي گهنگهور گهٽا، ڦُڙُ ڦُڙُ واهڻ وستي،
ٽڏڙي ٽڏڙي هير لڳي، جنت جي بستي،
تنهنجي پؤنڪن تي پاڙي، ڪو نہ ڇڏينداسين.

هي پهڻ پهاڙيون، سمنڊ ڪنارا،
”مرتضيٰ“ اسان ڪي، سِر ساهہ کان پيارا،
مرڻ گهڙي تائين، تو سان وڙهنداسين.

هي شهر اسان جو آ اسان ئي رهنداسين،
ماريو مانگر مورڙي، پلئو سارا وٽنداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَرنهن قولار ۾ سهٽا! آ دلڙي وندرايون
ڪي پوپٽ پرين پيارا، پل اُڏاريون.

ڦُڙ ڦُڙ جهُڙ ڦُڙ، آيا ساونڻ مينهڙا،
سنڌو، ڪناري سائين گهاريا جي ڏينهڙا،
سي صُبحون ۽ شامون، وڻجارا ورجايون.

گهٽين ئيءَ خزانن ڪان پوءِ مليا آهيون،
روئي روئي اسان مس ئي ڪِليا آهيون،
اوو رنگ برنگي گُلڙا، بهارن ڪي پهرايون.

پريم پروڪو پنهنجو، جڻ ڪِ هيل هيلوڪو،
تازي هوا وانگر آ وڻندڙ عشق اڄوڪو،
”مرتضيٰ“ محبت جاوو گهر گهر جهنڊا لهرايون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادل بيهه اِتي،
بادل بيهه اِتي،
بادل بيهه اِتي.

اتي ڪوٽ متان،
مارو پُچن متان،
آءُ قيد هِتي.

بادل بيهه اتي،
بادل بيهه اتي،
بادل بيهه اتي،

ڪهڙا حال ٿيا،
ڪهڙا حال ٿيا،
لنگهي سال ويا،

پکا پنهنوار ڪٿي،
بادل بيهه اتي،
بادل بيهه اتي،
بادل بيهه اتي.

عمر! ڪين مجان،
عُمر! ڪين مجان،
ملڪ ملير! وجان،
هوندو ڪيت! جتي.

بادل بيهه اتي،
بادل بيهه اتي،
بادل بيهه اتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او دانهون ڪيان او آنهون ڪيان،
ڪاچي ڪچي، ڪاچي ڪچي.

سنڌ بچي!
سنڌ بچي!

سُتل جاڳايان، رُنل پرچايان،
اولهه ڏچي، اوير ڏچي،

سنڌ بچي!
سنڌ بچي!

سُتل جاڳايان، رُنل پرچايان،
اولهه ڏچي، اوير ڏچي،

سنڌ بچي!
سنڌ بچي!

پنهنجا ميڙيان، ڏاريا، ٽيڙيان،
رنگڙو رچي، رنگڙو رچي.

سنڌ بچي!
سنڌ بچي!

سرديون سهان، گرميون سهان،
پيار پچي، پيار پچي،

سنڌ بچي!
سنڌ بچي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او ڪفني ٻڌان، او ڪهاڙي ڪٽان،
ميڙو مچي، ميڙو مچي،
سنڌ ٻچي!
سنڌ ٻچي!

هاءِ نعرا هڻان، سُوريءَ چڙهان.
سچ نچي سچ نچي.
سنڌ ٻچي!
سنڌ ٻچي!

او جيجي امان!! او منڙي امان!
گهور ٻچي، گهور ٻچي،
سنڌ ٻچي!
سنڌ ٻچي!
سنڌ ٻچي!
سنڌ ٻچي!
سنڌ ٻچي!
سنڌ ٻچي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽ منا! او موٽ منا!
مُڪا تو ڏي مون ڪئي چنا

وطن تي آهي وار ٿيو، قيدي ٻُڌو بار ٿيو،
ڏڙ سِسِي ڪان آڏار ٿيو، ڦاهي ڪنهن جو هار ٿيو،

سانگين سوين سُور سَنا،
موٽ منا! او موٽ مِنا!

ڪيئي ٽارچر سيل پيا، ڪيئي ناحق جيل ويا،
ڪئي نت نوان ڪيل ٿيا، مارن وڏا ويل ٿيا،

ڏيهين ڏاڍا ڏک ڏٺا،
موٽ منا! او موٽ منا!

اڄ تہ ”مرتضيٰ“ گڏجي، تنهنجا ٽورا لاهيون،
گهوري سِر ڌرتي تان، پنهنجو پاڻ تہ ملهايون.

نينهن جا هتي مِينهن اُنا
موٽ منا! او موٽ مِنا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ قدم پنتي هٽڻو ناهي
وڪ وڪ اڳتي وڌڻو آهي،
گهم گهم گولين سُوسٽ ۾،
ڌم ڌم بمن ٻوُسٽ ۾،
واپس واٺان ورڻو ناهي، وڪ وڪ اڳتي وڌڻو آهي.

چؤنڪ چؤنڪ تي هن ڦاهيون،
ڏاڍ جا ڏاڍا ڏنگيل ماڻهون،
ملير متان پر مرڻو آهي، وڪ وڪ اڳتي وڌڻو آهي

آڏو پاڻي پويان باهہ آ،
سيني جو ير مُنڻ ۾ ساهہ آ،
موت پيي آخر اچڻو آهي، وڪ وڪ اڳتي وڌڻو آهي.
هڪ قدم پنتي هٽڻو ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُڙ ڦُڙ سانوڻ بُوند وسي ٿي
ٽڏڙي ٽڏڙي هِير لڳي ٿي.
آءُ ڪري ڪو بهانو
ظالم سارو زمانو.

گَج گَج گَج گَج، گَج گَج گَج گَج،
گَڙ گَڙ گَڙ گَڙ، گوڙ گجي ٿي،
من تن تيڙو مستانو
آءُ ڪري ڪو بهانو.

اڇڙا، ڪارا، ڊوڙن بادل،
وڄن وراڪا، ڪنوڻ ڪنوي ٿي،
ڪيڏو منظر سُهانو
آءُ ڪري ڪو بهانو.

اِندلٺ رنگڙا، تنهنجا لٽڙا،
توريءَ منهنجي ڪانڌ سَرِي ٿي.
هرڪو توتي ديوانو
آءُ ڪري ڪو بهانو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچو ڏينهن سارو
هُيو نينهن نظارو،

ڪينجهر جي ڪناري وو، مڇيون ماري

جام ڪُلهي چارو،
سچو ڏينهن سارو.

سانوڻ ۾ سياري، نوريءَ نهاري،

ڪنيو ڪِڪيءَ ڪارو،
سچو ڏينهن سارو.

اُتر واءُ واري، ٻيڙي سيرتاري،

هنيو عشق نعرو،
سچو ڏينهن سارو.
هُيو نينهن نظارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺي ڪانگ اُڏاريان وو،
ٽِم ٽِم ڏيئا ٻاريان وو.

ڪُونجڙين جا ته ولر ڏسي،
ٽر تي پالوٺ پلر ڏسي،
هر هر هنجون هاريان وو.

اُتر جو ٿو ير واءُ لڳي
سِيءُ ۾ ٿو ير ساهه ڏڪي،
تنهنجون واٽون نهاريان وو.

هير هوا ۾ خوشبو وکري،
گُل ڦُل سِرنهن آ ڦُولاري،
توتان سرِڙو گهوريان وو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا نئين جنت ناهيون،
ڪي گيت پريت جا ڳايون.

گُل ڦُل سائي چبر تي او سسئي پُنهون قبر تي،
چوليون چمڪن ڪينجهر تي، هل هلون، سنڌو ڪپر تي،

من جي ڪا مِيت ملهايون،
ڪي گيت پريت جاڳايون،

رات چانڊوڪي جهرمر تارا، پون پُور پلپل پرين پيارا،
ويا گذري هن سانوڻ سيارا، جيءُ جيءُ سان ملا جيءُ جيارا،

اڄ دلبر دل وندرايون،
ڪي گيت پريت جا ڳايون،

قصو سُهڻي ميهر وارو، ڪا نہ نہ ڪاري ڪو نہ نہ ڪارو،
قرب ڪري تو جڳ سارو، عشق زنده باد هٽي نعرو،

”مرتضيٰ“ نينهن نڀايون،
ڪي گيت پريت جا ڳايون
ڪا نئين جنت ناهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺَهه ٺَهه ٺَهه ٺهڪڙا!
جهُوٽي جهوٽي ۾ جاني!
سَهه سَهه ساهه سهڪڙا.

او- هو!!
او، هو!!
او، هو!!

لعل لبڙن جي لالاڻ
ميندي رتڙن هٿن جي
سُرهي سُرهي سُرهاڻ

او- هو!!
او، هو!!
او، هو!!

سوز پرين سنيدين جا
سڏ پڙاڏا، سڏ پڙاڏا
نينهن يرين نيندن جا،

او- هو!!
او، هو!!
او، هو!!

چنڊ چهرو وار ڪڪر
رات چانڊوڪي، لڪ لڪوٽي
"مرتضيٰ" مون راند وندر

او- هو!!
او، هو!!
او، هو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ولر ڪونجڙين جا، اُڏري لتا
ڪيئي چنڊ چاھ جا، اُيري لتا،
تون نہ آئين پرين!
تون نہ آئين پرين!

برھ جي باھ تي، قرب جا ڪُنا،
وِصل ۾ جلي جلي او اُبري لتا،
تون نہ آئين پرين!
تون نہ آئين پرين!

تنھنجي يادن جي نيرڙي آسمان،
اندلٺ رنگ سُونھن جا نت نکري لتا.
تون نہ آئين پرين !
تون نہ آئين پرين !

ڪري ويس ڪارا، پيار جا ڪڪر،
”مرتضيٰ“ پُورب پاسي نڪري لتا.
تون نہ آئين پرين!
تون نہ آئين پرين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويري ڏير تيا،
ويري ڏير تيا،
ويري ڏير تيا.

ڏئي مون کي نشو،
گھري ننڊ غشو،
ڪٽي هوت ويا،
ويري ڏير تيا.

ڏونگر ڏاڍ ڪري،
ڪوسو واءُ وري،
پِٿُون پير تيا،
ويري ڏير تيا.

پٻ چوٽ چڙهي،
مون تہ گھڙي گھڙي،
پُنهون سڌ ڪيا،
ويري ڏير تيا.

پلي تہ هوت اچي،
ننگي تہ نينهن نچي،
مِرُون مُنهن پيا.
ويري ڏير تيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَر ڪَر ڪُونجون ڪَرڪن،
ڪَر ڪَر ڪُونجون ڪَرڪن،
ڪَر ڪَر ڪُونجون ڪَرڪن.

ڪَرڪن ڏينهن ۽ رات،
ڪَرڪن ڏينهن ۽ رات،
سا سيني وائي وات.
او منڙا! شال! ملن.
ڪَر ڪَر ڪُونجون ڪرڪن.

سڄڻ پنهنجا ساري
سڄڻ پنهنجا ساري،
متان ماري ماري،
وڳر ڪيو ير وتن،
ڪَر ڪَر ڪُونجون ڪرڪن.

هر هر ڪري هُو، هُل
هر هر ڪري هُو، هُل
ڪَرڪن قطارون هو، ڪُل
الا! ماري سڀ مرن.

ڪَر ڪَر ڪُونجون ڪرڪن
ڪَر ڪَر ڪُونجون ڪرڪن
ڪَر ڪَر ڪُونجون ڪرڪن
او منڙا شال ملن
وڳر ڪيو يَر وتن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متان تنهنجو پير مُڙي،
ڇم ڇم ڇم ڇم ڇيرون.
متان تنهنجي ڇير ڇُڙي.

هوري هوري هَلُ
هوري هري هَلُ
هوري هوري هَلُ.

ڪارن ڪارن ڪڪرن ۾،
چوڏهينءَ چنڊلڪي ٿو.
چريو چڪور چڪرن ۾،

هوري هوري هَلُ
هوري هري هَلُ
هوري هوري هَلُ.

وٽي واهه واهه جي هلٽي
ڇنڇنن ڇنن ڇوڙيون
ڪِل ڪِل ڪلي او ڪِلٽي.

هوري هوري هَلُ
هوري هَري هَلُ
هوري هوري هَلُ.

پاٽيءَ گهاگهر ڇلڪي،
ڇيلهه ۾ ڇُڪ نہ پوئي.
”مرتضيٰ“ شاعر اُلڪي.

هوري هوري هَلُ
هوري هري هَلُ
هوري هوري هَلُ.

متان تنهنجو پير مُڙي،
ڇم ڇم ڇم ڇم ڇيرون.
متان تنهنجي ڇير ڇُڙي.

هوري هوري هَلُ
هوري هري هَلُ
هوري هوري هَلُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نار ٻاڏي تي ناري!
ڪنهن جا ٻيچ ٻائين؟

ڪوڙين سان راند ڪري، من ويا ڪل وندرائين.

. ڪنهن جا ٻيچ ٻائين؟
نار ٻاڏي تي ناري!

لُڙڪن جي تہ لوتن مان، نير نيسر ۾ وهائين.

ڪنهن جا ٻيچ ٻائين؟
نار ٻاڏي تي ناري!

ٻُڪ ڀري اوو گوري! اُج اندر جي اُجهائين.

ڪنهن جا ٻيچ ٻائين؟
نار ٻاڏي تي ناري!

”مرتضيٰ“ نيٺ ملنداسين، ميندي هٿن تي لائين.

ڪنهن جا ٻيچ ٻائين؟
نار ٻاڏي تي ناري!
نار گاڏي تي ناري!
نار گاڏي تي ناري!
نار گاڏي تي ناري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي ياد ڪري،
نيڻ مُنهنجا ٻنا،

ڪُوڪُو ڪوئل ڪُوڪَي، نانءُ تنهنجو ڳِنها،

نيڻ منهنجا ٻنا،
توکي ياد ڪري.

ڏئي مُند ميارون، يار تنهنجي تہ ٻنا،

نيڻ منهنجا ٻنا،
توکي ياد ڪري.

وڄ وراڪا ڏيئي، هانءُ هيڪل ڏِنا،

نيڻ منهنجا ٻنا،
توکي ياد ڪري.

ٺَارِي ٺارِي تان مُون، روز ڳُلڙا ڇنا،

نيڻ منهنجا ٻنا،
توکي ياد ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميت رُنو وو
گِيت رُنو وو.

رُسي وئي ڏات الا!
گُهگهہُ اونڌھ رات الا!

هٿڙا ٻڌان وو
پيرين پوان وو.

ڪانہ هلي ٻات الا!
رُسي وئي ڏات الا!

دل ڌڙڪي وو
هِت ڦٿڪي وو.

لڙڪن برسات الا!
رُسي وئي ڏات الا!

ميت رُنو وو
گِيت رُنو وو.

رُسي وئي ڏات الا!
گُهگهہُ اونڌھ رات الا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او حَسين او حَسين
دلربا! دلنشين
محبت جي مئڪدي ۾، مئڪشي ڪيڏي،
دلبر جي ديدار ۾، دل ڪشي ڪيڏي،
مِنڙا! مهجبين
دلربا! دلنشين
انگ انگ تنهنجو سُهڻا، ٽپڪي انب جهڙو،
ويس پُوري بدن تي، اندلٺ رنگ جهڙو،
نَس نَس نينهن نشين
دلربا دل نشين.
سِج، چنڊ تارا ڪڙن، ڪَتيون ڪَهڪشان،
مُرڪين ته گلڙا ٽڙن، ٽهڪين عاليشان،
لبن گوشا غشين،
دلربا دل نشين.
ڏين وارن ڪَي ڦٽين، تون ڏاڍو وٽين،
نيڻ خمار مان او پرين جڏهن کٽين،
تِير ڪُمان ڪشين
دلربا دِل نشين.
شال "مرتضيٰ" اسين، ڪنهن پل جُدا نه ٿيون،
جيءَ جهوري وڇڙيون وو وقت جون وٿيون،
ڪش ڪيڏا ڪشين
دلربا دِل نشين
او حَسين او حَسين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُورن جي آ سڪرات
الاڙي او گهوڙا ڙي
ٿر ٿر ڳوڙهن برسات
الاڙي او گهوڙا ڙي
تو بن ڏينهن ۾ رات

سَٽ پئي سارين ۾
آءُ ڦٿڪان ائين،
جيئن مڇي ڪارين ۾
تو بن ڏينهن ۾ رات
الاڙي او گهوڙا ڙي
ٿر ٿر ڳوڙهن برسات

ٻيرين ٻُور جهليو
پلپل پرين پيارا
تنهنجو پُور پيو.
من تن ۾ تنهنجي تات.
الاڙي او گهوڙا ڙي
ٿر ٿر ڳوڙهن برسات

سَر نِسريا هن پاند
ڪوڏيون ڪونہ وٽن.
ڪنهن سان ڪيان راند
رڳ رڳ جوين جذبات
الاڙي او گهوڙا ڙي
ٿر ٿر ڳوڙهن برسات.

مون ڪي ماري الا
وڃهندو يارَ وڇوڙو
لُڪيءُ ۾ ساهہ آ
سُورن جي آ سڪرات
الاڙي او گهوڙا ڙي
ٿر ٿر ڳوڙهن برسات
الاڙي او گهوڙا ڙي
تو بن ڏينهن ۾ رات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر هر هانءُ ۾ تو هُرين،

سانورا! بانورا!

تِڪ ٻڌي لائون وانگر، هٿ ترِي تي ٻُرين.

سانورا! بانورا!

ڏينهن رات تات تنهنجي، چنگ چيڙن تي پرين.

سانورا! بانورا!

سُئي ۾ سَڳَڙي وانگر، ساهه ساهه ۾ سُرين.

سانورا! بانورا!

دلڙي دلبر ڪان ”مرتضيٰ“ ير گهڙي گهڙي گهرين.

سانورا! بانورا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهان ڪيئن مان ڏور دلبر! توکان ايڏو ڏُور
الڙ وهي وَهلور.
اکڙيون آتڙيون، پائن جهاتڙيون،
ڏينهن ۽ راتڙيون، تنهنجي چاهہ ۾ چُور.

رهان ڪيئن مان دُور
دلبر!
توکان ايڏو ڏُور.

پيار تي هِن پهرا، بول باڙا، ڪهرا،
گهاءُ بہ گهٽا گهرا، ڪيا ريتن ڪلور.

رهان ڪيئن مان دُور
دلبر!
توکان ايڏو ڏُور.

آءُ ڪري ڪو سانگ، چڙهي ڇهري چانگ،
ڪان ڪان ڪري ڪانگ، پلپل پَوڙن پُور.

رهان ڪيئن مان دُور
دلبر!
توکان ايڏو ڏُور.
الڙ وهي وهلور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏَک ڏَک ڌڙکي،
دلڙي منهنجي،
تو لئہ ڦتڪي.
هر رات اُماؤس جي، هينئڙو هيڪل ٿڙڪي.
ڏَک ڏَک ڌڙکي،
دلڙي منهنجي،
تو لئہ ڦتڪي.
اُتي پوان چرڪ پري، جي پن بہ ٻاهر کڙڪي.
ڏَک ڏَک ڌڙکي،
دلڙي منهنجي،
تو لئہ ڦتڪي.
جَر جرڪي وڇوڙو، من تن منهنجو ٻڙڪي.
ڏَک ڏَک ڌڙکي،
دلڙي منهنجي،
تو لئہ ڦتڪي.
ٿي جواني ديواني، ٻاهہ بدن ۾ ڀڙڪي.
ڏَک ڏَک ڌڙکي،
دلڙي منهنجي،
تو لئہ ڦتڪي.
هيڪر هلي آ تہ تون، تَرِي کُنن جي کڙڪي.
ڏَک ڏَک ڌڙکي،
دلڙي منهنجي،
تو لئہ ڦتڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين ماروئڙا اوو جهنگ جهانگيئڙا.
ڪکن پنن جا گهرڙا جُهگِڙيون ۽ جُهوپڙا،
آٽيون ۽ ير چاڙهيون، ڏُت روز ڏوتيئڙا.

اوو
اسين ماروئڙا
اوو
جهنگ جهانگيئڙا
لَتڙا ليڙون ليڙون، پير پيي تہ اُگهاڙا،
گوندر ۾ تا گهاريون، سُورن ۾ سانگيئڙا.

اوو
اسين ماروئڙا
اوو
جهنگ جهانگيئڙا
نڪِي تِڪي نڪي قوتو، نڪي پاٽيءَ لوٽو،
نڪي سِيندَ سُرمو تيل، نہ خوش وانگيئڙا.

اوو
اسين ماروئڙا
اوو
جهنگ جهانگيئڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڙِيون اَڙِيون اَڙِيون
اکيون
اَڙِيون اَڙِيون اَڙِيُون
شفق لالي سنڌو ڪناري، گهور نظرن سان نهاري.
لَڙيون لَڙيون لَڙيون
اکيون
اَڙِيون اَڙِيون اَڙِيون
ڪارن ڪارن زلفن ۾، ڪڙن ڪوٺن ۽ قلفن ۾،
ڪَڙِيون ڪَڙِيون ڪَڙِيون
اکيون
اَڙِيون اَڙِيون اَڙِيون
گهاريون اسان گڏجي جي، پر ياد پون پلپل سي،
گهڙِيون گهڙِيون گهڙِيُون
اکيون
اَڙِيون اَڙِيون اَڙِيون
من جي ڪا مِيت ملهايون، آ گيت پريت جا ڳايون،
رَڙِيُون رَڙِيُون رَڙِيُون
اکيون
اَڙِيون اَڙِيون اَڙِيون
اکيون
اکيون
اکيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُڙُ ڦُڙَ چوڻ وسائين، مولا! منهنجي وطن،
ڪِتي ڏُوڙ ڌرتي آ، ڪتڙي ٽُوٽ بدن.

هُو، ڏس، هاڻ قاڙي، پيچ پيچ چون ٿا،
جڏهن ايندي ڪڪرڙا، ڪي مٿان ڏسن ٿا،
نڪي آ بُوند بهاري، نڪي ٺڏڪار ٿرن.

ڪوسِي ڪُڪ ۾ ڪِڪِڙو، ٿجَ لئه تڙپي ٿو،
هِتڙي هر ساهه وارو، ڦُڙِي لئه ڦٿڪي ٿو،
ماڻهو مِرگهه، مَينهون، لُڇندي مور مرن.

پاڻي پويان ناريون، ساجهرو وڃن ٿيون،
ڀٽڪي، ڀٽڪي ساريون، خالي موٽن ٿيون،
سُڪا ٽڻ وات وجهي، ٻچڙا سي سُڏڪن.

ڦُڙُ ڦُڙَ چوڻ وسائين، مولا! منهنجي وطن،
ڪِتي ڏُوڙ ڌرتي آ، ڪتڙي ٽُوٽ بدن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيجل! چو تو ڏاهي؟
امڙ! چو تو ڏاهي؟
هاءِ! گهرڙو اسان جو!

جتي سُٽي مون لولي،
جتي ٻُڌي مُون ٻولي،
سوئي پڪڙو اسان جو- امڙ چو تو ڏاهي؟
هاءِ! گهرڙو اسان جو!

جتي پائي پانبڙا،
وڏيا منهنجا هڏڙا،
سوئي اڱڻڙو اسان جو- امڙ! چو تو ڏاهي؟
هاءِ! گهرڙو اسان جو!

بابو ٻہ تہ هِت ناهي،
ڏيندو ڪير نہ ناهي،
هي اجهڙو اسانجو- امڙ! چو تو ڏاهي؟
هاءِ! گهرڙو اسان جو!

سَتن ئي پيڙهين کان،
ابن ۽ ڏاڏن کان،
چنل چنڙو اسانجو- امڙ! چو ڏاهي؟
هاءِ! گهرڙو اسان جو!

”مرتضيٰ“ لُڙڪ لاڙي،
ڳاڙها ڳوڙها ڳاڙي،
هي وطنڙو اسان جو- امڙ! چو تو ڏاهي؟
هاءِ! گهرڙو اسان جو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇن ڇن ڇن ڇنن، ڇنن ڇن ڇن ڇن،   ڪِيئن زُلف ڪارا، هر هر تا اڏن،
ڇوڙيون ڇمڪن،   ڇن ڇن ڇن ڇنن، ڇنن ڇن ڇن ڇن.
ڇوڙيون ڇمڪن،   ڪي چنڊڙا ڪٽڙن
لوڏ لڪن جي ير، مستيءَ ۾ مگن،   ڪي گُلڙا ٽِڙن،
ڇن ڇن ڇن ڇنن، ڇنن ڇن ڇن ڇن.   توُن جي تي مُرڪين، مُرڪي زمين، ڳگن،
مينديءَ رتڙا،   ڇن ڇن ڇن ڇنن، ڇنن ڇن ڇن ڇن.
نازڪ هتڙا،   اکيون آتڙيون،
رنگ شفق ڇايا، او پُورڙي، بدن،   پائڻ جهاتڙيون،
ڇن ڇن ڇن ڇنن، ڇنن ڇن ڇن ڇن.   توري ”مرتضيٰ“ جلي تو جوين،
أنگ انگ تو نچي،   ڇن ڇن ڇن ڇنن، ڇنن ڇن ڇن ڇن.
ڪو رنگ تو رچي،   ڇوڙيون ڇمڪن
پيرن ۾ پايل، دلڙيون ڌڙڪن،   ڇوڙيون ڇمڪن
ڇن ڇن ڇن ڇنن، ڇنن ڇن ڇن ڇن.   ڇن ڇن ڇن ڇنن، ڇنن ڇن ڇن ڇن.
ڳهنگهور ڳهٽائون،
تڏڙيون هوائون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِنڙا ملنداسين،
سرنهن ڦولار ۾
ٽڏي ٽڏڪار ۾
شام جي پهر وو
سنڌوءَ جي ڪپر وو
منڙا ملنداسين.

لهر لهر جهُوٽو، اُتر لڳندو واءُ،
گُل ڦُل جهُومندا، خوشبو سندو ساءُ،
ٿيندو مست مگن، اندر جو تہ اُهاءُ،
واهہ واهہ جو وٽندو، نرم گرم ڇُهاءُ،

ٽڙي پونداسين،
منڙا ملنداسين

آزاد فضا ۾، آباد ٿينداسين،
ڏڪڙا سُکڙا، ويهي ونڊينداسين،
ڏُور دنيا کان، اُڏرُي هلنداسين،
امن جي ننگري ۾، نچندا ڪڏنداسين،
گڏجي جيئنداسين، گڏجي مرنداسين.

نينهن نيائينداسين
مِنڙا ملنداسين
سرنهن ڦولار ۾،
ٽڏي ٽڏڪار ۾،
شام جي پهر وو،
سنڌو جي ڪپر وو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيد ۾ بانديون،
دلڙيون مانديون.

آزادي لئہ تڙپن
ڦٽ ڦٽ ڏاڍو ڦٿڪن.

بند حويليءَ ۾،
ڳاڙهي ماڙيءَ ۾،

ڏک ڏک ٿيون ڏڙڪن،
آزادي لئہ تڙپن.

بندوقون يالا،
قاتل، رکوالا.

ساھ سنگينن سهڪن
آزادي لئہ تڙپن.

حق سچ چوڻ وارا
"مرتضيٰ" ويچارا

تيل ڪٽيي ٿهڪن
آزادي لئہ تڙپن.

قيد ۾ بانديون،
دلڙيون مانديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من جي ساگر ۾ لهرون وڙڪن،
ساحل ساحل، ڊوڙن تڙپن.

قيدي پنڇي، پڃرا، پهرا،
پيٽ بہ خالي، گهاو بہ گهرا،
دلڙي ڦتڪي اُڌما ايرن،
من جي ساگر، لهرون وڙڪن.

اکيون جاڳن، ٽِمر ٽِمر ڏيئا،
پلپل پائن، تولاءِ لِيئا،
ڦُڙ ڦڙ وڏڦُڙ ڳوڙها برسن.

پنهنجي ويري، دنيا ساري،
گهر گهر ڏيدي ڏاڍا ماري،
ٺاري ٺاري، گلڙا مُرجهن.

سي ئي صبحون، سي ئي شامون،
ٺڏڙي واري، بانهن لامون،
نٺيون، مون کان، ”مرتضيٰ“ وسرن.
من جي ساگر لهرون وڙڪن
ساحل ساحل ڊوڙن تڙپن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنهنجو پرين الا ننڊ ڪري،
الا ننڊ ڪري،
گهُل گهُل تذڙي هير گهُل!
ڏيري ڏيري تون لولي ڏي،
متان چرڪ پري،
گهُل گهُل تذڙي هير گهُل!
رات چانڊوڪي، ڪِرڻن ورڪا،
الا ماڪ پوي،
گهُل گهُل تذڙي هير گهُل!
ساحل ڪان او ساحل تائين،
پينگهي وِير وَري،
گهُل گهُل تذڙي هير گهُل!
منهنجو پرين الا ننڊ ڪري،
الا ننڊ ڪري،
ڍولڻ ننڊ ڪري،
دلبر ننڊ ڪري
پُورل ننڊ ڪري
سجڻ ننڊ ڪري
گهُل گهُل تذڙي هير گهُل!
منهنجو پرين الا ننڊ ڪري،
الا ننڊ ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳو سِنڌي سارا،
اجرڪ ٽوپي وارا.
غُنڊا گردي مرده باد، دهشت گردي مرده باد،
ڪاري وردي مرده باد، خاڪي کڙدي مرده باد
جاگيرداري مرده باد، سرمائيداري مرده باد،
هر ڪا غلامي مرده باد، قومي غداري مرده باد.
ڳايو گڏجي پيار،
جيسين چنڊ ستارا،
جاڳو سنڌي سارا.
اَمن، شانتي زنده باد، ترقي خوشحالي زنده باد،
سبز شادابي زنده باد، سَرنهن قولاري زنده باد،
وادي وادي زنده باد، گُلڙا گلابي زنده باد.
هر آزادي زنده باد، سپنا، سارون زنده باد.
پنهنجا، نينهن نعرا،
پهراڻ پٽڪي وارا،
جاڳو سنڌي سارا،
اجرڪ ٽوپي وارا.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳو سنڌي سارا، جاڳو هوشو هيمون
جاڳو دولهه، ڏودا، جاڳو باگهل بايون.
اجرڪ ٽوپي وارا،
چولي، چُنري وارا،
اڄو تہ توڙ نڀايون،
سنڌؤ جي ڄج ملهايون.
آيا ڪيئي دارا، ڪي سڪندر يوناني،
ايراني، ساساني، ايلخاني خُراساني،
آيا ديني ڏرمي، اُموي، عباسي، عربي،
نادر شاهہ، ابدالي، مدد خان قنڌاري.
ٻڏي چيلهہ سان سند را،
ڪري هَڪلون هُوڪارا،
وطن لئہ وڙهياسون،
جوٽي جهيڙا جنگون.
جاڳو ڏاهر، رُوپلا
جاڳو هوشو هيمون
آيا ڪيئي غزنوي، قاتل خُوني غوري،
آيا ڪڏ ارغوني، تاتاري ٽُر خاني،
مُغل، تغلق، خِلجي، تيموري تلواري،
پليت پورچوگيزي، فرنگي ۽ انگريزي،
رتورت سنڌو ڪنارا،
وڇڙيا ڪيئي پيارا،
وس آهر وڙهياسون،
ڪٽي تير ۽ تلوارون.
مرويسون، مرويسون،
پر سنڌ نہ ڏسيون،
جاڳو سنڌ جا ڄام نندا-
جاڳو باگهل بايون،
جاڳو سنڌي سارا.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ ڦُوهہ جواني، جهر مِر جهر مِر تارا،
جهُومن گُل ڦُل هوا ۾، وڻ ٽڻ حسين نظارا.

جوڀن سنڌو ڌارا
آءُ هلي پيارا
جاني جيءُ جيارا
آ تہ دل وندرايون
گڏجي جهومريو پايون
ريٽو رنگ رچايون
انگ انگ اڄ نچايون
گڏجي گيت ڳايون
نئين ريت بنايون
شال توڙ نڀايون
مٺا مِيت ملهايون
سندر سپنا سارا
آءُ هلي پيارا
جاني! جيءُ جيارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي — او- آزادي!
توکي پُڪاري سنڌ وادي.
ڪڏ تہ اگھڻ تي، مُنھنجي آءُ،
اکيون ترسن، ھٿڙن ڇُھاءُ،
سپنن جي-او- شھزادي.
آزادي -او- آزادي!
توکي پُڪاري سنڌ وادي.
سارون، سپنا، سُڏڪن تا،
ھر پل جذبا اُيرن تا،
تو ري ڪھڙي شادابي.
آزادي -او- آزادي!
توکي پُڪاري سنڌ وادي.
سالن کان تو ساھ سُڪي،
وينو تنھنجي راھ تَڪي،
توکي ساري ھر باندي.
آزادي -او- آزادي!
توکي پُڪاري سنڌ وادي.
تون جي توروئي مُرڪين،
منھنجي دل ۾ ئي ٽِڪين،
صدقي توتان ھي جندڙي.
آزادي -او- آزادي!
توکي پُڪاري سنڌ وادي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غــزل

مون کي ڏاڍا پيارا سائين،
تنهنجا سپنا سارا سائين.

تر جي وشال صحرا وانگر
تولئہ ٻانهن دائرا سائين،

من جي اندر اُڌما ڇُلڪن،
پاڻ سنڌوءَ ڪنارا سائين.

ڏُنڌلا ڏُنڌلا سڀ لڳن تا،
تو ريءَ سهڻا نظارا سائين

جاني! لوڪان لڪندي لڪندي
ڪريون پاڻ اشارا سائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسٽيج تي ماڻهوءَ جي، فنڪاري ڪيڏي،
ناريءَ نٽ تي ڏس ميناڪاري ڪيڏي.

بند حاويلي پلپل پيڙائي پيڙا،
آزادي لئه تڙپي ڪُنواري ڪيڏي.

لڄ وڪڻي هُوءَ، پنهنجا ٻچڙا پالي،
لاچار مواليءَ جي گهر واري ڪيڏي.

ڪوڪو ته گناهه تئي يار ثواب جهڙو،
ڪنهن ڪنهن آهه ثواب ۾ گُنهه گاري ڪيڏي.

هُن ڪي ساڙي چڏيائون رڌڻي ۾ وجهي،
پوءِ ڪيائون پٽڪو وڏو، مڪاري ڪيڏي.

دلبر جاني! اوري آ تون
سڪ جا سڳڙا سوري آ تون
ميرو، گندو، ڊوهو نظام،
رسمون پتڙي پُوري آ تون
آڏو پنهل آ، پويان سسئي،
ڏاڍا ڏونگر ڏوري آ تون،
تو ريءَ ڪيڏو تڙپان ڦتڪان،
تن من ان ڏن گهوري آتون.
در در ڀٽڪان، تنهنجي خاطر،
چاهه چپن تي، چَوري آ تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ريءَ سيھڙ وانگي، ساھہ لڪيءَ ۾ ڦٿڪي،
مان ڏاڍو تڙپان، جڻ پتري ٻُڪيءَ ۾ ڦٿڪي.
چنڊ ۽ تارن ڪان ڏس پلپل تنھنجو پڇان تو،
من منھنجو مڇي وانگر ٻاھر سُڪيءَ ۾ ڦٿڪي.
شراب جي شيشي ۾ باقي بچي ھڪڙي سُرڪي،
لڳڙي اڄ بہ ڏاڍي، پياس چُڪيءَ ۾ ڦٿڪي.
ٽيٽو پوندو باغي، آ ھيءُ نظام بہ ٻوھو،
رنگ ميندي بي رنگو، دلڙي ٻُڪيءَ ۾ ڦٿڪي.
سُور پيا سپ گڏجي، ھيڪر ھيٺائي گھٽي،
لُڇُ پُڇ ڏاڍي ايڏي، ٻار ڏُکيءَ ۾ ڦٿڪي.

دلڙي دلبر تو لئہ تڙپي،
ڦٽيل ھرڻي وانگر ڦٿڪي،
ڪيئن لھان مان سندر سپنا
ناھي ننڊڙي نيڻن اُڏڪي.
ڦُڙ ڦُڙ سانوڻ موسم آئي،
ھانءُ ھيڪل ھر ھر سُڏڪي.
ڪڪ پن تو جي ڪُڙڪي ٻاھر،
يايان جاني! مون کي ڪُٽڪي.
چولي چولي شڙپي شڙپي
منڇر ڪينجھر ساھہ، سھڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُلڙن قُلڙن جي ٻاريءَ تي،
نظرون پيڙم ڪنهن ناريءَ تي.

جيون منهنجو، ناهي منهنجو،
آءُ ٻه ڪو ليڪو واريءَ تي.

ڪير ٻه نه ڇُهي، ڪير ٻه نه چُمي،
ڇٽڪ سُڪل گلڙو ٽاريءَ تي.

ڏوڙ ۾ ڏنڌلي ڪائي صورت،
رڪيل ڪُنڊ پاسي جاريءَ تي.

ڏاڍو ارمان ٿيندو آهي،
ڪَوري ڪيڙي جي گهاريءَ تي.

بي وس پڳوان ڏسان تو،
فاتح شيطان ڏسان تو.
بستر تي بيمار ڪوي،
مرندي ڪو مَهانُ ڏسان تو.
هِٿ انڌو، گونگو، ٻوڙو،
پنهنجو ايوان ڏسان تو.
بي ڏوهي ڦاهي چڙهيو،
مفتي بيمان ڏسان تو.
ماني ڳيي لئہ دَرَ دَرَ، تي،
پنندي انسانُ ڏسان تو.
ياءُ ڪنواري پيٽ ڪُٺي،
لَت پَت ميدان ڏسان تو.
چنڊ ڇهري تي تيزاب،
وحشي حيوان ڏسان تو.
تاريخ پري پئي آ رت ۾،
خوني سلطان ڏسان تو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعر تہ منهنجا پڙهندي هوندي،
پنهنجي ليکي کِلندي هوندي.
ڪاڪ بہ ڪوجهي، راڻل ريءَ تہ،
ڊائري ۾ هو لکندي هوندي.
ٽِم ٽِم ٽِم ٽِم رات سڄي پر،
من جي مندر، ٻرندي هوندي.
ڦُڙُ ڦُڙُ ڦُڙُ ڦُڙُ بوند وُٺي آ،
ٿڌڙي هوا ۾ ڏڪندي هوندي.
ٽوٽي رهي جو جدا آکيري،
ڪنهن جي دل ۾ ٽِڪندي هوندي.
مُور ٿهوڪي تو ديل ڏسي چو؟؟
من ئي من ۾ سوچيندي هوندي.
ڳُٽ ڳُٽ ڳُهوڳُهو ڳيرن جي ٻُڌي،
ٿڌڙا ساهہ پريندي هوندي.
ڪڏهن ٿيندي ڪينجهر جُهولو،
واءُ اتر ڪان پڇندي هوندي.
پنهنجي پاڇي سان ڪو پاڇو،
ڏيدي اک سان ڏسندي هوندي.
هِن ڇَوري مان چو ڦاٽي هان،
جاني! دل ۾ چوندي هوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڏيڏي اک سان ڏسي مون کي، هر هر مُرڪي پَوين ٿي.
مان نڪ ٻڌي، ڏسان ٿو تو کي، چپڙن ۾ ڪجهه چوين ٿي.
رُخسارن سان زلفن جي آ، پلپل ڏاڍي ڪيچل،
هٿ تري آڱريون ڦيري انهن کي رُخ تان ڪٽين ٿي.
سنهڙي نڪ ۾ سوني بُولي، جِهرمِر موتي داڻا،
سُهڻو ڳچ پريل چاتيءَ تي، ڪاون ۾ جرڪين ٿي.
ڪَڏچيچ سان چڳ چوٽي وڪوڙي، ڪَڏِرئي پاند مروڙي،
دل ئي دل ۾ منهنجي باري، الله چا سوچين ٿي.
ڦوُهه وحيءَ جي مستي السّتي، عشق جا اُڌما اُپرن،
چئه ڏي چوڻ جيڪي تون چاهين، ساهه ٽڌا چو پرين ٿي.

ڪڏهن ڪڏهين مون سان مِنڙا، تون مِل ته سَهِي،
رُخ تان پردو سيري سُهڻا! تون کِل ته سَهِي.
چاهت جون سڀ چتيون آهن اُڏڙي پيڙون،
ميندي رتڙن هٿڙن سان ئي تون ٻِل ته سَهي.
ڪارا ڪُنڍڙا ڪاڪُل، چنڊ چهري تان ڦيري،
ٻاهر ٻُنيِ تي چوري، چيلري، تون چِل ته سهي.
پنهنجن گورن پُورن رخسارن تي گوري،
يادن جا ڪي ترڙا ڪارا تون تِل ته سَهي،
آئي رُت سانوڻ جي، بادل پرجي آيا،
”مُرتضيٰ“ من جي ڪارونجهر تي تون ٽِل ته سَهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِينڌ ۾ اٽيي ۽ وارن جي ڇڳڙي ڇو!؟
پنهنجي قسمت ۾ پارو تي ڏڳڙي ڇو!؟
ڪک، پن، ڪکڙا ۽ جُهڳيون، جُهوپا جُهريل،
انگ اڌ ڍڪيل، لٽڙا ليڙون اگڙي ڇو؟
لوئي، ڏوئڪي رت هاڻي پلپل پيڙا،
مِيرن، پِيرن جي پَيرن ۾ پڳڙي ڇو؟
جيون پنهنجو آهي اجڙي تڙ، توهر،
ڏک بُک جي آ هر هڙ ڳهنٽي وڳڙي ڇو؟

ننڊ نيڻن جي اُڏري ويئي،
رات ۾ رئندي گُذري ويئي.
تو ڪي ساريندي ساريندي،
سَٽ دل مان اُبري ويئي.
سچ پچ تو ڪي ڏاڍو ڀانيان،
دنيا ساري وِسري ويئي.
منهنجو من ۾ ته پاڳل آهي،
اک تو تي جو اُلري ويئي.
تنهنجي مرضي جيڪا جاني!
مون ڪان وائي، نڪري ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا واچوڙي ۾ لاٿ لڳي ٿي،
۽ ڪا ڪا مصرع واٽ لڳي ٿي.

ڏاڍي دل کي خوشي ٿيندي آهي،
آمر! ڪي مُنهن تي، چاٽ لڳي ٿي.

هر جُهوپي جُهڳڙي ۾ جُهومي جندڙي،
ڦُڙڦڙ ۾ تاريليءَ چاٽ لڳي ٿي.

ڏينهن ڏاڍو روشن، پوءِ بہ سائين،
تو ري گُهگُهہ اونداهي باٽ لڳي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باھ مچائي ويندا سين،
پاڻ پچائي ويندا سين.

انگ انگ توڙي زخمي آ،
نِينھن نچائي ويندا سين.

ساز عشق جا سيئي چيڙي،
چاھ رچائي ويندا سين.

سِرڙو اَڏيءَ تي بہ رکي،
ساک بچائي ويندا سين.

ٽم ٽم ڏيئا رات ۾ ٻاري،
ٻاک ڦٽائي ويندا سين.

جيون جو تہ قدر ڪريو،
جوڀن جو تہ قدر ڪريو.

ٽاري ٽاري گل ٽِڙيا،
گلشن جو تہ قدر ڪريو.

ڏاڍا ڏينھڙا لاتا تو،
وعدن جو تہ قدر ڪريو.

ٻہ ٽہ ڙي گھڙيون گڏ ويھي،
جذبن جو تہ قدر ڪريو.

ٽِم ٽِم ڳوڙھا نيڻ ٽِمن،
سُڏڪن جو تہ قدر ڪريو.

ساھ تي ڪھڙو ير بانور
لَمحن جو تہ قدر ڪريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُولو بدلَي وانگر رُلندا رهياسين،
سڪ جي صحرا سائين ڊڪندا رهياسين.

دلڙي دردن گهائي، انگ آ زخمي،
در در مرهم جي لئہ پُڇندا رهياسين.

سُڏڪا، واڪا، رڙيون ڏينهن ۽ راتڙيون،
ٻلپل ٻلڙن ٻوڙها، اُگهندا رهياسين.

لهرون لهرون ساگر، ساحل ڪان ساحل،
جيون ڊُوندي ٻيڙي، لُڏندا رهياسين.

عشق تہ امرت ڌارا، لب لال گلابي،
هڪڙي سُرڪي خاطر، لُڇندا رهياسين.

تڏڙي تازي هير جو تي ڪوڪو جهونڪو،
دل من اکيون لٻڙا، ڇُهندا رهياسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڙا ڪولي آڳ مٿان، اُڏري ويندا سين،
ور ور واٽون، لڪ، لانگها، گُذري ويندا سين.

ڪاري رات اُماوس جي، اونداهي ڏرتي،
ڪنهن پل سچ جي سج جان، اُڀري ويندا سين.

بوٿن جي ڪُڙين هينان، اسين نہ ديڙن وانگر،
پنهنجون پاڙون پاتار ۾، اُسري ويندا سين.

ڪڏهن ڪنهن کي ڏوراپو، پُلجي ڪو نہ ڏبو،
ويرون لهرون ساگر جون، اُڪري ويندا سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رِڻ ۾ مور رَڙي ڙي، ڊيل ڊوڙي آ،
هِت هُت، جِت ڪِٿ جاني! جيون جوڙي آ.
ڪَارونجهر جي ڪور مٿان ڪَرڪن ڪُونجون،
ناڙِي تِن تي تَاڙِي، گولي چوڙي آ.
پيار تي پهرا، ڪوٽ ڪڙا قلفن قابو،
لِڪي لِڪي ليئا پائي، وِتِڙي ووڙي آ.
ڪُڌي رسم ڪيڏي، ڪاروڪاري جاري،
سُهڻي سِير ۾ لهرن لوڙهي ٻوڙي آ.
هاءِ حُسن جواني ۽ هي وهلور وَحي،
"مرتضيٰ" مئہ ڪده ۾ ير نيهن نهوڙي آ.

ڪنهن جي زندگي ۾ زهر هارين چو تو؛
ڪوهہ مِٺا محبت جا ڪارين چو تو؟
پنهنجي معيار زندگي ۾ رنگ پريو،
موهن جي دڙي کي تون وسارين چو تو؟
قيد جا ڪوٽ لتاڙي بہ مِلن جيڪي،
چاپڙ ماري انهن اُڏارين چو تو؟
روز ڪري نڪ ٺاٺا
الڙ وحي، اُدما، ڊيڄارين چو تو؟
دل منهنجي اڳيئي دردن ماري،
ويتر شوخ نظر سان نهارين چو تو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ پرين اڪ چنبي ۾ چمر چانيا گـگن تي
ويني واٽون تڪيان، وار وچايان دڳن تي.

ڏُکي چٽنگ چاهت جي، جوين جَلي تو منهنجو،
ڳهُلي لُڪَ وچوڙي جي، پانيان باهه بدن تي،.

ماٺهو بہ ڏين مِهٽا سيئي پون تا سُهٽا،
دُور بہ تو ڪان دلبر، رنگ ڪارو تہ وڳن تي.

ٽڏڙي هير لڳي تي، ڪنڌي وير وري تي،
پوپٽ پوپٽ پويان، پؤنر پيرو گلن تي.

چاندوڪي راتڙيون، پلپل پايان جهاتڙيون،
من تن تو لئہ تڙپي، ڪُونجن جي ڪَرڪن تي.

زَور محفل ۾ تہ ڪو ڪو ڪو
مور محفل ۾ تہ ڪو ڪو ڪو

ساهہ منهنجي جي بہ آهي يرء
ڏور محفل ۾ تہ ڪو ڪو ڪو.

سُونهن تنهنجي تان تہ او سهٽا!
گُهور محفل ۾ تہ ڪو ڪو ڪو.

هاءِ دلڙي آهہ چوري تيء
چور محفل ۾ تہ ڪو ڪو ڪو.

ٺهڪ سنهڙا يار پريائن
شور محفل ۾ تہ ڪو ڪوڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُن پار ڏي جي هلڻو آهي
سورن جو سمنڊ ترڻو آهي.

•

باهہ برهہ ۾ ڪانيون سوريو،
پيار ۾ جيڪر پچڻو آهي،

ٿَڪي ٿوڪي ڪچو گهڙو ڪنير ڪي،
مُنهن موٽائي ڏيڻو آهي،

توڙي پير پٿون پنهنجا ٿين،
پُنهونءَ پويان وڃڻو آهي.

ناحق گولين منجهہ جي مرون،
آواز اُن لئہ ڪرڻو آهي،

هر گهٽي گهٽي ۾ ٿياس ٽنگيل،
ويس مٽائي ورڻو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڻي ويچاري وچ سِير ۾،
لُڙهي لُڙهي تي لهرن وير ۾،

ڪِرندي ڪهڙي ڪونج قطاران،
نڪتل ڪمان مان تڪڙي تير ۾.

انسانيت جو چولو سڙي ٿو،
ڪيڏي! بدبوءِ آهي هير ۾،

هنيو نعرو هَوشُو هو ير،
نہ هئي جڏهن مڙسي مِير ۾.

ٽِيڪو نشاني زوال جي آ،
هر هر مصري ملايو کير ۾.

اکين مان ڦُڙ ڦُڙ رت ٿو ٿمي،
پلپل "مرتضيٰ" نيڻن نير ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُومل گهتي پئي،
ڪاڪ ٻُتي پئي.
مسڪين جي ڪاج،
مُستي ڪُتي پئي.
ڪندي صاف ريفل،
گولي ڇُٽي پئي.
اوچتو وِٺ ڪري،
سوچ ٽُٽي پئي.
سچ سچ لکان مان،
باک ڦُٽي پئي.

انبڙي آچار آن،
پرين جي پچار آن.
اکين جو چانورو،
پنبڻي جو وار آن.
ڪِل ڪِل ڙِي چوري،
ڪِل ڪل تون ٻار آن.
تات مٽان لات آ،
تنبوري تار آن.
ٻانهن جي ٻک ۾،
گلڙن جو هار آن.

چلڪائين تي چاتي،
ڪو پاٽي تار آن.
مُور نتي وسرين،
ساهه جي تون سار آن.
چيڙا رس رسيلا،
نارنگي جي ڦار آن.
گلڙا ڳر ڳتيل،
سنڌڙي جي ڳار آن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من من آڳ متي آ،
تن تن تات تتي آ.
آڏيءَ پاٽيءَ وارو،
هاري هٿ ۾ بتي آ.
ٻالڪ ڪانڊيري سان
ڏس ينيوري وتي آ.
ٻازار ۾ وڏي واڪ،
ڦوهه جواني ڪتي آ.
وئشا جي پُوري بدن،
نِيري نوٽ جي چَتي آ.
شادي ٽيڻ ڪا نہ ڏني،
الٽو چون ٽا ستي آ.

هر هر دري ڪڙو آ،
عشق ۾ بہ تہ هي جڙو آ.
تنهنجي مرڪ بہ منڙا،
باهہ برهہ تي ڳڙو آ.
پيار جي ريت نرالي،
شاهد سهڻي گهڙو آ.
ڇور ڪُتي جي چڪ سان
ڦاٽو اوڏڻ پڙو آ.
هُن انجڻ ۾ اُڇلايو،
ڪيڏو! جيون ڪڙو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوري چنيون لکندا آهيون،
ڪڏهن ڪِڏهن ملندا آهيون.
ڦريون ڦِريون، ٻيرِيُن ٻير پَڪا،
ڪرڪن ڪونجون، سڪندا آهيون.
تڙپون ڦتڪون، رات جو ڪٽ تي،
اجرڪ ويڙهي روئندا آهيون.
ڏک ڏک دل جي تيز تي وجي تي،
ڏيڍي اک سان ڏسندا آهيون.

اِئين تڪَ ٻڌي ڏسين چو تي،
رکي رکي اک يَجين چو تي.
مور چل تور، هلڻي تنهنجي،
وکڙي اهڙي، ڪٽين چو تي،
پن چڻ پن چڻ، ٺاري ٺاري،
بهار ايندي، وجين چو تي.
هر هر نقاب، چهري هٽائي،
چوڏهينءَ چنڊ، ڪڙين چو تي.
"مرتضيٰ" من ۾ چولي چُلي،
ساهڙا تڏڙا پرين چو تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍي ڏاڍي اُڄ لڳي ٿي،
توري زندگي رُڄ لڳي ٿي.
حسن جي محفل، هاءِ متل پر،
جڳ سڄي جاني! سُڄ لڳي ٿي.
مُرڪي منڙا، تون ماري وئين،
جڻ رڳ رڳ چٽيل، مُڄ لڳي ٿي.
يادن ڏکيون، ڪيئي قطارون،
ايندي ويندي ڄڄ لڳي ٿي.

چاندوڪي راتڙيون آيون ڙي،
گهڙي گهڙي جهاتڙيون پايون ڙي.
سَسئي پنهون وانگر پنهنجي چاهت،
هڪ ٻئي کي اهڙو تا پايون ڙي.
شفق جهڙا ميندي جا رنگڙا،
اڄ پنهنجي قسمت کي لايون ڙي،
تنهنجون ۽ منهنجون آهِن ڳالهيون،
گهور ڪيون گيت، غزل وايون ڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماتي ۾ مانڊاڻي، پيرو پيرو،
هڪ هڪ سيڪنڊ ۾ آ، ڦيرو ڦيرو.
سَاري ساري رات ڏئي ٿو پهرو،
ڪير متان چورائي، اَنَ جو ديرو.
هيلهہ بہ قرض تہ ڪو نہ لٿو هاريءَ جو،
ٿَهہ ٿَهہ ٿهڪا ڪِل ۾ وڏيرو ڪيرو.
ويهن رُپين عيوض چارئي پهر،
هر شُشڪر تي ڊوڙي بالڪ بيرو.
ناري ويچاري جڻ گهرجي بڪري.
جنهن پائي ٻڌي وڪڻي، پيءُ جو ويرو.
چاليهي جا ڏينهن، مٿي تي تغاري،
دير نہ ڪر جلدي ڪر مالڪ گهيرو.

دردیلي دنيا، ماڻهو مغرور،
احساس بنا آ، سارو دستور.
عشق لڳو هيڪر، جنهن ڪہ جنهن سان،
معشوق آڏو آ، سو بيوس مجبور.
ڪا ڳوڙها ڳاڙي، ڳاڙهي ماڙي ۾،
ڪا جهڳڙي ۾ جُهري هئہ دل بي قصور.
جيون جيون ڪي آ رنگ ڍنگ پنهنجو،
رسمون ريتون پابندي، جوين مفرور.
ڪنهن ڪي قسمت سان آ ميت ملندو،
ڪو گيت سنگيت ٿيو، مُرتضيٰ مشڪور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍو ڏاڍو آهي، هِت هيٺو ويچارو،
انصاف عدالت ۾ تڙپي، مَارِي مارو.

ڪو هيروئن جو، ڪو چرس ڀنگ جو موالي،
زال ڪتان آٽي پئسہ، ڏنڊن وسڪارو.

روز ڪلب ۾ عيش ڪري، جوٽس اوسيئڙي،
ڏيٽس چاندي وار، نوڪرياٽي وارو.

ڪو خفتي ڪُڪُڙن، ڪو گهوڙن، گڏهن، ڏاندن،
رچ بچ ويڙهہ مرون تي خَرچي ڏوڪڙ ڪارو.

ڪا بہ تہ ناهي ڪاري، ڪو بہ تہ ناهي ڪارو،
ڪوڙي غيرت آڙ ۾، ماٺهن مُنهن ڪارو.

ڪڏهن اوبارو هُو، ڪڏهن لهوارو هُو،
ڪُرسي جو پُوڄاري، روز وجهي تو ڊارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِسڪڻي تي وئي يار دلڙي
فِسڪڻي تي وئي يار دلڙي.

وار چنڊيا تئي اڄ هوا ۾،
مَهڪِڻي تي وئي يار دلڙي.

ڪو تڏو ساهه پريو تئي جو،
سَهڪِڻي تي وئي يار دلڙي.

تو گهڻو پاڻ پليان مگر هي،
گِسڪِڻي تي وئي يار دلڙي.

ڪوڙ آهن بيا پيي حِسين پر،
ڪُرڪِڻي تي وئي يار دلڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري مون کي ادائن آهه سيکاري،
دوستي مون کي ادائن آهه سيکاري.

تو الائي ڪِئن هُئي، جهاتي لِڪي پاتي،
مئہ کشي مون کي ادائن آهه سيکاري.

بي ڊپاتي وار، رُخ کي تا ڇُهن هر هر،
عاشقي مون کي ادائن آهه سيکاري.

ٻِل گلابي رس گُلا، چپ چاشني چٽڻي،
چَڪ چُمي مون کي ادائن آهه سيکاري.

ڪِئن ڏندن جي وِتي ۾ ير ٿُڪين تون زبان،
دلبري مون کي ادائن آهه سيکاري.

تو هئي ميندي، هٿن لاتي، شفق چانئي،
رنگ رنگي مون کي ادائن آهه سيکاري.

اُپ اُيارن جي لکن ۾ تو لڙي سِج پي،
عاجزي مون کي ادائن آهه سيکاري.

”مرتضيٰ“ تو چا اشارن ۾ چيو جڏهن،
اک چنيي مون کي ادائن آهه سيکاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِت ڏٿا، پُوزيون ئي رُڳو قول هِن،
هت ڪُوڙا ۽ سُوڙا رڳو ٻَولِ هِن.

ڳالهيون مِنڙيون، تڪڙيون، سُنڙيون،
پتڪڙا هت ڏکن تا، جُهريل جهول هِن.

انگ اگهاڙا، گنجي، گوڏ، قاٿل لٿا،
پيٽ آهن پُني سان، پڳل ڏُول هِن.

ڪِيهه ڪهڙي ٿئي، رِيهه ڪنهن جي ٿئي،
ٻُوت ڳورا نڙي تي ڪتل رول هِن،

ڪا نہ انسانيت آهِ اڪثر هِتي،
چيٽ چولا سڙن، ويل ۾ ڏَول هِن.

چور، ڏاڙيل، ڦورو ۽ دهشتگرد،
ڪاڻ تن جي ڪُتي ڪا نہ تي پَول هِن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شال مُنهنجي مٿان، تنهنجي ڇانءَ هجي،
نانءُ تنهنجي سان، منهنجو نانءُ هجي.

پِڪُون پيار جون، گڏجي پيئون،
ٻنهي جي لبن تي ساڳيو ٽانءُ هجي.

تون جي بيقرار ٿين، مان بيقرار ٿيان،
جڻ منهنجي سيني ۾، تنهنجو هانءُ هجي.

سڄي عُمر تنهنجي تصوير ٺاهيان،
جي "مرتضيٰ" مون کي، اهڙو ڏانءُ هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرزو توکي ڏسڻ لئہ! اجا تائين الا،
هٿ مِلائي گڏ هلڻ لئہ، اجا تائين الا.

من مُرادون پُوريون، ڪڏ الائي ٿينديون،
دل چئي توسان ملڻ لئہ، اجا تائين الا.

ڪينجهر ۾ پُسن او، چُنريون ۽ چوليون،
آتيون لهرون اچڻ لئہ، اجا تائين الا.

ساهہ تو منهنجو سِڪي، چاهہ چيڙن تي چُري،
آخري پيرو چُمڻ لئہ، اجا تائين الا.

”مرتضيٰ“ تو تان ٿيان، آءُ صدقي جڏ چوين،
آهيان زنده گهرڻ لئہ، اجا تائين الا.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڳا ويس پائي گهمر، پلي ناز سان سُهڻا!
سَلامي پرِن پؤنرا، وڏي راز سان سُهڻا!

سَوا يار تنهنجي اِءُ، هيڪل وياڪل هان.
پلا ڪيئن سليان هاءِ! آواز سان سُهڻا!

ٻُرن ٻول، تنهنجا ٽهڪ، گلزار باغن ۾،
ٿئي تازگي دل کي، ٻنان ساز سان سُهڻا!

اسان سان الائي ڇو، اچا نابري تنهنجي،
پُڇا ڪر اسانجي پاڻ، غم ساز سان سُهڻا!

ڪري "مرتضيٰ" پوڄا، نِگاهن ۾ ويهاري،
عبادت ڪيان تو يار، انداز سان سُهڻا!

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپنا سارون ڪٽي، ڦري آيا،
ٻُڪ گُلن جا پري، وري آيا.

واعدا جيئڻ ۽ گڏ مرڻ جا،
هانءُ ۾ هِڪ هِڪ تي هُري آيا.

ياڪر، بوسا، ٿهڪ، اشارا،
شام، صبح، سانجهي، سُري آيا.

وحشي ماڻهن ، ڏار ڪيو ڏِڪي،
اکين ۾ ڳوڙها، تري آيا.

هڪ پيرو تنئي جي ديدار الاءِ
الله کان اِها دُعا گهُري آيا.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئني پاسي گُلڙا هِن، خوشبوءِ گُلزار ۾،
هاءِ! چوڏهين چنڊ چهرا، اڄ پريل بازار ۾.

تي رنگا رنگي محفل، رقص دلڪش ڏاڍو،
جوڙِي جوڙي جُهومي، وِڪ وِڪ سان دربار ۾.

ڪارونجهر جي ڪور تي، ڍيل ۽ مور نچن تا،
گَج گَج گوڙ ڪ، گاج تي، وڏڦڙ سان وسڪار ۾.

چنڊ چانڊوڪي ڪِرڻا، لهرون لهرون ڪينجهر،
پيرن ۾ پايل چمڪي، ڇمِ ڇمِ جهنڪار ۾.

ڪَر ڪَر ڪونجون ڪَرڪَن، سجڻ پنهنجا ساري،
دلڙي توکي پُڪاري، هِن ساري سنسار ۾.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندا آهن ڳوڙها، جڏهن تڏهن،
تنهنجي ياد ۾ جانا! جڏهن تڏهن.

سپنا، سارون، سُڏڪا، پاند پُسايان،
اجرڪ، چُنري، چولا، جڏهن تڏهن.

رستا، ڪنڊا ڪوڪا، شيشا ٽُڪرا،
وِڪ وِڪ زخمي پيرا، جڏهن تڏهن.

رُخسارن سان کيچل، ڪن ڪاڪل ڪيٽي
ترسن منهنجا لبڙا، جڏهن تڏن.

بس هڪڙو ئي پيرو، هٿ هٿ ۾ ڏي،
هي سرڙو حاضر آ، جڏهن تڏهن.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



بيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت

نڪي اڃهو، نڪي لٿو، نڪي آ اٿو
زندگي وِهه جو وٿو، ڏرتي ڏٺين جي،

گولين جي ڪوڪن جا، پئي ٻُڪَ پري،
زندگي ۾ زهر جا، پئي ڏُڪَ پري.

لال لهو ۾ ڳاڙها، هي روڊ ۽ رستا،
سِر سنڌين جا سستا، ايڏا ڇو ٿيا!؟

گهر گهر ماتم، گِهٽي گِهٽي جنازو،
چورن جو ٽنازو، ڀُونءِ ياڳين سان.

●●●

اونڌيون ڪتوليون، روئن مارو رت،
ڪين ڪاٺن ڪت، پٽر تي پيٽ ٻُڪيا.

ڏسو ريٽي رت مٿان، پُڻ پُڻ پُڻڪن مڪيون،
ـتي مهمانن هٿان، روز ڪُسجن ميزبان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳيرو تين ڳَترا، ڪونڌر ڪيئي ڪترا،
ڌرتيءَ جا ٻچڙا، لڙهن رت درياهه ۾،

ڦاٽن ڇيٿ چولا، لُٽجن لوئيون،
رَت جون ڌوئيون، ويلي ويلي وو.

هي فوجي چانوٽيون، ديم سنڌوءَ تي سارا،
ڪونہ ڪپن اسان کي، معصوم بنگالن جا مارا،
هٽو زور سان نعرا، نامنظور! نامنظور!

ڌوٻرن تي پٽيون، هٿن ۾ جهنڊا ڪارا،
لانگ بوٽن هينان، ٻنيون توڙي ٻارا،
هِتڙي تڙپي اُج مرن، هُتي ديم سارا،
هٽو زور سان نعرا، نامنظور! نامنظور!.

جلد رس نعرا، هر هنڌ هڙتال،
ڪونہ سستم ڪٽي آ، ڪيو جانچ پڙتال،
پينرن ڪئي بک هڙتال، پائرن سان ڳڏجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلسا جلوس نعرا، هر هنڌ هڙتال،
چؤنک چؤنک تي، احتجاجي بک هڙتال،
ڪٽندا نيٺ ڪڙتال، مجبور تي مارو،

برابر پنهنجو همرچو، هو جمالو، مورو،
پرهاڻ ڪيڏارو، ڳايو ڳايو گڏجي.

پيار امن جي ٻوليءَ مان، جابر چا جاڻي،
روز بلاول هتڙي پيڙجي تو پر گهاڻي،
ڪنهنجو پوڙهو پيءُ، ڪنهن جي ماءُ تاڻي،
الا، اُتو سپ هاڻي، سنڌڙي! سڏ ڪري.

تنهنجي سِڪ سپرين!، چاليهي جي باھ،
منهنجي اھا آھ، وسي ڪَڻ ڪڻ قُرب جي.

سِر ڏري تنهنجي سيني تي، آءُ وينو چنڊ ڏسان
الا، سُتوئي ننڊ ڪيان، ڇاتيءَ جڻ هندورو.

تون جي اچين دلبر، ڦڙ ڦڙ ڦڙڪي تي دلڙي،
تون جي وڃين دلبر!، ڏڙ ڏڙ ڏڙڪي تي دلڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻالڪ هڪليندو هلي، ڪاريون، ڀُوريون مينهون،
هُون هُون هُون هون هُون امان، هُون.

اُتي جوڳي جوش مان، پري وڄاءِ بين،
پاڻ کي گهرجي آزادي، ٻيو نہ گهرجي ڪو دين.

تون نہ جهڪائي سگهندين، اسان جا اُوچا ڳاٽ،
توڙي ناهين گيدي! گهٽي گهٽي ڦاهي گهاٽ.

جندو جندي سان، لوڙهي سان لوڙهو،
پاڻ ۾ چو تا وڙهو، ساڳي ماءُ جا لعل.

جيسين جابر آهي، تنهنجي رڳن ۾ روڳ،
تيسين ختم نہ ٿيندو، مظلومن جو سوڳ.

جيسين غيرت جو آهي، رڳن ۾ روڳ،
تيسين ٿيڻ نہ ڏينداسين، ملير ۾ ڪو ڦوڳ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيري جي وک تي، گهوڙن جي سُنبن هيٺان،
ڪاچي، ڪچي، لاڙ، اُتر، لانگ بوٽن هيٺان،
ٽينڪن جي چينن هيٺان، اسان کي لتاڙيو ويو آ.

لُکَ ساڙي لونڊڙيون، ڄر ڄرڪي جهولو،
هاءِ! سنهڙو آ چولو، من تن تو سڙي.

هِن پُونءِ تي پٽائي! روز تو ڪعبو ڍهي،
هِت خون بي گناهه جو، ناحق ڏاڍو وهي.

ويرين جي ويڙهن کي، لڳايو آڳ،
پوءِ ئي ڦُٽندا ڀاڳ، پنهنجا ڦاٽ ڪاٽي.

اوهان وٽ آهي خوشي، ٻلي عيد ملهايو،
اسان وٽ آ ماتم، ڏُکي هر ڪا آ ديد.

اڃا اُڄلي پٽ تي، جن ڪارا ويس ڪيا،
تن آزاد ديس ڪيا، ڪيڏي راند رت سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ تہ ڳڌجي دلڙي، گهوريون ڌرتي تان ڄندڙي،
نہ تہ سڌي سڌی سنڌڙي! ڏيندي معيار پاڻ کي.

شال سنڌوءَ جي چپن تي، هُجي منڙي مُرڪ،
ڪا ماءُ نہ لاڙي لڙڪ، ”مرتضيٰ“ ڪڏهن پلجي.

لُڇي پُڇي لاش تين، جُهرن روز جهوليون،
مالڪن مڙهہ نہ مِلن، خالي تين ڪتوليون،
چئني پاسي چوليون، رگجن ڳاڙهي رت ۾.

پيرين پيڪڙ ڪوڙ، جنگهين ڏندا بيڙيون،
زبانن تي تالا، هٿن ۾ هن هٿڪڙيون،
گهاريون گهڙيون، سيخن پويان سنڌڙي!

پرجي جيل ويا، قيدي ناحق راڄ،
ٻڌجن گوليءَ ڪاڄ، ڌهاڙي ڏيهہ ڏٺي.

پرجي جيل ويا، قيدي ناحق راڄ،
مسجد، مندر، ماتم، ڪين تين تا ڪاڄ،
ٻڌجن گوليءَ ڪاڄ، ڌهاڙي ڏيهہ ڏٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني سنگين تاٽي، چيري چچري چمڙ،
هڏا، ماس هيٺي جا، پيڙي لوهي گهاٽي،
رت، پُونءِ ڇاٽي، سُرڪيون پريِ سوئڙ.

سيني ۾ سرڙات ڪري، نانا لڳن گوليون،
وهي رت راڳا ڪري، ناهي وڏيون ناليون،
بي واهه تين بي گناهه، ڪيتريون ڪجيليون،
مائر ڏين لوليون، ڪنهن ڳل پائي ڳراٽيون.

آهون، دانهون، ڪُوڪُون، واڪا،
ڪونه ڪو سُڻي، ٻُوڙا گهل آقا،
ماتمي خاڪا، سوين سانگين وٽ.

ڪيترا ڪونڌر ڪُنا، گهڙي پهر ۾،
تڙپي تڙپي مُئا، پنهنجي ئي شهر ۾،
زندگي زهر ۾، ڪائي پئي گهوتا،

ڪانئرن پياري ڪُرسي، ڏرتي رَتو ڇاڻ،
ويڙهيچن جا وٿاڻ، اونديون ڪتوليون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالھہ وري ويرين، جُوندي سنڌي ماريا،
پيرين هينان پليتن، ٻاڙها ٻيرو ٻاريا،
ڌرتي ڏٽين تي ڌاريا، ٿهہ ٿهہ ٿهڪيا ڳهٽو.

رت ۾ ٻڌل، ڪئي لاش بي ڪفن،
ڪانڌي ڪرفيو ۾، ڪيئن ڪن دفن،
ماڪي منڙا من، وڳر ڪان وڇڙيا.

اجرڪ، ٽوپي، پهراڻ، پٽڪو، سداءِ سڙي چؤنڪن تي،
وهي رت ويڙهيچن جو، واهڻ وستي رودن تي،
ٻيرو ٻاڙهن گهوٽن تي، اجا اُڀيون ڪاتيون.

ٻٽجن گولي ڪاچ، مکڻ چاٽا ماٽهون
وجهو ڌارين ياچ، اجڙي نہ ڪنهن جي جهولي.

مورڙا تنهنجي شهر ۾، ڪيئي ٿهڪ ڪُنا،
گولين مِينهن اُنا، سنڌي سباجهڙن تي.

مورڙا تنهنجي شهر ۾، ناليون، رت ڀريل
ڪيئي اُرهہ ڪپيل، تنهنجون ڀينرون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موررڙا تنهنجي شهر ۾، سڙيا ڪئي ساهه،
لٺيرن لڳائي باهه لِڙيءَ رات اوچتو.

موررڙا تنهنجي شهر ۾ جهُڳا جهڻ تيا،
گهاتن جي گهرن ۾، ڪاهي قاتل پيا،
لُٽي سڀ ويا، ماري سڙسن ڪي.

موررڙا تنهنجي شهر ۾، لڳو ڪوسو واءُ،
ڪنهن جي پيڻ ڪُٺي، ڪنهن جي ڪُٺي ماءُ،
ڪنهنجو پيءُ ڪُنو، ڪنهن جو ڪُنو ياءُ،
گولين گهرا گهاءُ، ويڙهيچا وچڙيا.

پليتن جي پيرن ۾، پينرن جون پوتيون،
ريٽي رت ۾ لت پت، اجرڪ ۽ ٽوپيون،
وينا وِهه اوتيون، ويلي ويلي وو.

گهر گهر ۾ لاشو، روج راڙو ماتم،
بجلي پاڻي بند، نُش نُش ناشو،
تڙ تڙ تماشو، دربدر ديس ڏٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتي پوءِ ارڏا، گهايا گهوٽ گهٽا،
رت جي راند ۾، ڪاهي پوءِ ڪُڏٽا،
سَوري سُرڪٽا، وجهو ويرين ڪي.

اُتي پوءِ ارڏا، گهايا گهوٽ گهٽا،
ٺاٺا گولين ۾، رت وهنتا راٽا،
اڇا نہ اوڍيو، پايو لهوءَ هاٽا،
ٿُڏي ٿُڏي ٽاٽا، تج ملهايو ماءُ جي.

پڪڙي قاتل قوم جا، ٻڌو ٻُوتن ٻُوتاڙا،
وجهي ناڪيلي نڪ ۾، وهايوس لهوءَ ڳاڙا،
پليتن جا پاڙا، هوند نہ هجن پُونءِ تي.

پڪڙي ڪن ڪانئر جا، ڪن ڪوشي ڪرايو،
تَئي ڪارنهن مَلي، ڪاري ڳڌهہ چڙهايو،
گهتي گهتي گهمايو، پارائي پادرن ڪَنڌيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪڙي ڪن ڪانئرجا، ڪن ڪوشي ڪرايو،
وک وک تي واٺڙي ڪي، گيسي ڪرايو،
پادرن ڪنڌي پارايو، هيڙهو هيڙهو چئي.

ڪانئر ڪري ڪُک مان، ڇڻ نہ امڙ مون،
چونڊينءَ گيدي نون، پڄي ايندس ميدان مان.

هت هت ڪلاشن، هت هت ڪُهاڙي،
ڳولي ڳولي ماريو، ڌرتيءَ جا ويري،
ڪو ديس دروهي، هُوند نہ بچي هڪڙو.

مانجهي مڙس متير، جيئن تورا ڏينهڙا،
گجي گجي گهارين، جيئن ٻيلائي شينهڙا،
سي ساري نينهڙا، روئيو رات وهامي.

پنهنجا هاري رت ڦُڙا، پوکيو انقلابي ٻُوٽا،
تن مان ناهي بانا سوٽا، وار ڪيو ويريءَ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلاب ۾ آزادي، پنهنجو آهي دين ڌرم،
رکنداسين يُون پرم، شهپر وني سُوليءَ تي.

هڪ ڏينهن هتڙي، اَٽينداسين انقلاب،
گهوري گهوٽ گُلاب، منزل ماٽينداسين.

هڪ ڏينهن هتڙي، ايندو ضرور انقلاب،
گوليءَ جو گوليءَ سان، ڏبو جابر کي جواب،
ونبو حق حساب، هڪ هڪ رت ڦُڙيءَ جو.

لتر پڄي چَکر کي، وٺ هاٽي پستول،
لُڙڪن سان ڪشڪول، پرجي ويو پاءُ.

اڃو تہ گڏجي پاءُ، جابر جوٽيون جنگ،
نڪي لُنجن ننگ، نڪي لتاڙجن لوڙها.

اڃو تہ گڏجي ساٿي، پاڙيون، پنهنجي پٽ،
لهوءَ ۾ بوڙي ڪٽ، لکون گيت بغاوت جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڃا نہ ڳاڻي ساٿي، پاڙان غلامي پٽيون،
آزادي جي ڇانو ۾، ويهي شهپر وٽيون.

اڃا نہ ڳاڻي ساٿي، اهڙو اقرار ڪيون.
دز نہ ڍبي ڌرتيءَ جي، توڙي ٽُڪر چار ٿيون.

اڃا نہ ڳاڻي ساٿي، تورو تڄ جو لاهيون،
ويرين جي ويڙهن کي، لڳايون باهيون،
پنهنجو پاڻ ماڻهايون، سِرڳهوري سنڌ تان.

پيڻو ڳاڻي پاڙان، غلامي جا ٻُوٽا،
ڪير نہ ڪائي جهُوٽا، انهن پليت ڇانو ۾.

اڃا نہ ڳاڻي ساٿي، ڪيون هي وچن،
ڳولي ڳولي مارينداسين، ڌرتي جا دُشمن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلاب ۾ آزادي، پنهنجو آهي دين ڌرم،
رکبو ڀون ڀرم، رکي سر اڏيءَ تي.

اسين پُٽ مٽيءَ جا، مٽي اسانجي ماءُ،
اڄ تہ گڏجي ڀاءُ، تڄ ملهايون اُن جي.

اسين پُٽ مٽيءَ جا، مٽي اسان جي ماءُ،
اهڙو نہ تون گهُل واءُ، ڀاءُ ڪُهي ڀاءُ کي.

ڀاءُ ڪُنو ڀاءُ کي، ڌارين ٺهڪ ڏنا،
پِٽُن تي ڀنا، ٻئي نيڻ پٽائي جا.

رت رتي ڌرتي، ڀاءُ ڪُهي ڀاءُ کي،
لڳا ڇاتي منجهہ ڇُرا، سورن ۾ سر تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر ۾ گوليون، اگڻ تي گولا،
مرن روزمانجهي، سڙن چيٿ چولا،
پاروتا لولا، چو چو اسان لئہ!؟

سينڌ ۾ سينڌورو، ڪونہ پائبي سنڌڙي!
تون ڪيئن جنڊڙي! هر هر پسين آئينو.

سِرن جا سودا، تو سان سنڌڙي!
ڪئي هتڙي هوشو، هيمون ۽ دودا.

اُتر، لاڙ، سري، تربر ڪاچي،
گهر گهر پاچي، جهنڊا جهولايو.

پريل هجي بندوق، آگر هجي گهوڙي تي،
جيڪو چڙهي لوڙهي تي، اُڏاريو اُن جي کوپڙي.

آگر اوهان ڏي جا، هڪ انچ بہ ڪڏهن وڌي،
هڪدم چڏيو سا وڍي، هتن سميت هاٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رت سنڌيءَ جو روڍن تي، روز رهزن چاٽي،
وڏي ٻُـبّا سنڌوءَ جا، سُوئر خنجر تاڻي،
گڏجي اُتو هاٽي، سنڌڙي سڏڙا ڪري.

ياڳيا تنهنجي پُونءَ تي، ڪيو چورن ناھ،
ڪليشن جي ڪِٽ ڪِٽ سان ڪندا توتي ڪاھ،
پُونگي پُونگي باھ، ڏيندا پيٽرول هاري.

هتي هُتي جتي ڪِتي، ناهيو هاڻ جتا،
ڪَهڙا قاتل ڪَتي رهَن، ڪيو پُوري ڪَتا،
رت رڱا ڪتا، نهارين تا نيڻ ڪٽي.

او سِنڌ جاوا، ٻڌو چيلهه سان ڪفن،
رت سان رڱي رهزن، جيجل جي جهولي.

نڙ ۾ ناهي تيندو، پُچ ڪُتي جو سڌو،
پنهنجي ڊوڊي پاڻي ۾ ويري وِھ وڌو،
ٻيلي منهنجي ٻُڌو، اُڏاريو، انهن ڪوپڙيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچل سارو سچ، مارئي اجا قيد ۾،
هئي اڳ آزاد، لکيل آ، رڳ ويد ۾،
مذهبي مت ڀيد ۾، لُٽين ڀيا لُٽيرا.

سچل سارو سچ، چا ڏئين نہ چاٽا،
کير کپائي هرکو، ماٺئين نہ ماٽا،
ڀاڳين جا ڀاٽا، لسيءَ نہ وٽڙو.

سچل سارو سچ، کُتا نہ کؤنکن،
سانجهي کان صبح تائين، بندوقون ڀؤنکن،
ڏهاڙي ڏؤکن، اعلان کرفيو جو.

سچل سارو سچ، سُورن ۾ سانگي،
قاتل گوڏ گوڏن، جُهوپڙين ۾ جهانگي،
وِلهہ تي وانگي، سُمهن ساري رات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچل سارو سچ، مرن روز مانجهي
تعليم سان ،تون هاڻ، ڪليشن ڪٽي اچ،
”مرتضيٰ“ ٻاريو مچ، ديس حي دشمن لاءِ.

سچل سارو سچ، هت ڀاڳيا جيل ۾،
پوليس پويان پيادل، چور ريل ۾،
وڏي ويل ۾، واتهڙو ويچارا.

سچل سارو سچ، منهنجي هٿن موڙ،
ليڪڪ هِت ڪوڙ، ڪنهن ماتي مان ٻُڌان.

ڪاهي ڪٽڪ آيا، رکي اندر زنگ،
گهڙي پيا گهرن ۾، ياڙي پي ينگ،
ڪيا بند ڪوٽن ۾، ننديا وڏا ننگ،
رُنا جَهر جهنگ، مِٽ ملير جا.

بارود جي بَدبُوءِ، گهوگهيا گهُتيا دم،
گولين جي ناتا، چيريا چچريا چم،
ڪيئي ڦاٽا ٻم، برهماٽي ڳوٺ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دکيا دونهان، پڙڪيا شعلا، سڙيا چپر چنا،
نينڻ مخدوم بلاول جا، ڏسي رت رُنا،
ٿيا ڳاڙها ٻنا، دواهه جي ديس جا.

شاهد آهي گهوٽ بلاول، ڪيڏا ڪيس ٿيا،
امتياز ۽ ”چِتو“ پوڙهو، ٽڪڪي ٽڪڪي لاش ٿيا.

هٿين پيرين ڪڙيون، رتو چاڻ جسم
ٿيا سوين سِتم، ناحق نماڻن تي.

چِين چِين چرڙاٽ ڪري، جهرڪيون ڪن ٽيون جهيڙو
ايندي ڏسن ڪو بلاڙو، جڏهن پنهنجي جُوءِ ۾.

اوماري! تاڻ نه نالي، ٻچڙا اٿم بک تي،
ڳُجي منهنجي خالي، اجا داڻو ڇُهنب ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تِتر سڏي تِترِي کي، سرنهن آ ڦُولاري،
تون کيئن ڪاٽين ڏينهڙا، نينهن بنان ناري.

تون گل گلاب جو، آءٌ اُن جي ٻاڙهاڻ،
پيار سندي سُرهاڻ، آ واسيو وحيءَ کي.

پيار جو پلپل، پيارو کيڏو،
يار ڪونهي ايڏو، جيون ڪنهن کي.

چوري ڏني چاند، ڪڙڪي ڪولي
آءَ تہ ڪيڏيون راند، او سهڻا سائين.

چوري ڏني چاند، ڪڙڪي ڪولي،
من منهنجو توکي، آسمان تي ڳولي،
نہ وڃ رولي، پيار ڏيئي پيارا.

ايندين جي اڱڻ، توکي ڪلي ڪيڪاريندا،
وڻ ٽڻ، ٻُوٽا، سڄڻ، منهنجي جُوءِ جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندين جي اڱڻ، تارئين ٽڙي پندا گُل،
شڪراني جا ڦُل، هر هر پڙهندس ٻُڪ جهلي.

ايندين جي ڏول، اڱڻ منهنجي پير پري،
خوشين جا جهول، وندبا ڏئي واڌايون.

تون جي ايندين ڪهي، ويندا سُور لهي،
منهنجي الڙ وحي، توکي پئي پُڪاري.

هڪ وار ميڏي، اڱڻ آوا اُڏر،
ڪرون قرب ڪچهري، ڪا گهڙي پهر،
تيڏا عُمر ڀر، پيا احسان ڳاسان.

رنج ٿيو نہ لوڪو، الله بہ عشق ڪِتائي،
فرض پورا ڪتائي، اسان بہ سائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک تيڏا چھرا، ڳيا چند بہ شرما،
اھڙا ڪنھن ڏاڪونھي، جھڙا سھڻا ميڏا.

ميڏي دل اکيندي ئي، ھُجون ڳڏ ڏونھين،
نہ تيون ڏار ڪڏھين، او دلبر جاني!

نڪي نند آنديئي، نڪي وٽندي ماني،
او دلبر جاني! نہ وڃ چوڙ ميڪون.

ميڏا مُحبّ ميڪڻ، تي ايا ئي مھمان،
الله دا احسان، پرين آپ آيا ئي.

سڄا لوڪ لتاڙ، آيان تيڏي در،
تي مھمان "مرتضيٰ" ڪا گھڙي پھر،
قسم ئي قرآن دا، مينڻ ڪاوڙ نہ ڪر،
ويسان يار اُڏر، صبح سويل سائين.

جھُو جھُو ماتي، ولوڙي گھر ڏياٽي ڪير،
ڳھُمري ڳھُمري سان، وھائي ويني نير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ڪو ماڻهو، پهڻ ڳورو پير آ،
ڪو ڪو ماڻهو، پاءُ گلن جي تور آ.

ٽُڪي گهڙي، ٽُڪي گهڙي، ٽوڪي هٽي ٽوڪ
ٽوڪ بہ آهي پيارا، فنڪاري قلم نوڪ.

نِڙي تي نُنهن ڏئي، نند ڪي، تون جاڳ
گهر گهر ۾ بغاوت جا، ڳايو گڏجي راڳ.

سُمهان سيراندي ڪري پنهنجي ٻانهن
سپرين سمجهي سنجهي ئي، تنهن جي ٻانهن.

اڪيلو رولو ڪڪر، ڪنهن جي زندگي،
ڇِيڪلي جو چڪر، ڪنهن جي زندگي.

بند ۾ رُوڙ ڪنهن جي زندگي،
پاڻي ۾ لوڙ ڪنهن جي زندگي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي جنرل! تنهنجو موت، ڪيڏو ڏيو گندو،
ٻُوٽي نہ ملي ٻُوٽي سان، هڏي سان نہ هڏو،
خوش ٿيو هر بندو، ظالم تنهنجي انجامر تي.

موري ميهڙ، دادو ۾ ڪيئي ٿهڪ ڪُنا،
ساڪات، لاڪات، ٿوڙهي وٽ، گولين مينهن اُنا،
ڏينهين ڏاڍا ڏک ڏنا، جنرل تنهنجي دور ۾.

اي جنرل! تنهنجي موت تي، سيئي خوش ٿيا،
ياڪر پائي مليا، ستايل تنهنجي سنگين جا.

آءُ انهن جي پيڻ، جيڪي جنگ جوڌا،
ننگن ۽ دنگن تي، جنين سِرن سودا،
ديس جا دودا، وڙهندا رهن ويڙهہ ۾.

آءُ نہ تنهنجي پيڻ، تون نہ منهنجو ڀاءُ،
وطن جي ويريءَ ڪي، سمجهين تون سيڻ،
جيجل! جا ٻئي نيڻ، روئن رت ڦڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ اُن جي ماءُ، جيڪو تج ملهائي،
ڌرتي ڌٽين جي، لوئي لڄ بچائي،
ڪنڌ نہ جهڪائي، ڪنهن آمر! آڏو.

آءُ نہ ان جي ماءُ جيڪو تج ملهائي
مادر وطن سان ڪو نينهن نڀائي،
لَوَنِ لڳائي، آزادي جي ديوي سان.

آءُ اُن جي ماءُ جيڪو جنگ جوان،
بڻيءَ وني تان، تئي ڪڏي قربان
علي الاعلان، گهوري سِر سنڌ تان.

سياسي متيبد، ڪيڏو سيد سان،
بيا مڙيئي آزاد، پوڙهو اڃا قيد.

ڏيئا تنهنجي ذات، اڃا نہ اُجهامي
توڙي وٺ وسامي، ڪرٽا ڪِرٽا جڳ.

آءُ نہ تنهنجي وني، تون نہ منهنجو وَر،
وٺ موٽائي مُندي، نٿ پنهنجي يَر،
چَوين نہ ڪَڏِ ڪر، ديس جي دشمن کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ نہ تنهنجي وني، تون نہ منهنجو ور،
ٻڌل اجرڪ سان، پاند، پوتي پَر،
ميدان ۾ تون پر، مون نال نہ نِين.

ڪاتي رکي ڪنڌ، ڪونڌر ڪُٽڪ نہ ڪُڇ،
سُورهيہ سُوري سامهون، مُرڪي مروڙ مُڇ،
پلجي ڪين لُڇ، نعرا هٽندي نينهن جا.

وڄهي گُهنڊ نراڙ ۾، ائين مروڙ مُڇ،
چندبي اُتي پُڇُ، ويري وطن جو.

ڳيرو ڳاڙها ڳُنول، ڏاڙهونءَ جهڙا،
نعرا نينهن جا هٽي، چُمن ڦاهي ڦندڙا،
سيئي پُٽ اهڙا، جڻ جيجل! تون.

ڪن ڪولي ٻڌي چڏ، ديس منهنجي جا دشمن،
نہ نصيب ٿيندئي ڪفن، نہ ڪي ڪندئي ڪو دفن،
سڙندئي لاش اُس ۾، ڪتا پٽيندئي بدن،
اجهو ڏرتي جي دودن، نڪ ناٿا ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پڇڻ چاهين تو تہ وچ وچ پڇي،
نہ تہ گولين زوزٽ ۾، ويندئي پير ڪَڇي،
ڏاڍو تيندين لڇي، گند ڏسي گوڏ ۾.

آئي ٻوڏ وڏي، ڪچو سارو چر،
لڙهن لوڙها گهر، ڪتان جو ڪاڏي.

ڪاڏي ويون ٽوٽيون، ڪاڏي ويا ورا،
انن جا ڪرا، لوڙهي واهڙ ويو،

آئي ٻوڏ وڏي، لڙهن ڇپر لوڙها،
ڪي ٻُڏن ڪُن ۾، ڪي سِير ۾ سوڙها،
مايون مرد پوڙها، واهڙ وهڪري ۾.

ڇنا ڇپر اڌمان، ڪِريا ڪيئي ڪوٽ،
وني ويني مڏ تي، سڏي پنهنجي گهوٽ
سهڻا! سگهي موٽ، واهڙ وَهہ گهٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪي چيٻر چانو، نڪي پٽ تي پير،
مڏ ٻہ ٻڏڻ تي، خداڪري خير،
واهڙ وڏو وير، وري ويڙهيچن سان.

لڙهندا اچن لهرن ۾، ٻگڙا، ڪارا تِتِر،
نڪي ڪِيڙُو ڪِيڙو نڪي پير پير ڪدر،
وڻ ٽڻ چيٻر، ٻڏن سپ ٻوڏ ۾.

ترندي اچي ڦاڙهي، پويان پنهنجي ڦر،
ڳولي تن لاءِ ڳيو، سُڪي تي ڪو گهر،
ماري من ۾ پر، سدا رهي ٻيائي.

اوچتو نڪ نڪ تي، ڦتڪي ڦاڙهي،
چولي چولي چرجي، رت ۾ ڳاڙهي،
صبح شام ڏهاڙي، تڙ تڙ تي تاڙي.

چنا چيٻر اڏمان، ٻوڙي، واهڙ ڪيتي،
الا ڏاج جي پيتي، لُڙهي وئي لهرن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوستا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇو اڇو شاگرد، مزدور هاري،
پيٽ لڳو پٺيءَ سان سورن ۾ سنڌ ساري
ننڍا وڏا سيئي، ٻڌي چيلهه سان ڪفن،
ڪيون وار ويريءَ تي ماٽي پنهنجي واري.

هن صديءَ جو اجڙيل چمن آهيون
جيئري ئي جڻ قبر ۾ دفن آهيون،
اسان ڪان آزادي ڦري ويئي آ،
پنهنجي ئي وطن ۾ جلا وطن آهيون.

ڀتائي تنهنجي ديس ۾، ڪيڏا ڪيس ٿين،
اجرڪ ٽوپي ٽڪي وارا، ٻڪرين وانگر ڪُسن،
رت جا پيگ هو،،! ٻوٽ تي چاڙهي،
اسان جي لاشن تي، وڏا ٺهڪ ڏين،

اڄ جڏهن تنهنجي تصوير ڏٺم
جڻ چنچل ڪائي تحرير ڏٺم
پنهنجا هٿڙا ٻئي ڪولي ڪولي،
اُڪريل قسمت جي ير لڪير ڏٺم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر روز اسان کي هٽڻ تا، تڪي تڪي، تير،
ٻُرڪي لُوڻ ٻُرڪن تا، چيري چيري چير،
جيجل جي ڇاتي، اسان کان ڦُري،
هر روز پيي وجن تا، ڳُوهي ڳُوهي ڪير،

امڙ اسان کي پينگهه ۾ ڏني، لولي پويان لولي،
سِر گهوري ساٽيهه بچايو، ٽولي پويان ٽولي،
مُرڪي ڪنڌ ڪپائيندا اسين، جيجل تنهنجو قسم،
جڏهن جهلي شاهه، سچل، جهولي پويان جهولي.

سهي سهي سُور سوين، اسان ڪنئي هٿ ۾ سوٽي آ،
ڏاريا ڏڪڻ چاهيون تا، جن جي نيت ۾ کوٽي آ،
جي اوهين بہ تج جو ٽورو لاهڻ چاهيو تا،
ڏيو سات اسان جو، اسين جنگ وطن لاءِ جوٽي آ،

تون پل اسان تي هلاءِ، ڳولي پويان ڳولي،
رڳ سدا رت سان چولي پويان چولي،
پر ٻڌي ڇڏ، او ويري منهنجي ڌرتي جا،
اسين بہ ڪيڏي ڄاڻون تا، هولي پويان هولي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي هٿن ۾، هي زيتون جي ٽاري،
ڏؤنرن تي ڏهاڙي، ٻڌل پٽي ڪاري،
حق پنهنجا گُهرون ٿا، ڪٽي جهنڊڙا بينر،
ازل کان انسان جي، آزادي سان ياري.

ڪنهن جي اکين جو تو ڪجل ڪُسي،
ڪنهن جي اَديءَ جو ادل ڪُسي،
جيجل ماءُ پئي هنجون هاري،
ڪنهن جي پيءُ جو تو انگل ڪُسي.



هر ڳل تي هتي، ڳاڙها ڳوڙها هِن،
ناحق قيد ۾ ننڍا وڏا پوڙها هِن،
ڪو نه بدليو ڪو نظام اجا،
ڳورن بوٽن هينان، لوڙها هِن.

ڪٽڪ، ٻاجهر، جوئر هوندي اسين بُکارا،
ڪُوهن، چشمن، سنڌوءَ هوندي اسين اڃارا،
اڃڙي ٽر تي، بي ڪفن لاش اسان جا،
ڪچي ٽوڙي ڪاڇي، ڳجهن جا لامارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جو وسي ويو مينهن آ،
کهاڙين ۾ ڪُسي ويو، نينهن آ،
انسان کُهي تو انسان کي،
اڄ اهڙو آيو ڏينهن آ،

رڱن مان رت ٽِمندو رهي تو،
سَنڌن مان ست سِمندو رهي تو،
قوم سڄي گهاٽي ۾ پيڙهجي پئي،
چنيسر ڪرسي ڪارڻ رِمندو رهي تو.

جنهن ڌرتي تي رت وهندو آ،
ماڻهو قتڪي قتڪي مرندو آ،
تنهن ڌرتي جي ڌوڙ مان ادل
دولهه دريا خان ئي ڄمندو آ،

ڪو مسجد ڊاهي مندر تو اَڏائي،
ڪو مورتيون مروڙي، آگ تو لڳائي،
شاهه، سچل، سامي، مذهب ماڻهو مُنجهايا،
ڇُوڇِڙي ڏئي چرچ ڪي ڪو فساد تو وڌائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڪارا، اُلٽيون، رت جون گُرڙيون،
چِڪن چاڪ ٿا، رت پُون ڦُرڙيون،
نہ دارون نہ دوا، نڪي واھہ نہ واھرو،
لُڇون گھٽو، ڦٿڪون گھٽو، ڪوڙ ڪُرڙيون.

ارمان اڌورا، حسرتون اڌوريون،
ٿين جذبا قتل، محبتون اڌوريون،
ٽٽل خيالن جي پڳل ڪَنواس تي،
سُڪي نہ برش ويو، رنگتون اڌوريون.



سھڻن جي محفل ۾، هرڪو ديوانو آ،
سجدي ۾ سڀ عاشق، دنيا بت خانو آ
سُرڪي سُرڪي سان پر، ويتر وڌي ٿي اُڃ،
جو پن جي مئہ چُلڪي، من من مستانو آ،

تو بن ٿاڪ اُس، ٿامڻي ڏرتي،
وارن چانورو، سانوري سرتي،
پيڙا پوڳيان پل اُپل تو مان،
ڳوڙھا ڳاڙيان، روڳ ٿي حياتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي سونهن جو، سحر آ سمورو،
عاشق تو تي، شهر آ سمورو،
هيڪل وياڪل، سنڌوءَ جي ڪناري،
گذري ويڙو، وو پهر آ سمورو.

مُرلي محبت جي ڇيڙي، لهرو لهرو آ منڊ،
ڏُک سُک ۾ حال يائي، پاڻ پينهون پهڻ جند،
اسين ساتي سائين! پيار جا ساتي،
رُسون پاڻهي، پر ڇون پاڻهي پاڻ ۾ ڪير ڪند.

پهرين ملاقات جي حجاب جو،
ڪريان ذڪر ڪيئن بي حساب جو،
اکڙين مان پئي، مئہ ئي ڇلڪي،
ڇا الميو هو، اُن خواب جو.

پل اُپل پيڙائي پيڙا، ڪيڏو قهر آ،
هِت ويلو ويلو وهڪڙو، زندگي زهر آ،
ذرديلي دنيا، لُڙڪ لارون لارون،
اَنئي پهر نيڻ تِمن، اُتليو ڪو بحر آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اک اک سان کِلي ها تي وئي،
دل دل سان ملي، نا تي وئي
جنهن ڳالهہ کان ڊنڙاسين اسان پئي،
پُلجي مرتضيٰ، سا تي وئي.

اجرڪ، لوئي، لهولهان، زهر ماني ٻوڙ،
آيا ڏينهن انقلاب جا، گهر گهر، گوڙ،
مرڻ تائين "مرتضيٰ"، تون يي تج ملهاءِ،
فولادي عزم سان ميزائيلن کي موڙ.



چو واٽي تي ڪنهن جو انتظار ڪرين،
هر راهہ گذر کي تون بيقرار ڪرين،
تنهنجي حسن تي آ، هرڪو مست ٿيو،
ڪهڙي خوش نصيب سان پيار ڪرين،

هر ڪنهن سان چو؟ ايڏو تڪرار ڪرين،
ڪيئن مرتضيٰ کي تون گرفتار ڪرين،
وجهي گهُنڊ نراڙ ، تون گهُوري ڏسين
هر راهہ گذر کي تون بيقرار ڪرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُها رات پي جاني! رات هئي
اسان جي ٻانهن تي پرڀات هئي،
گرم ساهه جي خوشبو سان سهڻا!
وئي واسجي پنهنجي ذات هُئي.



ڪُرسي جا پُوڄاري، لالچي، اقتداري،
ڪن ڪيئي ڀيرا روز، ننگي ۽ غداري،
هر حاڪم جا سلامي، هر پَل بدڪلامي.
سدائين سُورن ۾، سنڌڙي ويچاري!

شاعر، عالم، قاضي، سيئي ها درباري،
ڪڏ نہ لکيو ڪو ڪاغذ، آيا ڪيئي تلواري،
ناحق خون وهيو، ڌرم ۽ دولت خاطر،
شيخ، شاهه، بزرگ، سڀ ها سرڪاري.

سدا هجي سنڌ ۾، اجرڪ ٽوپي پهراڻ،
قرب واري ڪچهري، مچ تي مٽل مانداڻ،
ڏور، بيت، ڳجهارتون، سنڌي گيتن گونجاڻ،
سدا وهي سنڌ ۾، موج ڀريو مهراڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڙن گل گلاب جا، سُرهي سُرهي سُرهاڻ،
ڄهرمِر نڪ جي ڦُلي، ڳيرو جوان جماڻ،
ٻانهن جي ٻڪ ۾، ساجن هُجي ساڻ،
سدا هجي سنڌ ۾، اجرڪ ٽوپي پهراڻ.

ڌارين جون يلغارون، گهوڙن جون هِٽڪارون،
آدم ٻُو آدم ٻُو ڪنديون، وحشين جون تلوارون،
سِرن جا ڪيا لابارا، ڳِجُهن جا لامارا،
ڦاهيون ڦٽڪا، گوليون، رَت ۾ لَت پت سنڌڙي!

عظيم سنڌ جا، ٻُزدل، ياڙي حُڪمران،
ڀڄي ويا ڀُونءِ ڇڏي، خالي ڪري ميدان،
قيدي ٿي سنڌڙي! ڌرتي ڏٺي دربدر،
ڪنڌ جُهڪائي پنهنجا، ٿيا سلامي سلطان.

عظيم سنڌ جا، عظيم سنڌي حُڪمران،
ڪونہ جُهڪيا ڪڏهِن، سامهون شاهي سلطان،
ٿيا دشمن سان ڏُبدو، ڪِريا ڌڙ ڌڙن تي،
پاڻ ملهائي ميدان، ٿيا ديس تان قربان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيئي کُنا کُونڊر، قابض تيا سلطان،
شاهد تاريخ جا، کوٽ، قلعا عاليشان،
ڌرم ۽ دولت خاطر، وطن تي وار ٿيا،
ڳيري جي وِک وِک تي، ريٽي رت جا نشان.

عظيم سنڌو سڀيتا، قديم سِنڌو ماتري،
سُهڻا سنڌي لوڪ، مِٺڙي ٻولي مادري،
سنڌو شينهن درياهه، پوتر چولي چولي،
سرسبز وادي وادي، اچن ڪِئي ياتري.

هر دور ۾ ڌرتي تي، لُٽيرن جون يلغارون،
هاٿين جون هُونگارون، گهوڙن جون هِڻڪارون،
زر، زيور، زمين، لوئي، لڄ تي ڌاڙا،
لاشا هوا ۾ لٽڪيل، آهون ۽ اوچنگارون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چؤسٽا

مان سوچيان ٿو، پڳوان وڏو آ،
بهشت ٽڙيا آدم حوا، شيطان وڏو آ،
پڳوان وڏو آ شيطان وڏو آ،
من جي منشا ايمان وڏو آ.

مان سوچيان ٿو پڳوان وڏو آ،
امام ڪُنا ڪربلا ۾ شيطان وڏو آ،
پڳوان وڏو آ، شيطان وڏو آ،
آمر آڏو ڪو نہ جهڪيا، ايمان وڏو آ.

مان سوچيان ٿو، پڳوان وڏو آ،
ڪُنواري بار ڄڻيو، شيطان وڏو آ،
پڳوان وڏو آ، شيطان وڏو آ،
من من ۾ "مرتضيٰ" انسان وڏو آ.

هر گهٽي هر گام، پل تہ ڦاهيون ٽنگيو،
وڇون، ڪپر، بلائون تي انگ ڏنگيو،
پر چونداسين اسان سامراج مرده باد،
پل تہ قيد ڪيو، پل تہ وڪ وڪ تي ونگيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صومالي سُورن ۾ بمن هينان بغداد،
دربدر فلسطيني، ٿئي بوسنيا برباد،
افسوس، رڊن جو ڏنار، ٻڌيو آ ٻگهڙ،
سامراج مرده باد، سامراج مرده باد.

ڇي ڇي ڇي ڪري ڇيڪاريان اوهان کي،
جي جي جي ڪري ڪيڪاريان اوهان کي،
لفظن جا ڳانا، جملن جا موڙ ڏاهي،
رات اڄوڪي سينگاريات اوهان کي.

پاٽي تلاءَ ۾ پيدا ٿين لهرون،
پيندب اڇلائڻ آيا آهيون،
چاندي ٿيا وار ڪنواريءَ جا هٿ،
رسمون مٽائڻ آيا آهيون.

ماٺ ماري وجهندئي، ڪجهه ته ٻول تون،
لعل لهو لبڙا رتڙا، هيڪر ڪول تون،
هر ڪنهن جي اچا ٿي، هٿ چڪيا چڙهي،
ڪنهن آمرجي آڏو، جهل نه جهول تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي حسن جي هاڪ ڏاڍي،
هتي هُتي آ ڏاڪ ڏاڍي،
زلف ڪارا، گهنگهور گهٽائون،
توري پيارا، ٽاڪ ڏاڍي.

لهندڙ سج، ڊگها پاڇا، شام اُداس،
ورئين نہ وڻجارا، تي آس نراس
تو ڪي ساري سائين! ٻاريم ڏيئڙا،
اڄ بہ اڱ جيان، رات نہ آئي راس.

تنهنجي جدائي ۾ جاني جلندو آهيان،
گونگي جنهن وانگر مان روئيندو آهيان،
سج پڇ ساهہ پئجي ويندو آهي،
جڏهن تنهنجو خط ڪٽي پڙهندو آهيان.



نڪي ڪنهن قرب مان، لبن سان لاتو،
نڪي ڪنهن پيار مان، پري پاڪر پاتو،
ٿڙيو هو ٿاريءَ تي ڪا آس رکي،
دل جي دنيا واسڻ لئہ ڏاڍو هو آتو.

ڪا رات ڪٽي، ڪا باک ڦٽي،
ڏيئي مان ڏيئو ٻاريان وينو،
چٽنگ ڏکي، ٻاهه پنيت ٿئي،
جابر جلن، پيٽرول هاريان وينو.

من اندر ڪامي پڇي رک تي وجان،
ڪنهن غاصب جي گوليءَ جو ٻک تي وجان،
انهي ڪان آهي بهتر، هزارين ڀيرا،
ڪنهن آمر جي اک ۾ ڪک تي وجان.

آمر! تنهنجي اک ۾ اسين ڪنڊا آهيون
تون اُن پتڻ تي، اسين ڏنڊا آهيون،
آزادي اسان جو فطري حق آهي
هت هت ۾ اسين ڳاڙها جهنڊا آهيون.

پنهنجي ڍوڍي پاٽي ۾، ويري وڌو زهر،
ڪو بہ مارو محفوظ ڪونهي، قاتل ڪري قهر،
ڪيتري نمڪ حرامي، مهمان ڪُهي ميزبان،
هِت ايم ڪيو ايم بہ آهي، الشمس ۽ البدر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ترائيل، رينگو، پنج ڪُڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترائيل

اڄ توکي ڏسي وري ٿيو وشواس
اوندھ اوندھ آهي، ڪِرٽو ڪِرٽو،
چوڏهين چنڊ ڪڙيو، من جي آڪاس،
اڄ توکي ڏسي وري ٿيو وشواس
من اندر ۾ ٿيو شدت سان احساس،
اوندھ اوندھ آهي، ڪِرٽو ڪرٽو
پيار زندگي آهي، نفرت بڪواس،
اڄ توکي ڏسي وري ٿيو وشواس.

گهڙي سوا ويهه تون سامهون
ٿورو ديدار دلبر ڪريان
منهنجي اکڙين جي آمهون،
گهڙي سوا ويهه تون سامهون،
منهنجون ٻانهون وشال لامون،
ٿورو ديدار دلبر ڪريان
تنهنجي نانءُ صبحون، شامون،
گهڙي سوا وينهه تون سامهون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گند جي ڍير تي، ابھم ٻارڙي
چوتا پتر ھڻو ۽ پتر ھڻو،
ماءُ ڪنواري ڄڻيو ويچارڙي،
گند جي ڍير تي، اُبھم ٻارڙي.
ان جو ڪھڙو ڏوھ، ڪھڙي ڳارڙي،
چو تا پتر ھڻو ۽ پتر ھڻو،
مجبور ماءُ جي، اک جي تارڙي
گند جي ڍير تي، اُبھم ٻارڙي.

آھيان يتيم ٻارڙو، چورو چنو ويچارڙو،
امڙ ڄڻيندي مري وئي، ابا ڏاڙيلن ماريو،
ھڪ ھڪ آڏو جھولي جھليان، ڪنھن جي اک جو تارڙو،
آھيان يتيم ٻارڙو، چورو چنو ويچارڙو،
امڙ ڄڻيندي مري وئي، ابا ڏاڙيلن ماريو،
ميرن، پيرن، وڏيرن، ڪوڙ دفعا وريو وارڙو،
آھيان يتيم ٻارڙو، چورو چنو ويچارڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چؤ واٽي تي بينو آهيان،
سوچيان ٿو کهڙي واٽ وٺان،
چئني ڏسائين وڃڻ ٿو چاهيان،
چؤواٽي تي بينو آهيان.
کهڙا کهڙا مان پيرا ڊاهيان،
سوچيان ٿو کهڙي واٽ وٺان.
امن، محبت جي جُهڳي ڪٿي ٺاهيان،
چؤ واٽي تي بينو آهيان.

اجا منهنجي قلم ۾ مس آهي
لکي لکي آءُ لکان ٿو پيو.
يار پيار امرت رس آهي،
اجا منهنجي قلم ۾ مس آهي.
ور وڪڙ پيچرو هر گس آهي،
لکي لکي آءُ لکان ٿو پيو،
پُنهل جو مون مليو ڏس آهي
اجا منهنجي قلم ۾ مس آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پن چڻ پن چڻ آهي ٿاري ٿاري،
بهارن جي آسري جيئون پيا،
دلڙي ڦٿڪي، ڏاڍي بيقراري،
پن چڻ پن چڻ آهي ٿاري ٿاري.
انتظار ۾ گذاري عُمر ساري،
بهارن جي آسري جيئون پيا.
مُرتضيٰ نيايون ٿا اجا ياري،
پن چڻ پن چڻ آهي ٿاري ٿاري.

من من گهايل آ، گهرو گهرو گهاءُ
هت هرڪا دلڙي، تڙپي ڦٿڪي،
سُڏڪا، واڪا، ڪُوڪون، پڙلاءُ،
من من گهايل آ، گهرو گهرو گهاءُ،
وري وڇوڙي جو وريو آ واءُ،
هت هرڪا، دلڙي، تڙپي ڦٿڪي،
مور نه وسري، ڇاتيءَ جو ڇُهاءُ،
من من گهايل آ، گهرو گهرو گهاءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

★ ★ ★

ٽيڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڙو

ٽويو، پاٽي، چوٽڙو
روزانہ وٺي پورهيت
ٻچن پالي پيٽڙو.

★★★

ٽِڪ ٽِڪ پهڻ پٽر
لِقيس هٿ هٿوڙي
غربت تي چٽر.

★★★

تارا منجهه ڪَٽي
چوري چيٿ چولي
چٽي پاسي چٽي.

★★★

پري پري مَٽ
چٽيس ڪلها ڪنواٽي
پري پري هَٽ.

★★★

نڪ ٽَوپي اباڻن
سُتل سور جاڳايا
ناناڻن ڏاڏاڻن.

★★★

چوري جائي مس
ماڻس ڳولي مِٽن مان
ڏنس هڪڙي سَس.

آنڌي پلايون
ڪاڙهيون، ڪُنڌيون
وٽاڻ نہ آئيون.

★★★

ڪپائي گهٽڙو
آيو علاج ڪرائڻ
مرض پروڪڙو.

★★★

تيز لڳو طوفان
پٽيون پاڙان پيهيون
اُڏريا چپر مڪان.

★★★

چپر چنل چن
ڪو چوري چنڊ ڏسي
ويڳاڻو من.

★★★

مائي اچا وار
ڳولي ڏنائونس وَر
ٻلي جيترو ٻار.

★★★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چورو ڄنڪي لٺ
ڪاٺو يي اگهاڙو
چوري موتين مُٺ.
★★★
وڏيو نڪ چپ
ويري جو وطن جو
رهي سنڌو ڪپ.
★★★
هِيڙهو هِيڙهو
وطن جي ويري سان
ويڙهه نہ وڙهيو.
★★★
رت سان رڱا
ڏسي پٽ پنهنجا
سُڪا ٽڻ سِڱا.
★★★
هڪ هڪوڻ
ڪجلي اکين ڪُنو
ڏهہ ڏهوڻ.
★★★
عشق لڳي چوٽ
وڻ ٽن وانئين
پچي پئي هوٽ.
★★★

جهڙ جُهڙالي شام
عاشق! اوسيئڙي ۾
سڏڪا يري جام.
★★★
ڪَتي صاحب ڪيڪڙو
توڙي پاڙي ۾ پورهيت
بکيو رهي پيٽڙو.
★★★
ڪنڙي مِنڙي آن
مون کي ياد پرين
هري گهڙي آن.
★★★
من مُراد پُني
ڪٽي آيون درگاهہ تي
ڪُتي جي ڪُني.
★★★
سڄڻ جون ساروڻ
لڳل منهنجي لڱن ۾
ٽيليفون تارون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

★★★

جُهڙ جهڙالي شام
ملير وارڻ ملهائي
ڪائي تانهري طعام.

★★★

ويندي رات ڪُٺي
ڏيندو ٺهڪ انقلاب
ايندي باک ڦُٽي.

★★★

جوڀن آهي جوت
ٻارڻ وينو ٻاريان
موٽي وڃ موت

★★★

گهڙي گهڙي ۾
ڪڙيان وڻيو قرب
ڪڙي ڪڙي ۾.

★★★

وس وس مينهن
ڏيهه ڏڪر ڪاڏل
ڏني تيا ڏينهن

★★★

فوجي جوان
ناحق ڳوٺ ساڙين
ڇا ڇا انسان

★★★

سئي ۾ سڳو
راتو رات يار کي
ڪيڏي ڪٽي پڳو.

★★★

آهه پٺائي
ماري جي من ۾
سدا ٻيائي.

★★★

تنگ ڪيوڙي
ڏارين گهر ڏٺي کي
جنگ ڪيوڙي.

★★★

وارن چوٽي
راوڻ جي هٿ ۾
کَهُوءَ سوٽي.

★★★

تنهنجو چهرو بائيبل
مقدس ناتو نينهن جو
منهنجو سينو رحل.

★★★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وس وس بادل
ٻالڪ ٻُڪ جهلي چيو
ڏيهہ ڏڪر ڪاڏل.

★★★

اُني ڪان پوءِ ٿر
آئي رت بسنت جي
جاني! منهنجي گهر.

★★★

ڪنڙي منڙي آن
موت ڪي ياد پرين
هر ڪا گهڙي آن.

★★★

پوليس ٻوڙي
سنڌين سينا فولاد
ٻت گهوڙي.

★★★

وسي پيو بادل
ٽڏڙي هير لڳي تي
بهاري ادل.

★★★

ڪونجون ڪُٽڪن
ساهڙ جي سڪ ۾
سُهڻيون سڏڪن.

★★★

ٻانهن ۾ ٻانهوٽا
چوري تيرنهن تالي
وارن ۾ ڦٽوٽا

★★★

چپ رسيلا رس
ڳيرو ڳاڙها ڳل
تارا پريمي تس.

★★★

ڪڪر گوڙ وڄ
ٻورل! ياڪر پاءِ
هاڻ تہ نہ ٻڄ.

★★★

مُنهن تي مٽان پن
ڪريو واءُ جهوٽي تي
ڪُنواري هٽي ڪن.

★★★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آويءِ ۾ انسان
پڃري پريت سان
ٿئي ٿو مهان.

★★★

گلاب جو گُل
چوريءَ آڇيو عاشق
ڪاوڙيا ڪُل.

★★★

ڪُڏي نہ ڪارو
ڪنيو چُوزو چَڪ ۾
ڪانءُ جهارو.

★★★

توسواءِ سُڄ
پريت نہ پياري ڪو
ڏادي لڳي اُڄ.

★★★

آهِ ڀتائي!
مُلان، پير، وڏيرا
اڄ بہ ڏتائي.

★★★

ڏي سُستي ڀنجو
ويني شينهن ٻڪ مرن
ڪر ڪو ٽڪو پنجو.

★★★

اڪڙين جو جر
ايڏو نہ روءِ جاني!
ڳري ويندئي ڳر.

★★★

ٻَڙ ٻَڙ نہ ٻڙڪ
ٻني وني معاملي ۾
اسين ڏاڍا ڪڙڪ.

★★★

پلال ويڙهي
وٽي نوڙ ويڙهو
ڇجي نہ جهڙي.

★★★

مڻ سوا ڪُڍي
ڇڄ سان ڇنڊي
مائي ٻُڌي.

★★★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنار ٻارڙو
ٻاهڻ پور مان پڪڙيو
مُنوءَ ٻچڙو.
★★★

سرنهن جو ساڳ
روز هاريءَ گهر ۾
ٻاجهيءَ جو ٻاڳ.
★★★

نڪ ۾ ڪو ڪو
جاني! جهڙو جڳ ۾
هوندو ڪو ڪو.
★★★

مليريا بخار
ڪونہ ٿئي ڦوهارو
وڏي ويو آزار.
★★★

بلبل تي مَيٽ
مري ويندا ميڙ
جهٽ ۾ نيٽ.
★★★

ڪِري ڪتوري
پنج ئي گهر پريشان
ڇا ڪئي چوري!
★★★

ڪيڏي عاشق چٽر
عشق نچاوي ڳلي ڳلي
هٽ هٽ ۾ پٽر.
★★★

منهنجا نيڻ ٻنا
پيار تي پهرا ڇو؟
ڏکڙا ڏيهہ ڏنا.
★★★

جهجهو تي جهُڙ
وس منهنجي وطن تي
وڏ ڦُڙ وڏڦڙ
★★★

هيٺي ٽيس جت
چنو چير ڏاڳو
عزرائيل تِتِ.
★★★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاءِ هارياٽيون
هور هور جهار هڪلين
ڪٽي ڪانياٽيون.
★★★

پوليس ٻوڙي
مسڪين مُهاٽي تي
مشين گن چوڙي.
★★★

ڪٽي ٿبٽيون
پٽن ساڳ پلي۽ جو
ڪوڙ ڄٽيون
★★★

سماج ڪجور سنگ
ڪچا، ڦڪا، منا ماٿهون
ڪي ڏوڏا ڏنگ.
★★★

تيج جا مَٿ
چاتي۽ متان چلڪن
ٻار جا ٻوڪٽ.
★★★

پري ويهه بندوق
نہ تہ ڏينهن ڏني جو
ڪٽي ويندئي صندوق.
★★★

ڦاٽو نڪ ۾ چٽو
ڦوٽا ڪائينّدي ڪائيندي
رُنو ٻالڪ گهٽو.
★★★

مُشڪڻ ٻالي
چيو جُهندي پائي،
لوٽي والي.
★★★

مينهن ڏُهي تي
شُر شُر دڪي۽ ۾
ٽڻ ٽڻ گوُهي تي.
★★★

ڪار ۾ ڪُتو
پُڇيو خفتي رڙ ڪري
ٻچ جو پٽو.
★★★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجهوڙي گُل
سُونهين سِگَن وچ ۾
پلي ڏاند جهُل.
★★★

رت دانگي وري
الا! ائين مَ هَوءِ
کنهنجو کير کري.
★★★

ڏاندن گوءِ
هڪ کٽيو ٻئي هارايو
هوءِ هوءِ هوءِ.
★★★

ڪُونجون ڪُٽڪن
ياءُ ٻي ڏوهي پيڻ ڪُني
مکيون پُٽڪن.
★★★

لڳن کين ٺُڪا
ٻهراڙي جي ٻارن کي
دردن جا ڌُڪا.
★★★

سُلفي هڪڙو ڦُل
مڙيئي موالي مِڙي آيا
ڦُوڪ ڦُوڪ ڦُل.
★★★

ڦهر کيو ڪُکَر
وات ڦاڙي وِسيو
مٽان منهنجي چَپر.
★★★

کير ولوڙي
چوئي چوئي ڦُٽي چاٽا
مکڻ ميڙي.
★★★

هوشو شيدي
مِير، پير وڏيرا
اڄ بہ گيدي.
★★★

گهوڙي جي هِٽڪ
پڪ گهر جي ڪڙهہ تي
ڪو مُرشد ٽِڪ
★★★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملير جي مهڪ
ڪراچي ڪان ڪشمور
ٽوپي، اجرڪ.

★★★

سُور نه سَلي
لُڙڪ لاڙي وٽي ۾
مَيٽ مَلي.

★★★

پيس ٻار ڪري
پورهيت پرئي پيٽ سان
ڪنئي جيئن پري.

★★★

وس وس وڏ ڦڙا
سارين توکي سرتيون
ڪٽي ڪچ تي گهڙا.

★★★

ڪُڪُڙ ڪچ ۾
پينرن ڪي ياڙي!
بينر هٿ ۾.

★★★

چٽَ جا ڏينهن
پکهر ۾ شر
نِرمل نينهن.

★★★

ڳُٽ ڳٽ گهو گهو
پرينءَ چيو پرينءَ کي
ڏِس ڏِس هُو هُو.

★★★

ڪٽڪ جي ڪَڻ
آڏيءَ رات اُٿي
پينهي جنڊ پهڻ.

★★★

دانهن مٿان دانهن
ڪوهه تان ڪٽي ويو
زوري عُمر ٻانهن،

★★★

سَيڪيون آنيو
اڄ نه ادا اوٽ ۾
وڏيرو ڄانيو.

★★★

منهنجا اُڏما
لڙڪ نه روڪي سگهندين
لڪيءَ جا چشما.

★★★

پوليس ٻوڙي
ڏنگي ڏوتيئڙا
ڪَپرن ڪوڙي.

★★★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوليس رينجرس
جهڳي جهڳي اچلي ٿاندا
ايڏي ٻي ترس.

★★★

ڳُهت پويان ڳُهت
ڏانءِ ڏانءِ ڪيڏن ڏنار
آئي سانوڻ رُت.

★★★

ڪاٽ ۾ ڪرٽ
وڍي وڻ واڍو
ڏئو نرن ۾ ڳرٽ.

★★★

باز هٽي جهٽ
ساڳيو حشر هيٽي جو
جُهٽي ويو ٻچٽ.

★★★

ڪنهن نہ وتيون
پوڙهي بروهڻ پنيءَ تي
تڏا ۽ تڏيون.

★★★

جُهوجُهو مَٽي
ميهار ڪاهيون مينهون
پي لسي ڪَٽِي.

★★★

ڳوڏي جيڏي ڳپ
پورهيت جي پاڙي ۾
ڪانهي اٽي لپ.

★★★

پوليس پهريدار
ياڳيا سيئي جيل ۾
چور ٿيا فرار

★★★

پٽي ٻالڪ ٻُوري
ڏڻ ويهاري واهہ ۾
ڪٽي پيٽ پُوري.

★★★

ڦرٽي ڦيري
وٽي واڻ نوڙي
صبح سويري.

★★★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

رات اڄوڪي ترسي پؤ،
بادل ٻٽجي برسي پؤ،
آءُ اڄايل تر، ڪاڇو،
رڄ فريبي پاٽي پاڇو،
پياسا لبڙا، پياسي ڌرتي،
ڏُبرا ڇهڙا، سورن سر تي،
گهاوَ گهرا، ڏاڍو ڏکر،
روٽ رُڪا، سُڪڙا ٽکر،
نہ تڏي واري نہ توهر، ول،
نہ سائو سينور نہ نيل ڪنول
او... پورل! او... بانورا!
او.... سُهڻا! او.... سانورا!
ڦُڙ ڦُڙ ڦڙ ڦُڙ تي وسي پؤ
"مرتضيٰ" مَن تن ۾ رسي پؤ.

ڏسي ساوا سلڙا،
پُونءِ جاوا پلڙا،
ٿئي سُور سيٽ کي،
وڪڙ وڏي پيٽ کي،
پيٽ پَلي پير جو،
رهي بکيو مِير جو،
ڪڏهن ڪو نہ ڍاپي،
ڍير دولت ماپي،
رهو هوشيار يارو
رکو سڀ تيار يارو،
پڪڙ، پانا، ڏاتا،
کهاڙيون ۽ بانا،
متان آن ڪٽي...
متان پن ڪٽي....
متان لوئي لٽي،
متان ڏوئي لُٽي.
مُٺ تي پؤ مڙيئي
نڌيا وڏا هڙيئي
سنگ بچايو ساٿي
ننگ بچايو ساٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي نہ روڪجان امان
پويان نہ ڪونجان امان
نينهن نيائڻ مان وڃان
تجَ ملهائڻ مان وڃان
سؤ سؤ پيرا ساهہ پوي
سُوري سينگارڻ مان وڃان.

اورنگي ڪورنگي عزيزآباد ۾،
ملير، لانڍي، قائد آباد ۾،
هالا توڙي هيرآباد ۾،
لالو کيت، لطيف آباد ۾،
ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾،
سکر توڙي سعيد آباد ۾،
جُهڳيون جليون ڇهانگين جون،
واهڻ، وستي وانگين جون،
سرتيون سڙيون سانگين جون،
لُنجي ويو اجهو توڙي لٽو،
ڦرجي ويو اٽو توڙي وٽو،
گهڙي گهڙي تي ويئي وهہ ڪڙي،
هاءِ حياتي جيئن رت ڳڙي،
پٽڪو لاهي ويا ابا جو،
ڦاراڻ ڦاڙي ويا ادا جو،

لوئي لٽي ويا اديءَ جي،
او وينگس جهڙي ونيءَ جي،
اُرهہ وڍيو تنهنجي نُنهن جو،
سنڌو تنهنجي سُنهن جو،
گولي لڳي سڌي ماءُ کي،
خنجر چاتيءَ ۾ پاءُ کي،
لال لهو ۾ لَت پَت جندڙي،
ريٽي رت وِهنتي سنڌڙي!
دير نہ ڪر، جلدي ڪر امان،
روڪ نہ ڪر، ٽوڪ نہ ڪر امان،
جُهومر پائي لاڏا ڳاءِ،
موڙ ٻڌي تون ميندي لاءِ،
مان پيي تنهنجو پُٽ سوڍو
مان پيي تنهنجو پٽ دودو
مانگر مارڻ مان وڃان
ويڙهہ وڙهڻ مان وڃان
رت جي هِڪ هڪ ڦُڙي جو،
پلئو پاڙڻ مان وڃان،
او.. امان! منڙي امان
او... امان! جيجي امان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ ڪيئن وڃان اسڪول
آءُ ڪيئن پڙهان اسڪول
ڪاوڙ مان استاد ڏسي ٿو،
روز مون ڪان في گهُري ٿو،
قلم، ڪتاب ڪٽي ٿئي،
ڊريس چو نہ پاتي ٿئي،
ميري قميص نہ لاتي تي،
پير اُگهاڙا چورا چو،
نوٽ بوڪ اٽپورا چو،
سڏڪي پوندو آهيان،
ڊڄي چوندو آهيان،
بابا ڦتڪي مري ويو،
ٽِي بي وگهي گري ويو،
امان جُهور پوڙهي آهي،
ڪنن ڪان ٻي ٻوڙي آهي،
ادڙي اٽپڙهيل آهي،

ڦوهہ جواني رسيل آهي،
واڻ وٽيندي روز آهي،
ٽانءُ مَليندي روز آهي،
انهن ئي ڏوڪڙن مان،
ٽوررن ٽڪن روپين مان،
گهرڙو هلائيندي آهي سائين
گذرڙو ڪرائيندي آهي سائين،
پر سال ادا اغوا ٿي ويو،
ڌاڙيلن ماري چڏيو،
عيب منهنجا لڪايو سائين
آواره ٿيڻ ڪانْ بچايو سائين
ڪيو مون تي ڪرم سائين
خدا جي واسطي رحم سائين
ڏيو نہ مون کي مار سائين
مان آهيان لاچار سائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُڌين نٿو ٻوڙا تون
سُٽين نٿو گهوڙا تون
دانهون، آنهون، واڪا،
ريهون، رڙيون، سڏڪا،
تا ڪيون هانءُ ڦاڙي،
پر لهوءَ لُڙڪ لاڙي،
لويون لتجن پيون،
ڏويون ڦرجن پيون،
ساهه تو گهٽجي پيو،
ماهه تو ڪٽجي پيو،
امڙ تي ڦٿڪي پئي،
ادي تي تڙپي پئي
ادا جيل ۾ پيو آ
بابا سان ويل ٿيو آ
يتيم ٻارڙا ٿياسين
پينو فقير ٻٽياسين

قاتل اسانجا لٽڙا،
ميرا اسان جا انگڙا
نه رلي نه ٽوپي وٽو،
نه جهڳي نه جُتي نه اٽو،
تون پيگ پي ٽهڪ ڏين
ڇيري ڇم ڇهڪ ڏين
او مير، پير وڏيرا،
ليڊر، آفيسر، ڪامورا
ڪنن هوندي ٻوڙو تون
اکين هوندي انڌو تون
زبان هوندي گونگو تون
پيرن هوندي منڊو تون
ڦورو، غاصب! آمر!
ظالم، حاڪم جابر!
ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو
ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردار وڏيري جو
لوئي لڄ لٽيري جو،
هِت هُت ظاهر آ،
ڪارو اندر ٻاهر آ،
پنهنجن جو بدڪلامي،
هر نئين سج جو سلامي،
هر غاصب جو ساٿي
ڌارئي ۽ ڌاڙيل جو پاٿي،
ڌاري ڪُڪڙ ۽ ڪُتا،
ڪٺائي ماڻهو سُتا،
پئي رت پورهيت جو،
چٽڪ وسڪي بوتل جو،
نڪي تاريخ شهريت،
نڪي ڄاڻي انسانيت،
هر ڏوهه جو ڏوهي
ڊوهو، دلال دروهي.

تو سار تن جي ڪاڻ لڏي،
جوکي ۾ جن جن جان وڌي،
ٺُوٺُو آمر! تو ڪاريندا،
مارشلا مرده باد، جهونگاريندا،
نعرا نينهن جا هڻندا،
جهنڊا هٿن ۾ کڻندا،
مشين گنن جي سامهون-
جي ٽرين جي آمهون-
نڪتا هئا روڊن تي،
ليڙون لٽا گوڏن تي
اوچتو مٿن فائر ٿيا،
ڪريا ڌڙ ڌڙن تي،
ڦاٽا مٿا مٿن تي،
پتر، پَتر رت پنو
ڌرتي رُني آڪاس رُنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جي پوئين پهر،
ٺٽي ڳوٺن تي قهر،
لوڙها ڇپر گهيري ۾،
ڳوناٺا سڀ قيري ۾،
بوڙن هينان سونا سڱ،
ڏنگجن ڪيئي ڪنوارا ننگ،
ڪجي وڄن هڙ ڳهه، ڳنا،
پئسا، ڪُڪُڙ، ڪپڙا لٽا،
پيجن ڪتون، ٽانو، وٺا،
ڏين ناحق گهوگها گهُٽا،
قيدي ٻُڌڙا ٻار تين،
ٻلپل وهه جا ڏُک پين،
ور وڇڙن ونين ڪان،
پورهيت پنهنجي ٻنين ڪان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ کيئن وڃان اسڪول
آءُ کيئن پڙهان اسڪول
ڪاوڙ مان استاد ڏسي ٿو،
روز مون کان في گهُري ٿو،
قلم، ڪتاب ڪٿي ٿئي،
ڊريس چو نہ پاتي ٿئي،
ميري قميص نہ لاٿي ٿي،
پير اُگهاڙا ڇورا ڇو،
نوٽ بوڪ اٽپورا ڇو،
سڏڪي پوندو آهيان،
ڊڄي چوندو آهيان،
بابا ڦتڪي مري ويو،
ٽِي بي وگهي ڳري ويو،
امان جُهور پوڙهي آهي،
ڪنن کان ٻي ٻوڙي آهي،
ادڙي اٽيڙهيل آهي،

ڦُوهہ جواني رسيل آهي،
واڻ وٽيندي روز آهي،
ٽانءُ مَليندي روز آهي،
انهن ئي ڏوڪڙن مان،
ٽورڙن ٽڪن روپين مان،
گهرڙو هلائيندي آهي سائين
گذرڙو ڪرائيندي آهي سائين،
پر سال ادا اغوا ٿي ويو،
ڌاڙيلن ماري ڇڏيو،
عيب منهنجا لڪايو سائين
آواره ٿيڻ کان بچايو سائين
ڪيو مون تي ڪرم سائين
خدا جي واسطي رحم سائين
ڏيو نہ مون کي مار سائين
مان آهيان لاچار سائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بُڌين نٿو ٻوڙا تون
سُڻين نٿو گهوڙا تون
دانهون، آنهون، واڪا،
ريهون، رڙيون، سڏڪا،
تا ڪيون هانءُ ڦاڙي،
پر لهوءَ لُڙڪ لاڙي،
لويون لٽجن پيون،
ڏويون ڦرجن پيون،
ساهه تو گهٽجي پيو،
ماهه تو ڪٽجي پيو،
امڙ تي ڦٽڪي پئي،
ادي تي تڙپي پئي
ادا جيل ۾ پيو آ
بابا سان ويل ٿيو آ
يتيم ٻارڙا ٿياسين
پينو فقير ٻڻياسين

قاتل اسانجا لٽڙا،
ميرا اسان جا انگڙا
نه رِلي نه ٽوپي وٿو،
نه جهڳي نه جُتي نه اَٿو،
تون پيگ پي ٺهڪ ڏين
چيري چم چهڪ ڏين
او مير، پير وڏيرا،
ليڊر، آفيسر، ڪامورا
ڪنن هوندي ٻوڙو تون
اکين هوندي انڌو تون
زبان هوندي گونگو تون
پيرن هوندي منڊو تون
قورو، غاصب! آمر!
ظالم، حاڪم جابر!
ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو
ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو ٿُو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان سان هاٽي ڪؤنسڻ چڏي ڏي
اسان تي هاٽي پؤنڪڻ چڏي ڏي.
لوئي جي لڄ ننگن جي خاطر،
ڪراچي، حيدرآباد دنگن جي خاطر،
ڪٽڪ ۽ ٻاجهر جي سنگن جي خاطر،
نرم ۽ نازڪ انگن جي خاطر،
ميدان ۾ گهڙي پيا آهيون،
گهٽي گهٽي ۾ لڙي پيا آهيون،
رت ۾ لت پت پاند پوتي ڏسي،
اجرڪ، پٽڪو، ڳاڙهي ٽوپي ڏسي،
سلوار، قميض ۽ پهراڻ ڏسي،
سينڌ، سندو ۽ مهراڻ ڏسي،
اسان جو رت پي ٿهڪي پيو آ،
ساهه تي پي سهڪي پيو آ
جهڳيون جهانگين جون جهجهيون جلائي،
بي هتيارن تي ناحق گوليون هلائي،
تو وڏڙا وڏڙا ٿهڪ ڏنا هن،
توئي لُوڻ ٻُرڪي چهڪ ڏنا هن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي اُنهن ڪکن پنن جو قسم،
اباڻن ڏاڏاڻن جي پکن جو قسم،
سرتين جي ئي مقدس سَت جو قسم،
شهيدن جي ئي مقدس رت جو قسم،
پلؤ پنهنجا توکان وٺنداسين،
توکي ڪڌهِن ڪونہ ڇڏينداسين،
اسان سان هاڻي ڪؤنسڻ ڇڏي ڏي،
اسان تي هاڻي پؤنڪڻ ڇڏي ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدائين سنڌ سُورن ۾، آيا ڪئي شهنشاهه،
ڪي دارا، ڪي سڪندر، سڏائي سَاهُنساهه،
ساساني، ايراني، ڪي مُغل عالم پناهه،
ڪي غزنوي، غوري، ارغون، ترخان، شاهه،
ڪي نوڪر، چاڪر، ڪي ياجوڪڙ بادشاهه،
آدم بُو ڪندا آيا، مدد ۽ نادر شاهه،
سڙيا سونا سنگ، باغيچا، گل ڦل گاهه،
گهوڙن جي سُنبن ۾، ماٺهو مِرگهه ۽ ماهه،
ڏڙ، سِسِيون ڏار، ٿيو ميدان مقتل گاهه،
چولي چولي ڳاڙهي، لت پت سِنڌو درياهه،
سَڪرات ۾ سنڌڙي، پويان ساهه پساهه،
آزاديءَ ۾ ايمان، تا قيامت ويساهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناحق خون وهيو، جهر جهنگ ميدان ۾،
ڪِريا ڏڙ، ڏڙن تي، رِڻ ڪيچ ريگستان ۾،
ڄنگهون، ٻانهون ڏار، ٺٽو ۽ سيوستان ۾،
تي لت پت ڌرتي، ڪاڇي ڪوهستان ۾،
سيوي توڙي چانڊڪا، اُچ پاسي ملتان ۾،
مار، ڌاڙ، لُٽ مار، ٻکر ۽ باغبان ۾،
ڪيرٿر، سڄو لهو لهو ۽ ڪيچ مڪران ۾،
ڳِجُهن جا لامارا، لاشا بيابان ۾،
انساني ڪوس ٿيو، گهر گهر ۽ ايوان ۾،
ڪتي ڪونهي لڪيل، گيتا ۽ قرآن ۾،
ڪيڏو خوني هولي، آتما ۽ ايمان ۾،
ڪهڙو فرق رهيو، انسان ۽ حيوان ۾،
اي خدا! تون ٻُڌا؟ شيطان ۽ سلطان ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدائين سِنڌ سُورن ۾، وڙهندا رهيا سنڌي،
هر دور ۾ ڌرتيءَ تي، ڌارين جي لشڪرڪَشِي،
ڪيئي ڪٽڪ آيا هتي، غاصب، ڦورو، ماري،
ڪڏهن يُوناني ته ڪڏهن وري ايراني،
بنو اُموي، بنوعباسي، ڪَڏ تُرڪي ۽ عربي،
ڪڏ هلاڪو، چنگيزي، ڪڏ غزنوي ۽ غوري،
ڪڏهين وري تغلقي، خوني مُغل، خِلجي،
سَاساني، خراساني، تيموري ۽ قنڌاري،
ڪيئي نواب سلطان، ترخان ۽ ارغوني،
آيا انگريز، فرنگي، نادر، مدد، ابدالي،
وِڪ وِڪ تي خُون وهيو، واهڻ وستي وادي،
سڙيا سنگ سونا، چوڌاري بربادي،
پر ڌاهر، دودي، دولهه، گهوري پنهنجي جندڙي!
سدا قائم دائم رکي، شاهه لطيف جي سنڌڙي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرسبز سنڌو ماتري —الا- سنڌو ديس مهان،
ڪاهي لشڪر آيا، ڪيئي شهنشاهه سُلطان.
دنگل ٿيا ديبل ۾، رِڻ گجيو ريگستان،
لاشا لٽڪيا گهٽين ۾، سِر، ڌڙ، ڌار سيوستان.
اروڙ ۾ آمهون سامهون، بکر، ڪُرڙي ميدان،
سن، انڙپور، ٺلٽي ۾، بغاوتي باغبان.
لاڙ، گجرات، ڪڇ ۾، ملهايو، اُچ ۽ ملتان،
نيايو نيرون ڪوٽ ۾، ڪاڇي ۽ ڪوهستان.
بهادر برهمڻ آباد ۾، جوڌا جُنگ جَوان،
دوآبي ۾ ڌڌڪا ٿيا، ڪڙڪا ڪيچ مڪران.
ماٽيلي ۾ معرڪا، عمرڪوٽ ۾ عاليشان،
چَوٺُون چانڊڪا ۾ ٿيون، رُوپا ماڙي، چاچڪان.
رتورت سِنڌو ڪنارا، لهو لهو جبل بيابان،
صدقي توتان سنڌڙي!، آزاديءَ ۾ ايمان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راوڙ جي ميدان ۾، ڏاهر جو ڏهڪاءُ،
لاڙ، ڪڇ، ريگستان ۾، دودي جو دهڪاءُ،
ڪاڇي، ڪوهستان ۾، دولهه جو ڏڏڪاءُ،
دوآبي درميان ۾، هوشُو جو پڙلاءُ،
ڪرڙي ڪاڏو رت، گهوٽن گهايا گهاءُ،
ٺٽي جي مِٽيءَ ۾، چام ننڊو جو هُڳاءُ،
گهاٽو گهمسان ۾، بلاول هڏن ٽڙڪاءُ،
رُوپلي ڪولهيءَ جو، وڻ وڻ ۾ آ ورلاءُ،
سوري تي سُورهه بادشاهه، تڪو تاب تاءُ،
قاهي قندي ڪي، هيمونءَ چُميءَ جو ڇُهاءُ،
صدقي سنڌڙي تان تيا، پيءُ، پُٽ ياءُ،
سَتيُون تيون سرتيون، گهوري اندر اُهاءُ،
ڪنئي ٻاگهل تلوار، توکي مبارڪون ماءُ،
سيني تيج ملهائي، وو- هٽي داءُ تي داءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نامنظور! نامنظور!
احتجاج ڪيون پرپُور.

هڙ گڏجي هڻو نعرا،
ڏئم سِنڌؤ تي سارا،
چشما توُنسا، پاشا،
ٿل ۽ ڪالا باغ وارا- نامنظور! نامنظور!
ڏئم سنڌو تي سارا .
بنجر ٿئو بدين ٿئي،
ويران، بنيون ۽ بارا،
تي وئي منڇر زهريلي،
تاسا ڪينجهر ڪنارا- نامنظور! نامنظور!
ڏئم سنڌؤ تي سارا.
جر ڪارو آ ڪوهن جو،
ماڪي ۽ مصري ڏارا،
ڪونهي پَلو سنڌؤ ۾،
ملاحن جا خالي ڪارا- نامنظور! نامنظور!
ڏئم سنڌؤ تي سارا.
ڪينَ رهيا تِمر ٻيلا،
ڦُلن تي پوپٽ ڦيرا،
ڪاڇي، ڪڇي، ڪيرٿر ۾،
بک بدحالي جا پيرا- نامنظور! نامنظور!
ڏئم سنڌؤ تي سارا.
ڪڏ چوري ڪنهن زوري،
هرروز پاڻي تي ڌاڙا،
تج سنڌؤ ماتا جي،
پيئن تا پنجاب وارا- نامنظور! نامنظور!
ڏئم سنڌؤ تي سارا.
پاڻ اجارا ۽ بُڪارا،
ويلي ويلي ويچارا،
اجرڪ ۽ ٽوپي وارا،
او- جاڳو سِنڌي سارا- نامنظور! نامنظور!
ڏئم سنڌؤ تي سارا.

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد نظم

او ....گوري!
او..... چوري!

تنهنجي ٻانهن جي ٻک ۾،
هئ هئ هٿڙن هٿ هٿ ۾،
منهنجي عُمر گذري وڃي،
ڪا پلجي نہ اک پيچي.
او... تيرنهن تالي!
او... سورنهن سالي!
تنهنجي گرم گرم ساهہ ۾
تنهنجي نرم نرم ماهہ ۾
گُلڙن ڦُلڙن جي سُرهاڻ،
مَوَجَنَ مَستين جي مهراڻ،
او سانوري!
او... ٻانوري!

تنهنجي ڇاتي جي اُڀارن متان،
من موهيندڙ مُنارن متان،
ڪنڌ پنهنجو رکي،
چوڏهينءَ چنڊ ڏسان،
تنهنجي محبت جو منڊ پڙهان،
او.... گوري!
او.... چوري!
او.... تيرنهن تالي!
او.... سورنهن سالي!
او... سانوري!
او... ٻانوري!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيري انبر ۾،
ستارن وانگر،
ڪاڪ محل ۾،
ڏيئن وانگر،
منهنجا نيڻ رات سڄي،
سڄي پڄي،
چمڪن ٿا،
ٿمڪن ٿا،
ڀاڪ ڦُٽيءَ تائين
تنهنجي اوسيئڙي ۾
او... سائين!

اکڙين ۾،
ڳوڙها آڻي،
تو ڇو پي ڇڏيا!؟
چپڙن تي
سُڏڪا آڻي
تو ڇو گُهٽي ڇڏيا!؟
زبان تي،
جُملا آڻي،
تو ڇو مُندي ڇڏيا!؟
ڳوڙها،
سڏڪا،
جملا،
ئي تہ تنهنجي وس ۾ آهن،
ڪَس رَس ۾ آهن،
تون روءِ، رڙ، دانهن ڪر،
ايئو تہ زور سان ڪُوڪُون ڪَر
جو ڪراچي ڪان ڪشمور،
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر،
ڪڇو، ڪاڇو ۽ ٿر،
جاڳي پوي-
اگهور ننڊ مان،
اُٿي پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منٽرا- !
مونسان...
پيچ نہ پائجان،
لوءَن نہ لائجان،
آءٌ ڪنهن ٻئي جيون جو،
پاڇو آهيان
پَاڇَي پويان
تون نہ ڊوڙجان،
متان سڪَ جي صحرا ۾،
پٽڪي وڃين،
تڪجي پوين،
۽ هن ظالم سماج جي
چڪيءَ ۾،
پيسجي وڃين!

آ....
تہ هڪ ٻئي کي،
ڪنهن سَمَي،
دُور دنيا کان
گهُنڊ ۽ گهُور نظر کان،
ٿاري ٿاري ٿڙندڙ مُکڙين ۾،
ماڪ ڀنل پنکڙين ۾،
سُرهي سُرهاڻ جيان-
لالاڻ جيان،
آلاڻ جيان،
سمائي ڇڏيون،
هڪ ٿي وڃون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چِي چِي...
چِي چِي ڪري
چيلڙا چيڪاريان،
هوا ۾ هٽڙا لوڏي،
توکي کِلي کِيڪاريان.
پُورل! پلي ڪري آئين
جانب! جيءُ ڪري آئين
منهنجي دل جا ڊولڻ!
منهنجي سِر جا سجڻ!
جي جي چوائين
اکين ۾ لِڪايائين.

ٻاءِ پٽائي!
سارنگ وائي.
وسي مِينهن،
ڦُٽي نينهن.
نري ڌرتي،
تتي سَرتي،
ڏُکڙ وجي،
سُکڙ اچي
ميڙو مچي،
پريت پچي.

چوڻ جيڪو چاهيان
چئي نٿو سگهان،
لکڻ جيئن چاهيان،
لکي نٿو سگهان.
اوهان جي آمهون ۽ سامهون
ڪريان منٿون ٻڌي ٻانهون
ڪنڌُ قرب ڪٺهن سهٽا سائين
انهي انتظار ۾ آهيان اجا تائين!

پُورڙا باڊلڙا!
ڪارڙا باڊلڙا!
اچڙي تر متان،
مارئي گهر متان،
جينيءَ وَر متان، هاريءَ هَر متان،
ڦُڙُ ڦُڙُ وسي پئو
وڏ ڦُڙُ وسي پئو
گدلا باڊلڙا
گرڙا!
باڊلڙا!
پُورڙا باڊلڙا
ڪارڙا باڊلڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نثرائو نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نثراڻو

ڪڏهن ڪڏهن،
منهنجو هيڪل ويا ڪل من،
تنهنجي رنگ برنگي دنيا
جي پولار ۾،
سگريٽ جي آخري ڪش جي،
دونهين وانگر،
ور وڪڙ کائي
گم ٿي ويندو آهي.

تنهنجي نفرت
منهنجي محبت جي جهوليءَ ۾
ڳڙا ٿي وسندي آهي.
ءِ مان اُهي
هڪ هڪ ڪري
ٻهراڙي جي ٻالڪ جيان
ڪٺي ونندو آهيان
ڪائي ڇڏيندو آهيان.

او جاني!
هارياڻي جي آمهون
جيئن ڪٽڪ جا پڪل سنگ،
سِيس نمايون بيٺا آهن
تيئن مُنهنجون تخليقون
گيت، غزل، وايون،
سِيس نمايون بيٺا آهن
تنهنجي سامهون.

او سُهڻا سپرين
او.... پيارا پرين
تنهنجي پهرين ملاقات!
ماکي منڙي بات،
چيٽ چاندوڪي رات،
لاٿون وانگر ٿڪ ٻڌي-
منهنجي ذهن جي ترىءَ تي
ٻُرندي آهي،
ڪتڪايون ڪيندي آهي
مُرڪي پوندو آهيان
مُشڪي پوندو آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او .....
شهيد وطن!
توکي سُرخ سلام
صبح و شام.
تنهنجي مزار مٿان،
منهنجي هٿان،
لکيل هي سٽون-
گل گلاب جا،
موتئي جون پتيون.
رات ڏينهن دُکندڙ
اگربتيون!

هارياڻيءَ!
بيٺل پاڻي جي دُٻي ۾،
پنهنجا وکريل وار
۽ ميرانجهڙو مُنهن ڏسي
عکس کي چيو،
هيلهه ٻه پروکي. وانگر
سرنهن ڦولاري آهي
پر پوءِ ٻه ڇو؟
منهنجي سينڌ اٽيي آهي!؟

او .... سانئڻ!
جنهن،
تنهنجي وارن جي ڳُت وني،
وڏا وڏا ٿهڪ ڏيئي،
لوئي لڄ لُٽي هئي،
تکي تيز خنجر سان،
مقدس چاتي وڍي هئي،
اڄ اهو آزاد ٿيو آ!
۽ تنهنجي کک ۾ ٻکايل،
اُبهم ڪِڪِڙو اڄايل
پنهنجن پتڪڙن هٿن سان.
هٿوراڙيون هڻي،
تنهنجو اُرهه ڳولي رهيو
آهي
تنهنجا ٻُبا ڦولي رهيو آهي
روئي رهيو آهي!!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او .... جابر!
تنهنجو حشر
ڏاڍو بڇڙو ٿيندو،
جڏهن
هن ديس جا هاري ناري،
مزدور، شاگرد هڪ ٿي ويندا،
پنهنجي فولادي هٿن ۾،
ڏاٽا، ڪهاڙيون، ڀالا کڻندا،
تن جا توتي وسڪارا ڪندا،
توکان ڳِٽ پٽي وهندي،
تنهنجون رڙيون هونديون،
پوءِ تون....
هٿڙا ٻڌندين،
پيرين پوندين،
گيسيون ڪندين،
معافي گُهرندين،
اُٿ پير ٻه ناهيندين،
پر هي ڏرتي جاوا
انقلاب جاﷲ وا
هڪ هڪ سڏڪي جو،
هڪ هڪ رت ڦڙي جو،
پلئۇ وٺندا،
تنهنجي ڄنگهه ڄنگهه تي،
رکي چيريندا-
توکي چچلائي چچلائي،
ماريندا-
تنهنجي ڍونڍ کي،
ڳجهيون پٽينديون،
ڪُتا ۽ ڳدڙ کائيندا،
اهڙو ڏينهن به ايندو،
او..... آمر!
او...... جابر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون.......
جبل جيان،
منهنجي اکين مٿان،
لٽون رکي بيٺو آهين،
تہ جيئڻ،
نيٽڻ مان ٽمندڙ ڳاڙها ڳوڙها،
ڪير بہ ڏسي نہ سگهي،
ڪو بہ اُگهي نہ سگهي،
پر ....
مون کي ڪيرٽر جي ڪک
مان،
اُڏما ڪائي،
وهندڙ چشمي جو قسم،
حويلي ۾ رجندڙ جواني جو
قسم
منهنجا لُڙڪ،
روڪي نہ سگهندين،
نِيرن جي نئين ڳاج،
ڏؤڪي نہ سگهندين،
تون بہ اُن ۾ وهي ويندين،
ذرڙا ذرڙا ٿي ڊهي ويندين.

ڪڏهن ڪڏهن
تنهنجون يادون...
لوڪان لڪي،
ڪولي ڪِڙڪي،
ڏينديون آهن چاندون-
اَگهور ننڊ مان،
اکيون مهٽي اُٿي پوندو آهيان
چئني ڏسائين توکي ڏسندو آهيان،
ڪنڊ ڪڙڇ ۾،
ڳوليندو آهيان
ڪو بہ نہ هوندو آهي!

او..... ساٿي!
جدائي جي جهنگ ۾،
مون سان مِل اچي،
ڪِيڙو.... ڪِيڙو.... ڪنلو تو وتان،
بگڙي ٽِتر وانگر
توکي سڏيندو تو وتان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ
تو.....
پاتي،
چُمي جاني!
اڄ
چپ ڦُٽي پيا ھِن،
ڳل پيلا ٿي پيا ھِن.

او..... جاني!
تون ڪٽي وچ،
منھنجون خوشيون
۽ ڏئي چڏ مون کي،
پنھنجا غم....
ساري زندگي
سمجھي بندگي
اُنھن کي پينگھ ۾
پيو لوڏيندس.

ھر روز،
ھر گھڙي،
ھِن بيدي جھڙي ڀُونءِ تي،
مظلوم انسانن جي اڄاھ،
چڙھي ٿي چڪيا!
ڌرتي جي دلڙي

ٻمن ۽ گولين وچ ۾،
قرب ۾ ڪڙيل،
ڪنھن ڪنواريءَ وانگر،
ڪاتين ۽ ڪھاڙين وچ ۾،
ڌڙ ڌڙ ڌڙڪي ٿي،

آئي ياد،
تنھنجي جڏھن،
وسري وئي جاني!
ساري دنيا تڏھن

پرين....!
تنھنجو پيار،
ڪو پاڻي تار،
آءٌ،
انھي ۾ ترڳندو آھيان،
ائين وھنجندو آھيان،
جيئن،
ڪو ننڍڙو ڏنار ٻار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنئين
سِڌي واٽ تي،
هلندي هلندي،
جيئن ڏنم مُڙي
ڪو سرڪاري عملدار،
خانگي وردي ۾
پويان اچي رهيو هو
ليڪيندو جهاڙيندو
منهنجي پير جي ڪُڙي!

ڪنهن،
گوري گجري، ٻانهن،
جي سُونهن تيڻ ڪان پهرين،
شيشي جي چوڙين وانگر
منهنجا جذبا،
من اندر جا اُڌما،
ٽٽي پون ٿا،
ٽڪرا ٽڪرا ٿي
ڪِري پون ٿا،
هن سماج ۾
هن نظام ۾.

ڏمر!
ڪالهه ٻه هو،
اڄ ٻه آهي،
سُهڻي!
ڪالهه ٻه هُئي
اڄ ٻه آهي،
ميهر!
ڪالهه ٻه هو،
اڄ ٻه آهي،
پر هاڻي ڪو ڪارو سڄي،
ڪاٽي ڪاري سڄي.

تنهنجي دل!
تو ٽوٽ آهي،
منهنجي دل!
مون وٽ آهي،
چڙو،
جذبن جا ڌاڳا،
رشتن جا ناتا
وٽيل آهن
ڳنڍيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاٽياري!
ڪٽي تي جيئن،
گهڙي تي گهڙو
شاعري!
پڻ آهي فن اهڙو.

آ...
ملاءِ تاڙي
ٻنهي ڪي ڪپي
آزادي.

ڪيڏا!
بينر وڏا وڏا
رنگين جهنڊا لڳل آهن
هر ڪنيي ۾
هرگهٽي ۾
هر گهر تي
هر در تي
ٽنگيل آهن،
جن جي ڇانوَ ۾
آسرن جي جهانءِ ۾

پيرين اُگهاڙو
مٿي اُگهاڙو
ميرڙن قاتل ڪپڙن ۾،
ٻارڙن جو ٽولو بيٺو آهي.
هر هر سنڌن معصوم لبن تي،
ڪو سُوال سِڄَ ٻنجي اُڀري ٿو.
ٻنان جواب جي اُلهي وڃي ٿو!
ڪا آس نراس ٿئي ٿي
سُوال جي نشاني
سرمائيدارن،
جاگيردارن،
سياستدانن،
ڪامورن جي منحوس مُنهن تي
ٿهي بيهي ٿي!؟

ها......
هڪ ڏينهن،
مون بہ چاهيو هو،
ڪاغذ جو جهاز ٺاهي-
ان تي شاهہ جو شعر لکي...
”نينڻ نہ ننڊون ڪن...“
توڏي اُڏاريان.!
تنهنجي گهر جي سامهون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُل مُهر جي چانو ۾ ويهي،
بانسري تي
”اياز جا ٻول“
”سانورا! تو سوا چانورا...“
هر هر ڳايان.!
ڇهچ سائي ٽاريءَ تان
گلاب جو ڳاڙهو گُل چني،
آبشار جي وهندڙ پاڻي
وسيلي
توڏي تاريان،
ڪاڪ تي ويهي،
ڏينهن رات -
ڏيئا ٻاريان،
گهگهه اونده ۾،
سهڻي وانگر گهڙو ڪچ ڪري،
لهرن ۾ لڙهان،
پنهنجي نانءُ سان
تنهنجو نانءُ لکي ڇڏيان.
پر هن پراڻي سرشتي،
جاگيرداري سِسٽم
ائين ڪرڻ کان پهرين
منهنجا هٿ ٻڌي ڇڏيا-
منهنجا چپ سئي سڳي سان
سِبي ڇڏيا!!

انقره جي اڏي تان
آمريڪا جا جنگي جهاز
آدم بُو آدم بُو ڪندا
اُڏامن ٿا،
چار هزار سال تهذيب پراڻي تي
الف ليليٰ جهڙي رومانس
ڪهاڻي تي
بمن جي برسات ٿئي تي
سڄو ڏينهن سڄي رات ٿئي تي
باهه جا شعلا پڙڪن ٿا
ڌرتي ڪان آسمان تائين
دونهان دُکن ٿا
تُرڪت اوزال مُرڪي ٿو
وڏا ٽهڪ ڏئي ٿو
مصطفيٰ ڪمال جو ساهه
مانا وگات جي تڙ تي
ڦت ڦت ڦتڪي ٿو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نار جي صحرا ۾
يورپي سپاهي
ريفل جي بٽ تي،
واري جي پٽ تي،
گوليءَ جي ڳوڙهيءَ سان-
آڱر جي چوٽيءَ سان-
پنهنجي محبوبا جو-
منڊڙي محبوبا جو،
نانءُ لکي ٿو-
روئي ڏئي ٿو.

قاهره جون حُوررون
گهور، نظر گهورون
سامراجي سپاهين اڳيان
هيڏانهن ۽ هوڏان،
نچن پيون-
ڪڏن پيون-
حسني مبارڪ مشڪي ٿو،
کلي ٿو، خوش ٿئي ٿو.
مصر جا احرام شرمائن ٿا
نيل جا نيل ڪنول مُرجهائن ٿا
جمال ناصر جو روح
ڦٿڪي ٿو.

امن جو پکي،
پيريز دي ڪوئيار جا افعال ڏسي
احتجاج طور،
چپ چور،
عاليشان عمارت مان-
نيويارڪ ولايت مان-
واهيري جي ڳولا ۾،
آکيري جي ڦولا ۾-
ٽارينڊو ۽ جيگوار ڪان،
ڪروز، پري مار ڪان
پاڻ کي بچائيندو-
لوڪان لڪائيندو-
گگن ۾ پٽڪندو وتي،
ٽڙ ٽڙ ڪبوتر ٽڙپندو وتي.

اوج، موج،
پاڪ، فوج،
حُرمين جي حفاظت-
شاهه فهد جي اطاعت-
اول فرض،
آخر فرض-
هر وقت هوشيار
بلڪل ٿي تيار،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولا! ڪربلا تي-
نجف شريف تي-
گولا وسن ٿا،
بم ڪرن ٿا،
پري ڪان ڏسي پئي،
ڏماڪا ٻڌي پئي،
نعرا هڻي پئي،
نعره تڪبير، الله اڪبر!
نعره حيدري، يا علي!

اوچتو ئي اوچتو،
مِلي وئي نظر سان نظر،
تو مُرڪي ڏنو
مون وانگر،
ڪيڏو! پيارو هو،
هاءِ! اهو منظر!

دجلہ جي ڪناري،
ايمينسٽي انٽر نيشنل نهاري-
ڇپر ٻُوٽي ڇڏيا-
ڇپ پِڪوڙي ڇڏيا،

عرب شيخ
لڪير جا فقير،
ٻُش جي هٿان
مِس وارا لائينس مٿان
اَکن ڇڪن-
مست مکن-
شراب پيئن ٿا،
شباب ڏين ٿا-
روضي رسول جي پر ۾،
ڪعبة الله جي تر ۾،
مظلومن سان ڪوُنسن پيا
پنهنجن تي پوُنڪن پيا
خوار ٿي پيا هن
غدار ٿي پيا هِن.

زيتون جي ٽاري،
ٽُڙ سميت ويچاري،
بوٽن جي ڪٽرين هينان،
ٽينڪن جي ڇينن هينان،
عالم اقوام جي ايوان ۾
خليج جي ميدان ۾،
اورانگهجي پئي
لتاڙجي پئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نو ورني ناري!
وچوڙي جي ماري،
اقوام متحده جي آمهون،
وائٽ هائوس جي سامهون
نعرا هڻي رهي آهي
تيل لاءِ رت ڇو؟
احتجاج ڪري رهي آهي،
امن لاءِ جنگ ڇو؟
هٿ ۾ ڪنيل ڇڻي تي
ڳاڙهي ڳنول ڳٽي تي
رنگ جو ڪارو
گول بيضوي دائرو
عظيم شان
امن جو نشان
اڪريل آهي
ڇٽيل آهي.

او.... حَسِين
دلربا دلنشين!
سِتارن جي جِهرمر هينان،
پَٽ تي وڇايل،
ٽُڪ جي رِليءَ مٿان،
محبت جي مئڪده ۾
پاڻ ڳڏجي پرين!
وحيءَ جي وِسڪي،
پيئندا رهياسين.
نينهن جي نشي ۾،
نچندا رهياسين.
رات سڄي
چوڏهينءَ چنڊ پئي ڏِٺو-
ڪڪرن مان لِڪي،
اِئين اڪ ڇنيءَ ۾-
ڏينهن تي ويو.
آس اڌوري رهي،
پياس پُوري نہ ٿي.
منڙا مهجبين!
دلربا دلنشين!
او حسين!
او حسين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُوءَ....
وينني هُئي
آءُ بينو هُئس
بہ تي وکون وِتي هئي،
هُن گهُوري ڏٺو
مون بہ ائين ڪيو،
اسان ٻنهي جي وچ ۾،
سنهڙو پردو هو.
هُوءَ...
ڪُرسي تان اُٿي
هِيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي
اک ڀڃي مُرڪي پئي
مان .... اُن ڏانهن وڌيس
اوچتو...
تنهنجي ياد،
منهنجي اکين تي-
ميندي رَتا هٿ رکي،
مون کي ڪن ۾ چيو،
هالا جي جنڊي جهڙا،
تنهنجي چَڪن جا چٺَ-
چُمين جا گولا گلابي چلڙا،
منهنجي ڪپهہ ڪنئورن
ڳلن تي-

نرم نازڪ انگن تي-
چٺا پٺا هِن،
ظاهر بينا هن،
او.... بي وفا!
او..... بي وفا.

ويچارڙو-
اُبهم ٻارڙو!
گند جي ڍير تي،
تڙپي تو،
ڦتڪي تو،
اوئان اوئان ڪري...!
پنهنجي ڪنواري ماءُ کي،
پنهنجي حَرامي پيءُ کي،
سڏي تو،
اوئان.... اوئان ڪري...!
توکان، مون کان،
هِن کان، هُن کان،
پُڇي تو.
شيطان وڏو!؟
يڳوان وڏو!؟
اوئان.... اوئان... ڪري...!
ڪِيهون ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريهون ڪري،
هر ايندڙ ويندڙ کي،
گڏ تيندڙ، ڏسندڙ کي،
هُو... ڪجهہ چوي ٿو،
اوٺان.... اوٺان... ڪري...!
مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آ؟
مون کي چوتا پتر هٽو!؟
پتر هٽو نِڪر هٽو!؟

سپنن جي،
سوچن جي،
ڪوهيڙي ۾ ورتل آهيان.
مان پاڳل تہ ناهيان!؟
پاڻ کان پڇندو آهيان.
چئني ڏسائين،
چوڌاري چُرندڙ ڦِرندڙ-
ڌُنڌ ئي ڌُنڌ آهي.
هٿ نہ ڏسي هٿ کي،
اکين هوندي انڌن وانگي،
هيڏي هوڏي هٿوراڙيون
هٽندو آهيان.

خوف حِراس جي وايومنڊل ۾،
پَير پَير ۾ ڏئي اوسي پاسي،
وِڪون کٽندو آهيان
ديوارن سان ٽڪرائي،
ڦٿجي پوندو آهيان،
ٿڪجي پوندو آهيان،
چڪنا چُور ٿي-
خاموشي کان ڌُور ٿي،
خيالن جي ڦَرهي تي،
لَهُو لُڙڪ لاڙي،
ڪلڪ اُن ۾ بوڙي-
پَل اُپل پيڙا پوڳي،
چپ چوڏا چوڏا چوري-
ڪاڪِوتا لکندو آهيان،
پابوهہ مان پڙهندو آهيان.
تڏا ساهہ پري،
آهہ لبن تي آٽي،
چاهہ مان چوندو آهيان-
جي سپنا ساپيان تي پون.
تہ ڇا تي پوندو!؟
تہ ڇا تي پوندو!؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ئي ٻُڌا...
او منھنجا پرين!
توکان سوا-
سندر سپنا،
جوڀن جذبا،
پلپل گهڙيون،
چيٽ ڪتيون،
ڀلا: ڪيئن گُذرنديون....!؟
جاڻي خدا.!
او منڙا مهجبين!
توکان سوا
سرنهن قولارون،
تِترن جون تنوارون،
ڪير تر مٿان اُڏارون،
ڪُونجن جون قطارون،
مهراڻ جون موجون،
ڪينجهر جون چوليون،
چنڊ چاندوڪيون،
لهرون لهرون،
ڀلا ڪيئن وڻنديون...!؟
جاني جُدا...
توکان سوا...

ڳالهيون، ڳُجهارتون،
پيار جون پروليون،
لبڙا لبن تي،
سُرڪيون، سُرڪيون.
گيت اياز جا،
شاهه جون وايون،
ٺهڪ رُساما، مُرڪون،
ڀاڪر، ٻوسا، چُميون،
صُبحون ۽ شامون،
الا ڪيئن وسرنديون...؟
هو..... الا......
او...... الا......

❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الا... ڪو تہ ايندو....
موت جي خبر تي،
اجرڪ ۽ گُل ڪٽي،
منهنجي قبر تي..!
ہ چار، ڦل پڙهي،
ٻاري اگربتيون،
ڇَٽي، پن، پتيون،
ساري سارون.
چيٽ ڪتيون.
پُسائي پنبڻيون..!
هاءِ!
هليو ويندو.
مِٽيءَ جي مُٺ ڪٽي
يلا... ڪو تہ ايندو
الا..
ڪو تہ ايندو..!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُڙُ ڦُڙُ ڦُڙُ وس، مادر وطن تي
چپڙا تر ڪاڇي، چوڏا ئي چوڏا
ساري سنڌڙي نري، آ باهہ بدن تي.

پرجي وَسُ بادلڙا!
پرجي وَسُ بادلڙا!
پرجي وَسُ بادلڙا!

ڪُو ڪُو ڪُو ڪُو ڪوئل، ڪُوڪي ڪاڙهي،
رڳو ڳهُٽ ٻُوسٽ آ، رُڳهہ ساهہ ڳهُٽي،
ٻيج ٻيج ڪن ٽا، ٻارڙا هانءَ ڦاڙي.

ڪارڙا توڙي ڀُورڙا!
پرجي وَسُ بادلڙا!
پرجي وَسُ بادلڙا!

هيڏي ڏوڙي هوڏي ڏوڙي چئني پاسي رُڃَ،
ٽڪي ٽريلڻ، ڪِري ڪاڇيلڻ، دليون رڙن،
ٻي موت مرون "مرتضيٰ" الا اُڃَ ئي اُڃَ.

ننڍڙا توڙي وڏڙا!
پرجي وَسُ بادلڙا!
پرجي وَسُ بادلڙا!.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي-او-آزادي!

ڊاڪٽر مرتضيٰ کوسو

تعارف

ڊاڪٽر مرتضيٰ کوسو جيڪو اول "معصوم" جو لقب نثر ۾ "جاني" بہ استعمال ڪندو آيو. تنهنجو جنم 6 جنوري 1961 جو، پرهہ ڦٽي مهل قلجي اسٽيشن ڪان اتر طرف الهہ آباد (ڪاٽي) پرسان ڳوٺ ميوو ڪوسو ۾ ٿيو. ڪيس مُعزز بهادر ۽ انتهائي ايماندار سرڪاري ملازم / آفيسر احمد بخش ۽ سچي، سڀاجهي امڙ رحمت خاتون جي پرورش نصيب ٿي، ڇم وقت، اُتر جون اوتون ۽ ٿڌيون هوائون هيون، شايد انڪري سندس طبيعت ۾ ٿڌائي ۽ برداشت جو عنصر وڌيڪ رهندو آيو آهي. پرهہ واري جاڳ صوفي، سالڪن ۽ خود الله تعاليٰ جو پسنديده پهر آهي. جنگي اُڏارن ۾ تپي ڪندين ڪوهہ وانگر، ننڍپڻ ۾ ئي هِن ڪي پاڳ تي لڳا، مائيٽي ۽ شرميلي مزاج تحت، ادب ۽ شرافت بہ سمايل هئا. سپ سانگ، سماع، سنگ هِن شاعر ۾ سمائجي، نود، بود، سجود جي سجاٽپ سيڪاري، هڪ پاسي ڪاهوڙي ڪيرٽي تہ ٻئي پاسي ديش آدرشي رهيو آهي.

سندس ڳوٺ سنڌوءَ درياهہ ڪان سڏ پنڌ تي اولهہ طرف، دادو ڪئنال جي پڪ ۾ هجڻ، وڏڙن جي زندگي، توڙي زمين جي زرخيزي، واهڙن تي مال چارڻ، نوٽن ڪيڏڻ، نار جا چيڪٽ، ناري جو نار تي ماني ڳيو ڪٽي اچڻ، پيهي تي جهار تڙڻ، سرنهن جا نيي جا پيلا گُل ڏسڻ، ساوڪ ۽ سرسبزي، ڪڪرن، ڪنوٽين، گجگوڙن، تجلن، مال جي ڳچي ۾ ٽلي ٽلڻ، پکين جي اُڏارن، ڪونجن جي ڪرڪن، جهـڙا فطرتي منظر شاعر کي ماحول ۾ مليا آهن، جنگي جهازن جي گُهوگُهو، لانگ ٻوٽن جي ڪڙين جو ڪڙڪو، مارشلائي دورن ۾ پوليس، فوج جون ڪاروايون بہ سندس اکين آڏو رهيون.

آٽين ۽ چاڙهين، ٻارن جو بک ۾ روڄ راڙو، غربت، مفلسي، مظلوميت وڏيري، جو هاري تہ تشدد، انساني حقن جي پٽمالي تي شاعر تڙپيو آهي، شاعري آهي جو نہ ساهہ پري شي کي انصاف پلؤ پوي ٿو نہ هن غريب جي جاڳڻ، تڙپڻ مان جند ڇُٽي ٿي. قول ۽ فعل جي اصولي ڳالهہ سبب هي اڪثر ڊاڪٽرن، اديبن، اڳواڻن دوستن، سماجي تنظيمن ۽ ادبي لڏي جي دعويدارن سان نہ سهمت ۾ رهيو آهي. مصلحت پسندي نہ هئڻ ڪري انهن ۾ فٽ ٿي نہ سگهيو آهي. سندس شاعري جو پهريون ڪتاب "آزادي-او-آزادي" سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي امنگن جو عڪس آهي.

ممتاز مصطفيٰ دوست

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڻو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ چاهي ٿا** ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بيان تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book